# تاريخ خاصخيلي

(ضميمو، تاريخ، ملڪ، گدا ۽ گولا)

ليکڪ:

**رحيمداد خان مولائي شيدائي**

نظرثاني:

**خالق ڏنو خاصخيلي**

ڇپائيندڙ:

**مولائي شيدائي اڪيڊمي سکر**

**سڀ حق ۽ واسطا اڪيڊمي وٽ محفوظ**


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | تاريخ خاصخيلي |
| ليکڪ: | رحيمداد مولائي شيدائي |
| سهڪار: | خالق ڏنو خاصخيلي |
| پروف ريڊر: | استاد عبدالرسول "دربان" خاصخيلي |
| ڇاپو: | ڦهريون ۱۹٦۲ع. |
| ٻيو ڇاپو: | 2018ع. |
| تعداد: | 1000 |
| ڪمپوزنگ: | شڪور حسين ڏهر |
| قيمت: | 200 روپيه |
| ڇپيندڙ: | مولائي شيدائي اڪيڊمي سکر |


**ملڻ جو هنڌ / پوسٽ آفيس / وي.پي زريعي گهرائڻ لاءِ:**


## خالق ڏنو خاصخيلي

پوسٽ آفيس ٽالپر وڏا / بوزدار وڏا

تعلقه ٺري ميرواهه ضلع خيرپور ميرس، سنڌ

اي ميل: khaliquekhaskheli@gmail.com

موبائيل: 0301-3430296

# فهرست

1. پنهنجي پچار.................................. 05
امير علي بروهي

2. ٻئي ڇاپي لاءِ .................................. 07
خالق ڏنو خاصخيلي

3. تاريخ خاصخيلي جو تنقيدي جائزو............... 13
عبدالرزاق خاصخيلي لاسي

4. حقيقي ۽ جامع انداز ۾ تاريخ سهيڙڻ جو ڪم........ 35
سرائي نياز حسين خاصخيلي

5. جامع انداز ۾ تحقيقي ڪم ”تاريخ خاصخيلي“..... 38
عبدالغني خاصخيلي

6. خط.......................................... 40
ليکڪ جا ليکڪ ڏي

7. حڪيم نور محمد خاصخيلي پاران................. 54
حڪيم نور محمد خاصخيلي

8. عرض حال.................................... 57
رحيمداد خان مولائي شيدائي

9. بني نوح انسان سان نا انصافي..................... 59

سيئي جوين ڏينهن، جڏهن سڄڻ سفر هليا!
روئان رهن نہ سپرين، آيل! ڪريان ڪيئن؟
مونکي چاڙهي چيئن، ويو وڻجارو اوهري!





(مرحوم)
حڪيم نور محمد خاصخيلي

(مرحوم)
رحميداد خان مولائي شيدائي

# نوشته بماند سيئه برسفيد

# نوسيند را نيست فردا اميد

ترجمو: اڇي پني تي ڪارا لکيل اکر تہ دائمي رهي سگهن ٿا.
مگر ويچاري لکندڙ کي سُيان تائين زنده رهڻ جي پڪ نہ آهي.

# پنهنجي پچار

رحيمداد خان مولائي شيدائي اڪيڊمي پنهنجو ڪم جاري رکيو پيو اچي، اسان پنهنجي مختصر اڪيڊمڪ عمر ۾ ٻه ڪتاب اڳ ۾ ڏئي چڪا آهيون. سکر جا مسلمان ۽ هندو بزرگ ۽ تاريخ بلوچستان. ڪتاب مختصر تاريخ بلوچستان جو پهريون ڇاپو اٽڪل ستر سال کن اڳ ۾ آيو هو ۽ في الوقت ڪتابي دنيا ۾ ناپيد هو، ڪتاب سکر جا مسلمان ۽ هندو بزرگ قلمي صورت ۾ موجود هو، انهن ٻنهي ڪتابن کي اسان مولائي شيدائي اڪيڊمي جي پليٽ فارم تان ڇپايا.

هن دفعي اسان ٻه ڪتاب آڻي رهيا آهيون (۱) سنڌ جا پراڻا شهر (۲) تاريخ خاصخيلي، اهي ٻئي ڪتاب پنهنجو پيو جنم ڏسي رهيا آهن تاريخ خاصخيلي سن ۱۹۶۱ع ۾ حڪيم نور محمد خاصخيلي جي سهڪار سان ڇپيو هو. اٽڪل مني صدي ڪان پوءِ هاڻي محترم خالق ڏنو خاصخيلي جي سهڪار سان شايع ٿي رهيو آهي هي ڪتاب پنجن بابن تي مشتمل آهي پهرين باب ۾ اسلام کان اڳ مختلف تهذيبن ۾ قوميت ۽ نسل جي بنياد تي تهذيبن جو ورثاءُ ڏنو ويو آهي، ٻيو باب رنگ ۽ نسل جي اعتبار کان اسلام جي مساوات ۽ برابري واري تعليمات جو ذڪر ٿو ڪري، ٽيون باب تاريخ جي وچين دؤر متعلق آهي، جنهن کي قرون وسطيٰ چوندا

آهن ان ۾ خاصخيلي لفظ تي تحقيق ۽ ذات جو نسب آيل آهي. ان سان گڏو گڏ خاصخيلي قبيلي جي فوجي ڪارنامن کي بحث هيٺ آندو ويو آهي، چوٿون باب پندرهين صدي کان اوڻويهين صدي تائين جي حالتن تي مشتمل آهي، پنجين باب ۾ زميني طور، ملڪ، گڏا ۽ گولا قبيلن کي آندو ويو آهي انهن بابت عام ماڻهن جي غلط فهمين کي دور ڪيو ويو آهي ڪتاب جو اختتام قول فيصل تي ڪيو ويو آهي. هي ڪتاب عالمانه طرز تي، عام فهم ٻولي ۾ تصنيف ڪيو ويو آهي. اميد آهي ته جديد نسل جي تاريخ ۽ قومي سمجهه جا اُفق روشن ڪندو. هن ڪتاب جا 60 سال اڳ ۾ مضمون ۽ باب ڪجهه رسالن ۾ ڇپيا هئا جيڪي ان دؤر ۾ اُن اديبن کي جواب ڏنا ويا هئا جنهن ليکڪن هن قبيلي کي نوڪر ۽ ٻيلي جو درجو ڏنو هو. هن ڪتاب لکڻ لاءِ ان دؤر ۾ حوالي طور يا روايت طور ڪو خاص مواد نه پئي مليو پر نانا وڏي تحقيق ڪري مواد گڏ ڪيو هو، هن قبيلي تي هي پهريون ڪتاب هو ان بعد هن قبيلي تي تاريخ جي تحقيق لاءِ ٻين اديبن هن ڪتاب کي سامهون رکي ڪتاب لکيا. اسين هن ڪتاب کي ڇپائي فخر محسوس ڪريون ٿا.

امير علي بروهي
ڏوهٽو رحميداد خان مولائي شيدائي
سکر
15-01-2018

# ٻئي ڇاپي لاءِ

خالق ڏنو خاصخيلي

رب العالمين هي ڪائنات ڪهڙي مقصد لاءِ جوڙي تنهن لاءِ ڪنهن جي ٻه راءِ حتمي نہ ٿي سگهي. ڪائنات ڪيئن جڙي؟ تنهن لاءِ سائنسدان چون ٿا تہ ڪربين سال اڳ ۾ دنيا ۾ هڪ وڏو ڌماڪو "بگ بين" ٿيو جنهن جي ڪري ڪائنات وجود ۾ آئي هن ڌرتي تي هڪ قوم آئي تہ ٻي قوم وئي ڏاڍي قوم هيٺي کي محڪوم بنايو ائين قومن جي تاريخ بدلجندي رهي سڄي دنيا ۾ انسان جون اوائلي آباديون ملن ٿيون جنهن جي اجان تائين مڪمل کوجنا نہ ٿي سگهي آهي. هاڻي جيڪي قومون ۽ قبيلا رهن ٿا سي سڀ حضرت نوحؑ ۽ انهن جي ماڻهن جو اولاد آهن.

سنڌ جون اصل ۽ قديم ذاتيون جنهن سما جت ۽ مهاڻا جنهن مان ٻيون نيون ذاتيون پيدا ٿيون جيڪي سڄي سنڌ ۾ پکڙيل آهن سنڌ جي سرموڙ ليکڪ ۽ تاريخدان مرحوم رحيمداد مولائي شيدائي جنهن تاريخ جا واهڙ وهائي ڇڏيا تن ۾ اسان تي لکيل مشهور ڪتاب تاريخ خاصخيلي بہ هڪ آهي خاصخيلي قبيلي جو درد رکندڙ جنهن شيدائي صاحب کي پهريون خط لکيو سو مهان ماڻهو حڪيم نور محمد خاصخيلي هو جنهن لاڙ مان شيدائي ڏانهن قومي خط لکيا تہ اسان جي تاريخ واضع ڪئي وڃي اسين ڏاڍا پريشان آهيون حڪيم نور محمد اِهو بہ لکيو تہ اوهان

تاريخ خاصخيلي لکو آءُ ڇپائيندس ان بعد مولائي شيدائي پهريون مضمون ١٩٦٠ع ۾ رسالي ڳوٺ سڌار کي موڪليو. ان بعد خاصخيلي قبيلي کي ساهه پئجي ويو تہ اسين هڪ عظيم بهادر ۽ جهادي قبيلي مان آهيون اسان جي قبيلي اسلام تي سر ڏنا آهن.

ان بعد سڄي سنڌ مان مولائي صاحب ڏي خطن جو وسڪارو ٿي ويو نيٺ هڪ سال جي اندر هن مهان ماڻهو زندگي جي آخري سالن ۾ تاريخ خاصخيلي کي ترتيب ڏئي ١٩٦١ع ۾ حڪيم نور محمد خاصخيلي کي قلمي صورت ۾ حوالي ڪيو ١٩٦٢ع ۾ هي شُهره آفاق ۽ ناياب ڪتاب مارڪيٽ ۾ اچي ويو سڄي سنڌ ۾ وهوا ٿي وئي. انهن ٻنهي مهان ماڻهن تي الله سائين جي رحمت وسندي رهي جن هن قبيلي کي وري جياريو آهي هاڻي اهي ٻئي شخصيتون هن دنيا ۾ نہ رهيون آهن شيدائي صاحب ١٩٧٨ع ۾ ۽ حڪيم نور محمد خاصخيلي ١٩٨٦ع ۾ وفات ڪئي.

مٿي منجهہ ڪي ماڻهو ڇڏي وڃن ٿا واس
تن جي سار ۾ سالن تائين سارو لوڪ اداس

هن ڪتاب ڇپائڻ ۾ عبدالله خان خاصخيلي جون مالي خدمتون بہ هيون جنهن ١٩٦٦ع ۾ هي جهان ڇڏيو پر سندن ڪيل ڪارنامو ۽ ڪم تاريخ ۾ درج آهي وڪي پيڊيا ۾ لکيل آهي تہ:

Khaskheli (Sindhi: خاصخيلي) is a Sindhi tribe in Sindh and Balochistan, Pakistan. The tribe trace its linkages as offshoot of Samma tribe in Sindh.

Khaskhel is a tribe in Sindh. This a warrior clan which came with Mohammad Bin Qasim and defeated Raja Dahir. After the death of Mohammad Bin Qasim they stayed in South Asia and spread the Islamic religion. They last fought against the British rule under the Talpur Dynasty of Sindh.

After the fall of the Talpur dynasty in Sindh they were dispersed by the British rulers, some of them were arrested and hanged with their supporter Pir Pagara. They were the first clan to allow marriage outside and due to this they were scattered all over the South Asia.

خاصخيلي قبيلو ١٣٠٠ سؤ سال اڳ سنڌ ۾ آيو. خاصخيلي اصل عرب قبيلو آهي ڇو تہ هن جي نالي مان عربي اکر واضع آهي سنڌ ۾ عرب قديم زماني کان وٺي سنڌ ۾ ايندڙ ويندڙ آهن هو تجارتي ماڻهو هُئا سنڌ ۾ سندن ڪوٺيون هيون خاص خيل لفظ جي وضاحت هن طرح آهي تہ خاص صفت آهي معنیٰ چڱو، چونڊيل، اتم، اعلیٰ، اوچو، شاندار، افضل، وڏيل، نج، مکيہ، دلچسپ، لاجواب، گهراڻو، پارٽي، انبوھ، جماعت يا شهسوار، گهوڙي سوار جهاد ڪندڙ عربي ۾ خيل اصل ۾ گهوڙن کي چيو ويندو آهي مگر هت خيل مان مراد جماعت آهي خاصخيلي قبيلي وارن جڏهن جهاد ڪيو ۽ سلطان جي لشڪر جي اڳواٽي ڪئي تہ ڪين نالو خاصخيلي ڏنو ويو خاصخيلي هڪ عظيم قبيلو آهي جيڪو عربستان کان مصر، مصر کان هندستان ۽ هندستان کان لسٻيلي سنڌ ۾ داخل ٿيا ان بعد دنيا جي مختلف ملڪن ۾ پکڙجي ويا.

هن ڪتاب تاريخ خاصخيلي ڇپائڻ جي منهنجي هڪ ديرينہ خواهش هئي جيڪا اڄ پوري ٿي آهي اها قوم بدنصيب قوم آهي جيڪا پنهنجي وڏن جي ڪارنامن کي پلائي ڇڏي ٿي هونئن بہ سنڌ ۾ ذات ۽ قوم لاءِ ايتري قدر پوڄا ڪئي وڃي ٿي جو هندن وٽ بتن لاءِ ايتري قدر پوڄا ڪانہ ڪئي وڃي ٿي.

ڪن مورخين هميشہ خاصخيلي قبيلي جي تشخص کي نيست نابوت ڪرڻ لاءِ انگريزي دؤر کان چال هلندڙ آهي خاصخيلي قبيلي کي بي گريڊ ڪرڻ ۽ غلط معنائون ڪڍي غلط رنگ ڏنو ويو. خاصخيلي سنڌ ۾ هڪ تاريخي قبيلو آهي جن جي سپاهيانا زندگي شاندار ماضي جي ان سونهري دؤر جي ياد ڏياري ٿي تاريخ ۾ خاص ۽ خيلي جو سفر حضرت ابراهيم[۴] کان اڳ ملي ٿو خاص خيل خيل بن ريام بن الحارث بن عبدالمدان بن حمير بن رعين بن ابن زيد بن الغوث بن سعد بن عوف بن عدي بن مالڪ بن زيد بن شداد بن الهاد بن حمير الاصفر بن سبابن ڪعب بن زيد الجمهور بن سهيل بن عمرو بن قيس بن معاويہ بن الجشم بن وائل بن الغوث بن قطن بن عريب بن زهير بن ايمن الهميع بن العرنج بن حمير الاڪبر بن سبن يشجب بن يعرب بن قحطان بن حود[۴].

خاصخيلي قبيلو سنڌ جي قديم ذات آهي اوائلي دؤر ۾ خاصخيلي ذات کي جنگ جي ميدان جو غازي ۽ شهيد چيو ويندو هو خليفہ حضرت عمر فاروق جي وقت ۾ جڏهن ايران تي مسلمانن جي فتح حاصل ٿي تہ ان موقعي تي گهوڙا تمام گهٽا هئا، ايرانين

جي شڪست جو سبب هي هو تہ سپاهين ۾ خاصخيل جا دستا هيا ڪتاب انسائيلوپيڊيا آف انڊيا ۾ لکيل آهي تہ:

Khaskheli is a Sindhi tribe found in the province of the Sindh in Pakistan and the state of Gujrat India the tribe trace its linkages of to shoot of sama. Tribe in Sindhi in Gujrat.

خاصخيلي قبيلو سنڌ، گجرات ۽ هندستان ۾ پکڙيل آهي قبيلائي طرح سمان قبيلي کان الڳ آهي.

خاصخيلي قبيلي جو تعلق راجائن ۽ بادشاهن ۽ امير طبقي جي ماڻهن سان هو بادشاھ جي خاندان ۽ انهن جي شهزادن جي ذاتي ڪمن کان وٺي حڪومتي معاملن جي نگراني ۽ سنڀال ڪندا هئا. خاصخيلي قبيلي جا ماڻهو وفادار ۽ بهادر نيمڪ حلال ۽ اعتماد وارا هئا جيڪي بادشاهن جي خاص ڪيفيت نويس هيا. خاصخيلي قبيلو ۷۱۲ع ۾ جنرل محمد بن قاسم سان سنڌ ۾ آيو خاصخيلين ديبل، نيرون ڪوٽ، سيوستان، برهمڻ آباد ۽ ملتان تائين جهاد ۾ حصو ورتو خاصخيلي بعد ۾ ملڪن جا بادشاھ وزير ۽ مشير رهيا آهن ان بعد ٽالپرن سان انگريزن خلاف لڙايون ڪيون ان بعد پير پاڳارن سان گڏجي انگريز ملٽري سان معرڪا ڪيا سنڌ جي هر تاريخي ڪتاب يا جنگ ۾ سندن نالو سونهري لفظن ۾ لکيل آهي.

لک احسان مايا ناز ليکڪ رحيمداد مولائي جا جنهن هن قبيلي کي ترجيح ڏئي وڏي مهارت سان تحقيق ڪري منظر عام

تي آندو. ماضي ۾ هي قبيلو جنگجو ۽ بهادر رهيو آهي ڪنهن به دؤر ۾ هن قبيلي هارايو ناهي سنڌ ۾ ڪافي قبيلا آهن جن ڏارين کان سر، خان ۽ نواب جا لقب وٺي جاگيرون حاصل ڪيون مگر هن قبيلي پنهنجي وطن ۽ ماڻهن جي حفاظت خاطر سرن جا نذرانا ڏنا ۽ ڏاڍ اڳيان نہ جهڪيا. بقول شاهہ صاحب جي:

بهادر گڏيا بهادرين ڪڙڳ ڪلوڪ ڪن،
وجهن ڏڙ ڏڙن تي هاڪارين هڻن،
ڪرن ڪنڌ نچن رڻ گجو راڙو ٿيو.

منهنجي وڏي خواهش هئي تہ هن ڪتاب کي ٻيهر ڇپائي دوستن تائين پهچائجي، وڏي سوچ ويچار کان پوءِ ان خواب کي اڄ تڪميل ڏئي رهيو آهيان. اڄ دلي سڪون محسوس پيو ڪيان تہ گهڻي دير بعد منهنجي خواهش پوري ٿي آهي. آءُ استاد عبدالرسول دربان خاصخيلي، عبدالرزاق خاصخيلي ۽ امير علي بروهي جن جو شڪر گذار آهيان جن هن ڪم ۾ منهنجي همٿ افزائي ڪئي، حڪيم نور محمد خاصخيلي جي اولاد مان سندن پٽ محمد سليمان خاصخيلي جن جو رابطو بہ مونسان رهيو، جيڪو پنهنجي والد جون ساروڻيون ساري رٽائرمينٽ واري زندگي گذاري رهيو آهي. سندن پوٽي استاد شوڪت علي خاصخيلي جي بہ مهرباني. آءُ هن ڪتاب کي ٻيهر ڇپائي خوشي محسوس پيو ڪيان. وڏيڪ اوهان جي راين جو انتظار رهندو. (20-02-2018)

# تاريخ خاصخيلي جو تنقيدي جائزو

اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين
آديسي اٿي ويا مڙهيون مون مارين
جي جيءَ کي جيارين سي لاهوتي لڏي ويا.

محترم مکرمي رحيمداد مولائي شيدائي صاحب جنت نظير شاداب ۽ آباد امڙ سنڌ جي اونداهي راتين ۾ علم جي چمڪندڙ لاٽ سنڌ ملڪ جو مهرو محبت جي علامت هن جو ثبوت هن جي شهر آفاق ڪتاب جنت السنڌ ۽ ٻيا ثبوت آهن. الله ڏنو خاصخيلي جي ڪلام وانگر:.

جنت الفردوس آهن ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون

هي ٻئي سنڌو ماٿري جا ڪردار اسان مڙني سنڌين کي رڃ ۾ روئاري هن فاني دنيا مان دارالبقا ڏانهن رخت سفر ڪري هليا ويا الله ڏنو خاصخيلي ايم.اي انٽرنيشنل افيئرس ۽ رحيمداد شيدائي صرف ميٽرڪ پاس ڪئي رحميداد جي ٻئي ڪتاب "تاريخ بلوچستان" ۽ "تاريخ خاصخيلي" هن جو سنڌين ۽ بلوچن سان والهانہ عشق باالخصوص خاصخيلي قبيلي جي پاڳي پائيوار هن تاريخ خاصخيلي لکي اسان سان هئڻ جو ثبوت ڏنو پاڻ بروهين جي نقيب قبيلي مان هو جيڪا خاصخيلين جي هڪ نُک آهي نقيب ميرو نالي هڪ شخص جيڪو پنجگور ۾ وڏو جاگيردار ۽

ميرواهڙي بروهين جو سردار هن جي پٽ عمر ميرواهڙي براهوي قبيلہ هڪڙي مڙيءَ ۾ ميڙي سهيڙي بروهوي ايلمان بمعنىٰ براهوي اتحاديہ قائم ڪري قلعو لغاڙ مستونگ تي قبضو ڪري پاڻ قلات جو خان ٿي ويٺو. براهوي اتحاديہ ۾ هر قبيلي جو ڪم جدا هو جنهن جو ذميدار قبيلي جو سردار هوندو هو سردار ميرواڙي ملڪ جو خان آف قلات ڪي جوابده هر بروهي ڪنهن نسلي لساني گروهہ جو نالو ناهي تهذيب يافتہ قومن وانگر بروهي پاڪپي ۾ جنهن بہ جيترو حصو ورتو سو بروهي سڏجڻ لڳو رحميداد شيدائي صاحب ۱۹۶۲ع ايوبي گورنمينٽ پاڪستان جي زماني ۾ اسان جي خاصخيلين تي مهرباني ڪئي هئي سو قرض لاهڻ لاءِ آءُ سندس قوم بروهي جنهن ڪي سنڌي بروهي شامي بروزي معنىٰ وادي بروزه شام رهڻ وارا خاشي ”خاشخيلي“ قصبو موآب ملڪ شام جا وارا بني يروشلم وارا بني فلسي فلسطين وارا بني قبطي مصر جا فرعون لقب لڪڻ وارا بادشاهہ تاريخ خاصخيلي ۾ رحميداد شيدائي غلطي ڪئي آهي تہ قبطي غلام هئا قبطي قبيلي مان شاهان مصر فرعون هئا هن قبيلي جي حڪومت هئي البتہ حضرت ابراهيم عليہ السلام جي پوٽي حضرت يعقوب عليہ السلام جنهن جو لقب اسرائيل هو هن ڪي مجڻ وارا بني اسرائيل سڏبا هئا هنن جون بہ نسلون هيون هڪڙا حضرت نوح عليہ السلام جي پٽ حام جي نسل مان جيڪي ڪاري ۽ ڪٽڪائي رنگ وارا هُئا ۽ ٻيا پٽ نوح عليہ السلام سام مان هوا جنهن مان عرب ايراني ۽ پٺاڻ اڇي چمڙي وارا

ٽيون پٽ يافث هن جو اولاد ترڪ رومي يوناني ۽ يورپين ڳاڙهي رنگ وارا.

حام بن نوح عليہ السلام جا پٽ ڪوش قنعان قفص ”ڪرد“ سنڌ بنو بلوش حبش سوڊان السامره شهر شام جا سومرا آهن بحوالہ قصص الانبياءَ عليہ السلام مصنف ابن ڪثير بلوچستان قديم ۽ جديد مصنف گل خان نصير انگريزي ڪتاب:

Search light on Baloch and the Balouchistan by Mr. Khuda Bux Khan bijarani Maree Chief Justice Balouchistan High Court.

جڏهن سنڌ مسلم لا ڪاليج ڪراچي مان ايل ايل بي پڙهيم ٿي تہ مون سان گڏ قلات جا بروهي بہ پڙهندا هئا تن مان هڪڙي مون سان سوال بروهي ٻولي ۾ ڪيو ”ڪنا ايلم عبدالرازق جان ني بروهي ٿي حبراڪ حال سرپند مسوس“ ادا منهنجا عبدالرزاق جان تون بروهي ٻولي ۾ حال احوال ڪيان سمجهين ٿو مان جواب ڏنو مانس ”هؤ نمانن انت حبراڪ پاننگ ناخواسہ اي گيشتران و گيشتر بروهي ٿي حبراڪ نن هم حرفنگ خواننگ اٿ. ها مان نہ صرف بروهي ٻولي ڄاڻان ٿو پر لکي بہ سگهان ٿو.

نماڊس نشان بلوچستان ٿي اراڙ ي تنهنجو بلوچستان ۾ اتو پتو ڪٿان جو آهي ڳوٺ سردار ملان رمضان خاصخيلي موضع دنگ صابره تحصيل لاڪڙا ضلع لسٻيلہ بلوچستان پاڪستان.

آخري فرعون بادشاهہ کي نجومين ٻڌايو تہ بني اسرئيل مان هڪڙو ٻار پيدا ٿيندو جيڪو تنهنجي سلطنت ختم ڪندو فرعون خدائي جو دعويدار هو پر ضعيف الاعتقاد هو هن حڪم ڏنو تہ جتي بہ بني اسرائيل مان ٻار ڄمي تہ هن کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ تمام بني اسرائيل کي غلام ڪري سخت پورهئي سان بيگار ڪرايو هن جو اوچڻ ۽ بوچڻ ادنیٰ درجي جو هجي اها ڳالهہ جيڪا رحميداد ڪئي آهي تہ غلامي قبطين کان ڪرائي ويندي هئي سان غلط آهي فرعون قبطي قبيلي جو هو البتہ غلامي بني اسرائيل کان ڪرائي ويندي هئي بني اسرائيل امت آهي قبيلہ هنن جا جدا آهن مثال (۱) فلسطي قنعاني (۲) بني حمد (۳) بني مدين (۴) بني لوط (۵) بني اغالب (٦) بني اغريڪش (۷) بني غور (۸) بني خاشي ”خاشخيلي“ جا جد امجد قيس (۹) بني بروزه شام هاٽي بروهي (۱۰) بني نبت (۱۱) بني قبطي (۱۲) بني قنعاني (۱۳) بني سامره يعني سومرا الڪوشاني سامرا بن ڪوش بن حام بن نوح عليہ السلام بحوالہ ڪتاب فتوح البلدان ص ۲۳۵، ۲۳٦ مان مصنف جابر الشبير بلا ذري بني ڪتامہ اغالبہ بني طفج بني لمطونہ بني زناطہ بني سجلماسہ بني قنعان بني ڪوش بني بربر بحوالہ ڪتاب مقدمة الخلدون ص ۱۷۱، ۱۷۹ مصف عبدالرحمٰن ابن خلدون.

محترم رحميداد شيدائي نقيب بروهين ۾ نقيب خدمتگار نوڪري پيشہ قبيلي کي چيو ويندو آهي جيڪي ميرواڙي حڪمرانن لاءِ سير و سفر ۾ خيما کوڙڻ سندن هم سفرن لاءِ رڌ پچاءُ

جو سامان پاڻي ڪاڏي پيتي جو انتظام ميرواڙين جي جاگيرن تي هارپو ڪرڻ يعني درزدگان وانگي مخلوط نسل آهن هنن جي ابتدا بروهين جي شيدياڻي ٻانهين سان شادي ڪرڻ سان ٿي پر ڏيئون پٽ بروهين شيدين کي ڪونہ ڏنائون بحوالہ ڪتاب برهوي اتحاديہ الفت نسيم خضداري مير رحيمداد خان سمن کي مهاراجہ ڪرش جي زال ڄاميوڻي مان ٿو لکي تہ سمان نئون مسلم هندو راجپوت آهن سما سراسر نج عربي لفظ آهي عرب جي عمده نسبي قبيلي جي شاخ آهن جنهن کي قبيليو قريش ٿو چيو وڃي.

جيئن عرب بلوچ کي بلوشي ڪراچي کي ڪراتشي پاڪستان کي باڪستان ۽ بلوچستان کي بلوشستان سنڌي ساقوره کي ساڪرو بني بقر کي بقيرو ساڪري جو ڏيہ بقيراڻي بني تميم کي ٿهيم فوجي نظام ميسره کي مهيسر ميمنہ کي ممڻ.

هي جيڪو ڊاڪتر نبي بخش خان بلوچ سنڌي لغت ۾ گڏو معنیٰ ٻن نسلن وارو ص ٢٦٠ جلد پهريون سراسر غلط آهي گڏو جڙتو خود ساختہ بناوٽي آهي عرب جي حڪمران قبيلي شريف النفس جهاد ڏانهن يا غدر ڪرڻ واري کي الغدرُ يا آل غدرا چوندا آهن ڪتاب مصباح اللغات العربيہ مولانا ابوالفضل الغدره ص ٥٩٢.

**ملڪ ڪير آهن**: عربي زبان ۾ زير زبر پيش قرآن شريف تي واليءِ عراق حجاج بن يوسف لڳرايا هئا هن ڪان پهرين عجمي نان عرب قرآن غلط پڙهندا هئا سنڌي ۾ بہ زير زبر پيش

غلط لڳائڻ سان معنيٰ بدلجو وڃن. مثلاً ملڪ معنيٰ زر خريد غلام ملڪت معنيٰ زر خريد ٻانهي وري ميم لام زبر مل لام ڪاف زبر ملڪ معنيٰ بادشاهه صوبيدار. بادشاهه جا مقرب ماڻهو نظميات بيوروڪريسي اعليٰ عملدار امرا ۽ وزير وغيره پٺاڻ هڪ دلير جنگجو آزاد طبع قوم آهي گڏاؤن پشاور ۽ سندن پسگردائي ۾ رهي ٿو هن جو نالو آهي گڏاؤن پشاور جي وڏي ملز ايريا جنهن جو نالو آهي گڏاؤون امازئي انڊسٽريل اسٽيٽ اڄ بہ موجود آهي قنڌار جي ڀهراڙي ۾ وادي ارغنداب جي اتر طرف هڪڙو جبل آهي جنهن جو نالو ڪوهه گڏان آهي.

سيد بهادر شاهه ڪاڪا خيل سابق وائيس چانسلر پشاور يونيورسٽي سندن ڪتاب پشتون تاريخ جي آئيني ۾ لکي ٿو تہ ”خاشي“ خاصخيلي ۽ غوري سرابني قيسي پٺاڻن جا اَباڻا آهن هنن مان ميهمند خليل گيگلاني غر گشتي، جوگيزئي، اڇڪزئي، غلزئي ترين، احمد زئي، خوانين قلات، بارڪزئي آخري افغانستان جا بادشاهه تغين ايبڪ باروزئي، يوسف زئي، داؤدزئي، حسن زئي، خاشين ۽ غورين جي اولاد جا پاڙا آهن هن گڏائون بہ خاشي قبيلي مان پيدا ٿيا آهن ارغنداب جي وادي ۾ ڪوهه گڏان تي غوري گڏائون يوسف زئي رهيل هيا ان هيٺ ارغنداب جي زميني علائقي مان دريا خاشي گذرندو هو جنهن جي هڪڙي ڪپ تي خاشي خيل (خاصخيلي) کيتي ٻاڙي ڪندا هئا ٻئي ڪپ تي ترين کيتي ٻاڙي ڪندا هئا خاشين پنهنجون زمينون ترينن کي

وڪيون ۽ ڪابل ۾ ڪپڙي ڪراڪري ۽ ڪمبلن جا دڪان کوليائون ۽ مالدار ٿي پيا. سيپارو ۴، سورة 'الِ عمران، آيت **۱۹۹**

وَإِنَّ مِنۡ أَهۡلِ ٱلۡكِتَٰبِ لَمَن يُؤۡمِنُ بِٱللَّهِ وَمَآ أُنزِلَ إِلَيۡكُمۡ وَمَآ أُنزِلَ إِلَيۡهِمۡ خَٰشِعِينَ لِلَّهِ

**ترجمو:** اهل ڪتاب ۾ اهڙا ماڻهو بہ آهن جيڪي الله تي بہ ۽ قرآن تي بہ ۽ جيڪو هنن تي نازل ڪيو ويو آهي سڀ تي ايمان رکن ٿا ۽ پوءِ الله ڪان ڊڄڻ وارا آهن. (تفسير ابن ڪثير).

سيپارو اول، سورة بقره، آيت **۴۵**

وَٱسۡتَعِينُواْ بِٱلصَّبۡرِ وَٱلصَّلَوٰةِۚ وَإِنَّهَا لَكَبِيرَةٌ إِلَّا عَلَى ٱلۡخَٰشِعِينَ ﴿٤٥﴾
ٱلَّذِينَ يَظُنُّونَ أَنَّهُم مُّلَٰقُواْ رَبِّهِمۡ وَأَنَّهُمۡ إِلَيۡهِ رَٰجِعُونَ ﴿٤٦﴾

**ترجمو:** سمجهو ٿا تہ جيڪڏهن اوهان مال دولت جي حب سان ايمان آڻڻ ڏکيو لڳي تہ مدد وٺو صبر ۽ نماز ڪان بيشڪ نماز ڏکي ضرور آهي پر جنهن جي قلب ۾ خشوع خضوع آهي انهن لاءِ ڪجهہ ڏکي ناهي اهي خاشعين اهڙا ماڻهو آهن جيڪي خيال رکن ٿا تہ بيشڪ هو ملڻ وارا آهن پنهنجي رب سان ۽ پڻ هن ڳالهہ جو بہ خيال رکن ٿا تہ واپس وڃڻ وارا آهن پنهنجي رب وٽ.

هنن ٻنهي آيتن ۾ لفظ خاشعين الله پاڪ ڪتب آندو آهي خاشعين جو واحد خاشيع آهي جنهن جي معنىٰ آهي عاجز پسند ماڻهو رکوع ۽ سجدي ڪرڻ وارا ماڻهو عرب ملڪ شام ڪي السيريا

انهي لاءِ چوندا آهن جو هي سيريائي عربي ڳالهائن ٿا بني خاشي در اصل لفظ خاشع جو نعم البدل آهي معنىٰ ساڳئي اٿس.

## خاشي + خيل

سيپارو ١٠، سورة الانفال، آيت ٦٠

وَأَعِدُّواْ لَهُم مَّا ٱسْتَطَعْتُم مِّن قُوَّةٍ وَمِن رِّبَاطِ ٱلْخَيْلِ تُرْهِبُونَ بِهِۦ عَدُوَّ
ٱللَّهِ وَعَدُوَّكُمْ وَءَاخَرِينَ مِن دُونِهِمْ لَا تَعْلَمُونَهُمُ ٱللَّهُ يَعْلَمُهُمْ وَمَا تُنفِقُواْ
مِن شَيْءٍ فِى سَبِيلِ ٱللَّهِ يُوَفَّ إِلَيْكُمْ وَأَنتُمْ لَا تُظْلَمُونَ ٦٠

ترجمو: ۽ هن ڪافرن سان اوهان ڪان جيتري قدر ٿي سگهي قوت (هٿيار، تلوارون، نيزا، ڀالا، تير ڪمان) ۽ پاليل گهوڙن سان سامان (لغام، سمب ۽ سواري جا پاکڙا) درست رکو ۽ هنن جي ذريعي اوهين پنهنجو رعب ڇمائي رکو پر (جيڪي ڪفر جي وجه سين) الله جا دشمن آهن ۽ اوهان جا پڻ دشمن آهن ۽ ٻيا بہ جن کي توهان نٿا ڄاڻو انهن کي الله ئي ڄاڻي ٿو ۽ اوهان لاءِ ئي ڪا گهٽتائين ڪين ٿيندي.

قرآن حڪيم ۾ بني اسرائيل جي پيغمبرن جو پڻ ذڪر آهي جيڪي گذريل آيتن ۾ خاشين جنهن جو واحد خاشع معنىٰ عاجز پسند رڪوع ۽ سجدي ڪرڻ وارا صوم الصلٰوت جا پابند متقي پرهيزگار ٿي سگهي ٿو.شامي عربي ۾ هنن کي خاشي چيو وڃي ٿو تنهن بابت خان روشن خان ڪتاب يوسف زئي قوم کي

سر گذست ۾ هيئن لکيو آهي تہ قبائل خاشي ۽ گوريا خيل (يوسف زئين جا اباڻا) هنن جا ماتحت قبيلا سندن اصل وطن هتان کان هنن جي ڏيهہ نيکالي جا سبب ۽ مضافات ۽ سلطنت کابل ۾ اچڻ صفحو ۱۱.

اڪثر محققين جو پختو رايو آهي تہ يوسف زئين جا ابا ڏاڏا خاشي خيل ۽ گوريا خيل ملڪ شام جي علائقي موآب جيڪو اوپر ۾ ملڪ اردن جي سرحد جي ويجهو هو اتي رهندا هئا درياءِ اردن موآب وارن خاشي ۽ گورين جون زمينون آباد ڪري قنعان مان ٿيندو بحر قلزم ۾ چوڙ ڪندو هو.

شام ۾ پيا قبيلا جيڪي رهندا هئا تن جو حال علامہ عبدالرحمٰن ابن خلدون سندن ڪتاب مقدمة الخلدون ۾ هيئن ڏنو آهي تہ وادي بروزه شام بروزي (بروهي) وادي موآب خاشي (خاشيخيل بالآخر خاصخيلي) ۾ رهندا هئا.

ايران جي بادشاهہ شهنشاهہ لهراسپ جي غلام جو پٽ بخت نصر بابل عراق جو والي هو لهراپ بخت نصر کي حڪم ڏنو تہ وڏي تياري سان بني اسرائيل جي ملڪن تي حملو ڪري ستياناس ڪري بخت نصر ٻارنهن لک فوج اٺ گاڏين گهوڙي سوارن جديد تلوارون تير ڪمان ڀالا خنجر باهہ لڳائڻ واريون منجنيقون ساڻ ڪري عراق مان روانا ٿيا انهي وقت شام جي ارامي بادشاهن جا خواش الملڪ خاشخيل هئا انهن شام جي بادشاهن کي صلاح ڏني

تہ بخت نصر سان پاڻ پڃي نہ سگھنداسين جي اجازت هجي تہ امن و امان جون ڳالهيون ڪريون هن بهاني سان خاشي شام ڇڏي ايران جي صوبي ڪرمان ۽ سيستان جي علائقي ۾ اچي رهيا جنهن تي خاش ڊويزن نالو پيو معنيٰ خاشي قبائل جو مسڪن. حوالو: يوسفزئي قوم ڪي سرگذشت، پيو ڪتاب قصص الانبيا، ٽيون ڪتاب تاريخ طبري مولف جرير طبري جلد اول.


بخت نصر بني اسرائيل جي شهرن کي ڪنڊر بنائي ڇڏيائين بادشاھ زادين کي اگھاڙو ڪري بازارن ۾ ڦيرايائين ستر هزار بني اسرائيل قتل ٿيا بيت المقدس ۾ سوئر ڪهرائي تنهن جو رت پٽن تي اڇلرايائين ستر هزار ٻارڙا پاڻ سان غلام بنائي بابل وٺي ويو بني اسرائيل ۾ اهڙي ڀاڄ پئي جو شام، فلسطين، يروشلم ۽ مصر ملڪ مان ملڪ بدل ٿي ويا ۽ دنيا ۾ ٽڙي پکڙجي ويا اڄ انهن ملڪن تي عربن جو غلبو آهي.

## سنڌ جا غلام ڪير هئا:

رحيمداد شيدائي تاريخ خاصخيلي ۾ لکي ٿو تہ خاصخيلي عرب ناهن هي متعرب آهن عربي ۾ متعرب وڏي معنيٰ انگيز اصطلاح آهي يعني اهي ماڻهو جيڪي عربن جي شجري مان ناهن ڌارين ملڪن جهڙوڪ حبشہ تنزانيه سنڌ ۽ هند مان هجرت ڪري جزيره نماعربستان ۾ آيا عربي ٻولي ۽ ثقافت اختيار ڪري عرب ٿي ويا شيدائي صاحب جو اشارو سنڌ جي دراوڙ نسل ڪاري

ماڻهن جي طرف آهي جنهن لاءِ ايڇ ٽي ليمبرڪ سندس ڪتاب هسٽري آف سنڌ جلد پهرين ۾ هيئن لکيو آهي تہ موئن جي دڙي جي کوٽرائي بعد اسان معلوم ڪرڻ ۾ لڳي وياسين تہ هاڻي موئن جي دڙي وارن جي باقيات کهڙي آهي آرنئيل اسٽائن چيو آهي تہ جهالا وان سروان جي بروهي ٻولي دراوڙي آهي جيڪي آرين لاءِ ميدان ڇڏي هن غير آباد جابلو علائقي ۾ تورانين سان گڏجي انهي لاءِ رهڻ لڳا تہ پرڏيهي حملہ آورن لاءِ هن علائقي ۾ ڪوئي ڪشش ناهي هتي هو آرام سان رهڻ لڳا پٻ جبل جا ڇتا بڪڪ گائينچا سندن پاڙيسرين جي چوڻ مطابق موئن جي دڙي وارا دراوڙن مان آهن منڇر ڍنڍ جا مهاڻا ۽ ملاح بہ دراوڙ آهن لسٻيلي جا ميد ۽ جت پڻ دراوڙ آهن جيئن جيئن لاڙ سنڌ ۽ پنجاب ڏانهن آريا وڌيا پراڻن ماڻهن کي (دسيو) معنيٰ غلام ۽ سندن عورتن کي داسي معنيٰ غلام زادي هاڻي توهان پاڻ اندازو لڳايو تہ لسٻيلي جا ماڻهو جت جدگال، ميد مهاڻا ڇتا بڪڪ هنن سان بيڙان ميد ماڇي جت غلام بنايا ويا هنن جا وار ٻوراٽا آهن پر رنگ ڪارو يا ميٽوڙو هو آرين تڏهن هنن تي غلامانہ قوانين لاڳو ڪيا هتي تہ گدا قوم جو تہ ذڪر ئي ناهي دراوڙ سنڌ ۽ بلوچستان ۾ حضرت نوحؑ جي پٽ حام جي اولاد مان ڪوش ۽ ڪوش جي اولاد سوڊان حبش سنڌ ۽ هند آهن هي گهٽو ڪري ڪاري رنگ ڳنڍيدار وار هند ۽ سنڌ وارن جا وار تہ ڊگها گهاٽا آهن پر سندن رنگ ڪارو يا ڪٽڪائو آهي بلوچستان جي اديب مير گل نصير سندن ڪتاب بلوچستان قديم

۾ جديد ۾ لکيو اٿس تہ بلوچ نوح نبي جي پٽ حام ۾ پوٽي ڪوش جي اولاد مان پهرين بلڪوشان سڏبا هئا پوءِ جڏهن مڪران ۽ سيستان پهتا تہ بلڪوشان مان بلوچان ٿيا. اهڙا ئي خيال محترم جسٽس خدا بخش مري ۽ سردار خان ڪشڪوري ظاهر ڪيا آهن تہ سفيد رنگي آرين جي غلامن جو دائرو بروهي بلوچن تائين وڌي ويو جيستائين خاش خيلين جو تعلق آهي تہ هو عرب قبيلي امراء القيس جي اولاد مان آهن امراء القيس جو شجرو حضرت نوحؑ جي جي پٽ سام سان وڃي ملي ٿو جنهن جي اولاد ايراني ۽ پٺاڻ آهن هي سڀ اچي چمڙي وارا ماڻهو آهن هنن حوالن جي روشني ۾ مولائي شيدائي جي ڳالهہ غلط ٿيو وڃي تہ خاصخيلي عرب نہ متعرب آهن. خاش خيلين جو شجرو سيد بهادر شاهہ سندس ڪتاب پشتون تاريخ جي آئيني ۾ هيئن ڏيڪاريو آهي.



عبدالرشيد قيس شجرو خيريت خان سندس فارسي ڪتاب تنبيه الفافلين ۾ هيئن ڏيکاريو آهي تہ عبدالرشيد قيس جي اولاد ڪمند خان جا ڀہ پائر زمند ڪانسي انهن مان ڪمند خان اولاد خاشي خيل گوريا خيل شيخا خيل هاڻي قيس عبدالرشيد امراء القيس جو شجرو خيرت خان ۽ سندس ڪتاب فارسي ۾ هيئن ڏنل آهي قيس بن عيص بن سلول بن عتبہ بن نعيم بن مره بن جلندر بن اسڪندر بن آمان بن غنم بن مهلول بن شلم بن صلاح بن قارود بن عثم بن غنم بن بهلول بن ڪرم بن عمال بن حذيفہ بن منهال بن قيس پيو بن عليم بن اشمول بن هارون بن قمرود بن مصيب بن لوئي بن عاميل بن تارح بن آزر بن مندول بن صلم بن آبابن بن ارمياعہ بن سارول بن قيس ٽيون بن عتبہ بن عيص بن روئيل جهن جو زراخ آهي بن يهوداؑ بن يعقوبؑ بن اسرائيل بن اسحاق بن ابراهيم بن تارخ بن آذر بن ناخور بن سروغ بن اسود بن عابد بن سالخ بن ارفخشند بن سام بن نوحؑ بن سام بن نوح عربن ايرانين جو ابو آهي بشمول پناڻ هن شجري مان صاف ظاهر آهي تہ خاشي خيل خالص عرب آهن بقول مولائي شيدائي جي هو عرب نہ متعرب آهن سندن ڳالهہ غلط آهي پر هو جنهن ڳالهہ تان ڏوڪو ڪائي ويو آهي سا ڳالهہ مان نٿو پوري ڪيان.

چچنامو سنڌ جي شروعاتي تاريخ آهي جيڪا علي بن عبدالله عربي ۾ **٢٢٥**هہ ۾ لکي تاريخ فتوح السنڌ جي نالي سان لکي جنهن جو فارسي ۾ ترجمو علي ڪوفي ڪيو هن فارسي

ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ سنڌ ۾ غلامي جو دؤر سنڌين جي ايران جي فوج ۾ شموليت ڪرڻ پوءِ ايرانين سان غداري ڪري مسلمان ٿي افواج عرب جو ساٿ ڏيڻ چاليهہ هزار سنڌين جو بغداد بصري ۽ ڪوفي رهائش ڪرڻ جو حال درج ٿيل آهي.

اسين عرض ڪري آيا آهيون تہ آريا قوم جيڪا سفيد رنگي هئي تن دراوڙ نسل هندي سنڌي دراوڙ نسل هندي، سنڌي ماڇي، ملاح، بڪڪ، چنا، جاٽ، جٽ، جت ۽ ميندن مان واڍيلا ۽ پنڊ هنن قومن مان موندرا، مانڊڙا، برفت، پالاري، سوريہ، سمٽيا، گائچا، گانچي بره، سهته لاسي، جدگال کي دسيو معنیٰ غلام داسي معنیٰ غلام عورت کي لکيو ويو آهي. تاريخ چچنامہ فارسي ۾ لکي ٿو تہ برهمڻ، کتري ۽ مندرن جا پروهت پاڻ کي اوچي ذات وارا سفيد آرين جا اولاد آهن باقي جت سنڌي ۾ جٽ پنجاب ۾ جاٽ هندستان ۾ سڏجن ٿا جڏهن مهاراجہ چچ بن سيلائج سنڌ جي گادي تي ويٺو تہ هن چچ خاندان جو بنياد وڌو اهو ئي سبب هو جو علي ڪوفي جي ڪتاب فتوح السنڌ جو ترجمو ڪرڻ کان پوءِ ڪتاب جو نالو چچنامہ فارسي سنڌي ادبي بورڊ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سنڌي ۾ ترجمو ڪيو.

مهاراجہ چچ لوهاڻن جتن وٽان هي شرطون منظور ڪرايائين تہ جنهن مطابق جتن کي اڇوتن ۽ شودرن جهڙيون پابنديون عائد ڪيائين هن ڏس ۾ محقق هوڙي والا چوي ٿو مهاراجہ چچ جتن سان چنڊالن (غلامن) جهڙو ورتاءُ ڪيائين جن جي

باري ۾ منو رام ديوتا جو چوڻ آهي تہ جتن کي شهرن کان ٻاهر رکيو وڃي ڪتن ۽ گڏهن کان سواءِ ئي جتن جي ڪا ملڪيت نہ هجي انهن جي پوشاڪ مئل ماڻهن جي استعمال شده ڪپڙا هجن انهن جا ٿانء لوهہ جا ٽيڙا ميڙا هجن هنن جي عورتن جا زيور زنگ آلوده لوه جا هجڻ جت سنڌ جا قديم باشندا آهن شڪ آهي تہ هنن کي آرين ۽ فاتحن (برهمڻن راجا راجپوتن) هنن کي هڪ دردناڪ غلامي تي پهچايو ڪروڪ (Crock) جي بيان جي جٽ قبيلي وارن کي راجپوت پٽڪو ٻڌڻ کونہ ڏيندا هئا جتن کي سرخ رنگين ڪپڙا پهرڻ جي اجازت نہ هوندي هئي، شادي جي موقعي تي هنن جي گهوٽن کي موڙ ٻڌڻ جي اجازت نہ هئي ۽ زالن کي نٿ وجهڻ جي اجازت نہ هئي جتن جي زالن سان پهرين رات راجپوت همبستر ٿيڻ فرض هو بحوالہ ڪتاب (Tribes/ Casts of the north west province) هاڻي برهمڻن مهاراجہ چچ جي جتن کي غلام بڻائڻ آرين جو مهاڻن ماڇين، لوهاڻن، گائيچن، بڪڪن، چڻن، ميدن ۽ سنڌالن مطلب تہ سنڌ لسبيلي جي دراوڙ نسل جنهن کي ايراني درآورده انهي لاءِ چون ٿا جو هزارن ۾ سندن عورتن جون عصمتون بچائڻ لاءِ سنڌ مان هجرت ڪري ايران جي مهاراڻي پوران بخت وٽ پناهہ گزين ٿيا اهي قبيلا هئا جت، سوريہ، انگاريہ، آگريہ ۽ ملاح. بلاذري ص ۵۳٦ الاندغار آگره الاسواري سوريہ الملا موهاڻہ الزط جت الاغاني ۽ انگاريہ.

عرب سنڌ بلوچستان جي شهرن جا نالا ۽ قبيلن جا نالا عربي ٻولي ۾ ڦيرائيندا هئا مثلاً قلات کي قيقان، خضدار کي قصدار، پنجگو کي بانزه بور، ڪيچ کي ڪيز اهڙي طرح سان قبيلن جا نالا سور کي السواري آگريو کي الاندغار انگارين کي اغاني جت کي الزط ملاح کي ملاحان چوندا هئا.

مذڪوره تمام قبائل سنڌي ايراني فوج ۾ هئا هي چاليهه هزارن کان مٿي هئا هي تمام سنڌي يزرد گرد پرويز ساساني ايران سندن مقبوضہ جات جيڪي ايراقي هئا اتي تعنيات ڪيا ويا سندي سپاهہ جي ڪمانڊر سياه الاسواري ۽ شيرويہ پاڻ ۾ صلح ڪئي تہ ايراني عربن کان جنگ هارائي ويندا بهتر اِهو آهي تہ پاڻ ڪن شرطن تي سڀئي سنڌي مسلمان ٿيون ۽ عربن جو ساٿ ڏيون هن لاءِ ايراني سپاهہ جي ڪمانڊر عرب لشڪر جي ڪمانڊر ابو موسیٰ اشعريؓ کي پيغام موڪيائون تہ اسين سنڌي چاليهہ هزار فوجي ايرني فوج ۾ آهيون اسين مسلمان ٿي اوهان عربن جي دشمنن سين قتل عام ڪنداسين پر اوهان جي فوج ۾ اسان کي شرفدار عهده ملڻ کپن ٻيو اسين ايران مان پنهنجا ٻار ٻچا ۽ زالون آڻي بعداد بصري ۽ ڪوفي ۾ رهائينداسين اوهين عرب اگر پاڻ ۾ وڙهيا تہ اسين غير جانبدار رهنداسين اگر عرب اسان سان وڙهيا تہ خلافت اسان کي تحفظ ڏيندي. ابو موسیٰ اشعريؓ سنڌي قبائل افواج ايران جون سڀ ڳالهيون خليفي حضرت عمرؓ کي لکي روانيون ڪيون خليفي عمر فاروقؓ ابو موسیٰ اشعري کي جواب

لکي موڪليو تہ سنڌي قبائل ايرانين کي ڇڏي مسلمان ٿيڻ چاهين ٿا تہ هنن جا سمورا مطالبا منظور ڪري تنهن ڪان پوءِ الاندغار آگريہ الاغاني ۽ اڱاريہ السيابجہ الزط جت الا سواريہ سوريہ يا لسبيلي جا سور قبيلي جا ماڻهو الملاحان مهاڻہ بغدادي بصري ۽ ڪوفي رهايا وڃن هن سنڌين جي تعداد ۾ ٢٢ هجري ۾ ٻچن ٻارن سوڌو چاليهہ هزار آبادي هئي جيڪي عرب کي وطن بنائي هميشہ هميشہ جي لاءِ رهي پيا بحوالہ ڪتاب فتوح البلدان.

مولانا عبدالخیر مودودی الملاح کے ضمن میں لکھتے ہیں یہ سندھی قوم تھی جو زندانوں کی دیکھ بھال کرتی تھی۔ بحوالہ تاریخ طبری۔ (امام جریری طبری جلد دوئم)۔

مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي هڪ ٽي وي انٽرويو ۾ چيو تہ امام اعظم ابو حنيفہؒ نعمان بن ثابت ذات جو جت سنڌي هو حضرت عليؓ جي هڪ گهر واري سنڌياڻي هئي قرآن شريف جو پهريون ترجمو گمان آهي تہ عراق ۾ ويٺل سنڌين ڪيو هو.

رحميداد شيدائي چئي هي جيڪي سنڌي ايرانين ڪان بغاوت ڪري بغداد ۽ بصري ۾ رهائش پزير ٿيا هئا خاصخيلين کي انهن مان سمجهائين تڏهن غلطي ڪئي اٿائين تہ خاصخيلي عرب نہ متعرب آهن. هن صاحب جي معلومات مالڪ شام عرب قبائل متعلق ايتري نہ هئي، نتيجي طور هو غلام اقوام جي داستان گوئي بيان ڪري ويو.

اسين فرمائي چڪا آهيون تہ سنڌ جي راجائن ذات پات تي مبني نظام لاڳو ڪرڻ سان سندن حڪومت عدم استحڪام جو شڪار هئي عوام جو وڏو حصو غلامن کان بدتر شود جي نالي ۾ تمام بنيادي انساني حقوق کان محروم هئا نتيجي طور هو احساس محروميت ۾ مهاٽا بحري قزاقي جت، ڄٽا، بڪڪ زميني جرائم ۾ مشغول ٿي ويا، ٻيو سنڌ ملڪ جون ڪمزورين جا راز اهي ئي سنڌي جيڪي بغداد بصري ۾ وڃي رهيا عربن کي سنڌ جي اندروني حڪومت جون ڪمزوريون پيا ٻڌائيندا هئا مهاراجائن سنڌ جي فوج آڌو بہ ڪم هئا هڪڙو گهٽ ذات وارن سان مُنهن ڏيڻ مجرمانہ سرگرمين کي منهن ڏيڻ جيڪي متوازي فوج ٿي ملڪي فوج تي حاوي ٿيندي ٿي وئي هن جي برعڪس عرب قبائل غير مسلمن سان وڙهڻ الله جو فريضو سمجهندا هئا ٻيو گهٽ ذات وارا ماٺهو هندو مذهب کان بہ نالان هئا هو موقعي جي تلاش ۾ هئا، اسلامي دنيا طرفان ڪو ڪٽڪ ماٺهن جو اچي انصاف تي مساويانہ مبني نظام لاڳو ڪري توهان ڏسندا محمد بن قاسم سان بني خاشين، بني مغيره، بني مره، بني رئيسي، بني ثقفي، بني بقر، بني انمار، بني تميم، بني بقر، بني ريام، بني رزد جو لشڪر آيو تہ ماٺهن دهل شرناين تي محمد بن قاسم جو استقبال ڪيو. سنڌي وڏي چاهہ سان مسلمان ٿيندا ويا محمد بن قاسم جي لشڪر خاشي قبائل خاصخيلي چالهہ هزار هئا. ”ڪٽي منجهہ ڪرار“ جي مثل اچ خاصخيلي رڳو سنڌ ۾ پنجاهہ لک کان وڌ آهن.

خاشي خيل تنهن کان پوءِ ملڪ شام مان لڏ پلاڻ ٥٧٠ قبل مسيح کان پوءِ يارهن سؤ سال پوءِ ڪرمان ۽ ۽ خاش ڏويزن سيوستان ۾ رهڻ سان خاشي خيل مان نالو بدلجي خاش خيل يا خاصخيلي ٿيو.

## خاصخيلين ۽ سمن جو مِٽيون مائٽيون ۽ سندن سلطنتون ۽ نامور بادشاهه

سمه هڪ عربي قوم آهي جا حضرت ابراهيم[ع] کان پوءِ سندن شجرو سام بن نوح[ع] سان ملي ٿو تاريخ معجم القبائلها العرب خاصخيلين جو شجرو بہ حضرت ابراهيم[ع] سان ملي ٿو تنبيه الغافلين ۾ مصنف خيريت خان اهڙي طرح سان سماء ۽ خاصخيلي پاڻ ۾ مائٽ آهن.

سلطنت سامانه سمن جي پهرين حڪومت ڄام جمشيد کان پوءِ ٢١٠ هجري ۾ خاشي خيلن ۽ سمن گڏجي خراسان تي سمه سلطنت جو پايو وڌو عمرو بن ليث جي خلافت بغداد ۾ پيشي کان پوءِ امير اسماعيل سمه (ساماني) ڪي خراسان جو حاڪم مقرر ڪيو ويو حلوان ماوراالنهر (وسطي ايشياء) ترڪستان سنڌ ڪرمان سندس حڪومت ۾ شامل هئا خواش الملڪ درباري وزراء ۽ فوجين جا ڪمانڊر خاشخيلي هئا. هن هوندي بہ هو خليفي بغداد عباسي خليفي جو ماتحت هو جڏهن امير اسماعيل بيمار ٿيو تہ هن ڪي رزمان ڪٽي ويا جتي هن جي ذاتي جاگير هئي ٢٢٥ هجري ۾ هن

فارموزو پاريو **٣١٥** هجري کان **٣٢٠** هجري تائين بن الياس هن جو لقب ابو علي هو سڄي ڪرمان ۽ بلوچستان سنڌ تي حڪومت ڪيائين.

امير اسماعيل سامامہ کان بعد امير احمد بن اسماعيل سلطنت جو وارث ٿيو مگر **٣٠١** هجري ۾ هي ماريو ويو امير احمد کان پوءِ هن جو پٽ امير سعيد ابوالحسن نصر بن احمد بن اسماعيل تخت نشين ٿيو هن مورالنهر فارس ڪرمان بلوچستان سيتان سنڌ پائي تخت شهر ڄام افغانستان امير سعيد هجري **٣٣١** ۾ لاڏاڻو ڪيو هن کان پوءِ هن جي پٽ نوح بن نصر سماء (ساماني) حڪومت ڪئي هن جي فوج ۾ خاشخيلين جي ذيلي شاخ تغي جم تغين مان سبڪ تگين خاش خيلي فوجين جو ڪمانڊر هو هن کي سبڪ انهي لاءِ چوندا ها جو هن جو هلڻ چڙڪو تکو هو نوح بن نصر **٣٧٩** تائين حڪومت ڪئي بخاره ۽ سمرقند ۾ بڪتاشي ترڪن بغاوت ڪئي حڪم بموجب شهنشاهہ نوح بن نصر سپہ سالار سبڪتغين کي حڪم ڏنو تہ بخاره ثمرقند جي بغاوت ڪچلي سبڪ تگين خاشي پٺاڻن جي چوويهہ قبيلن جو جد امجد سردار هو هن ميهمند مسحودي خيل يوسف زئي، ترخاني، توخي غوري، داؤد زئي، گگياني ساڻ ڪري بڪتاشين کي شڪست فاش ڏني جنهن تي نوح بن نصر خوش ٿي سبڪ تگين کي غزني افغانستان جو بادشاهہ بنايائينس آخري سماني بادشاهہ ابوالحارث بن نوح بن

نصر متوفي ٣٧٩ کان پوءِ سموري سلطنت جا وارث تگين خاشي خيل ٿيا. نمرودي شهر ثمرقند جي قريب آهي.

حوالہ جات: (١) مختيارات من التاريخ مصنف حميداللّٰه المستوفي فارسي (٢) ڪتاب بلوش حضارۃ العرب مصنف ڊاڪٽر محمد اسماعيل عمان العربيه.

ملتان ابتداء کان سنڌ جي عرب گورنرن منصوره جو تخت هو مگر ٣٠٠ هجري کان پوءِ ملتان جو تعلق ڪٽجي ويو ملتان هڪ خودمختيار رياست بنجي ويو مورخ مسعودي جو بيان آهي تہ جڏهن هو ٣٠٤ هجري ۾ ملتان پهچو تہ ملتان ۾ سمه بن لووي بن غالب جي خاندان جي حڪومت هئي هن وقت ملتان ۾ ابوللباب بن منبہ اسد بن سما بن لوئي بن غالب قريشي جي حڪومت هئي ملتان هڪ سر سبز شاداب علائقو هو ملتان ۾ هندن جو مندر هو هن ۾ هڪ مورتي هئي هن جي عبادت لاءِ پري کان سفر ڪري هندو ايندا هئا هن مورتي تي نهايتي قيمتي تحفہ چڙهايا ويندا هئا موتي، جواهرات، سون ۽ چاندي عنبر ۽ ٻيو خوشبودار شيون هن مورتي تي چڙهائيندا هئا. جنهن جي وجہ سين هتان جي فرمانروا کي وڏي آمدني ٿيندي هئي. ملتان کي فرج بيت الذهب معنیٰ سون جي سرحد بہ چيو ويندو هو. بحوالہ (١) ڪتاب مروج الذهب جلد اول (٢) ڪتاب عرب و ہند کے تعلقات۔

ابن هرقل بغدادي سندس ڪتاب صورة الارض ۾ لکي ٿو تہ ٢٢٥ هجري ۾ جڏهن آءُ ملتان پهتس تہ هتي ساما بن لوي بن غالب قريشي جي حڪومت هئي هنن جي حڪومت جون حدون بلوچستان ۽ سڄي سنڌ تائين هيون هي خدمختيار بادشاه هئا ملتان شهر کان ٿن فرلاگن تان ڀهراڙي ۾ هڪ وڏي ڇانوڻي هئي جنهن ۾ هزاين گهوڙا ٻڌل هئا انهن سوارن ۾ خاش الخيل (خاصخيل) لاءِ هڪ وڏي ڪالوني هئي. بہاولپور کے خاصخیلی مصنف چودھری اسلم راہی ۔ جڏهن کان بهاول خان داؤد پوٽو ڪلهوڙو عباسي سندن لکين مريدن جنهن ۾ خاصخيلي ڪثرت سان هئا اچي جنوبي پنجاب تي قبضو ڪيائون ۽ ملڪ جو نالو بهاول پور رکيائون، بهاول خان جو سندس پياءُ رحيم يار خان جي نالي رحيم يار خان جو شهر ٻڌو ۽ پيو پياءُ صادق علي خان جو نالو صادق آباد ۽ سندس سپاه خاصخيلين لاءِ ڪالوني ۽ ڪيس زمينون ڏنائين.

خاصخيلي عبدالرزاق لاسي
ڪراچي
02-02-2018

# حقيقي ۽ جامع انداز ۾ تاريخ سهيڙڻ جو ڪم

رحيمداد خان مولائي شيدائي سنڌ جي تاريخ جوهڪ ناليوارو ڄاتل سُڃاتل تاريخدان جي حيثيت سان پنهنجي قلم جي جنبش سان وسيع تحقيق ۾ هڪ وڏو نالو آهي، پاڻ پنهنجي ذات ۾ تمام گهڻين ادبي خوبين سان ياد ڪيو وڃي ٿو اهڙي علمي خدمت جي حوالي سان سندس نالو هميشہ روشن رهندو. مولائي صاحب سنڌ جي تاريخ جي حوالي سان جيڪو تحقيقي ڪم ڪيو آهي ان قسم جو ڪم شايد ٻئي ڪنهن علم دوست اديب ڪيو هجي، پاڻ علم ۽ عقل جي ڪاڻ ثابت ٿيا ، چڱي ڪم ڪرڻ جي ڪيس ڪي بي پناهہ ڄاڻ هوندي هئي ۽ سندس تحقيقي ڪم ڪرڻ جو پنهنجو هڪ الڳ نرالو ۽ منفرد انداز هوندو هو .

ماضي جي تاريخ تي نظر وجهنداسين تہ ڪي اهڙا بہ ماڻهو هئا جيڪي ان دور ۾ پنهنجي قبيلي ۽ نسل ڪي وڏائي چڙهائي بيان ڪندا هئا ۽ ٻين قبيلن جي سُنن عملن ڪي پنهنجي ڪاتي ۾ شمار ڪرائي اعزاز ۽ لقب حاصل ڪندا هئا، يا ڪي اهڙا بہ اثر رسوخ وارا دولتمند ماڻهون هوندا هئا جيڪي پنهنجي ڏاڍ ۽ جبر سان مخلص ماڻهن ڪي پنهنجي ذاتي استعمال ۾ آڻي انهن ڪان ڏکيا ڪم وٺڻ جي فرمائش ڪندا هئا.٦١- ١٩٦٠ع جي ڏهاڪي ۾ سنڌ ۾ پڻ اهڙيون حالتون هيون جو ان قسم جون ڏاڍ ۽ جبر واريون روايتون هلنديون هيون، غريب ۽ شريف ماڻهون پنهنجي قبيلي جي سُڃاڻپ ڪان

لنوائيندا هئا ، اهڙين حالتن کي محسوس ڪندي حڪيم نور محمد خاصخيلي پنهنجي قبيلي جي ماڻهن سان ٿيندڙ اهڙي قسم جي تنگ نظرئي واري هلچل ۽ ماحول کي جڏهن محسوس ڪيو تہ پاڻ سنڌ جي ناميار تاريخدان جناب رحيمداد خان مولائي شيدائي سان رابطو ڪري ڪين قبيلي سان ٿيندڙ نا انصافين جي حقيقت بيان ڪئي ۽ شيدائي صاحب کي خاصخيلي قبيلي جي تاريخ سهيڙڻ جي استدعا ڪئي ، مولائي صاحب حڪيم نور محمد صاحب جي ان شعوري عمل کي محسوس ڪندي سندس عرض کي لبيڪ چوندي رحيمداد خان مولائي شيدائي پنهنجي مصروف وقت مان تاريخ خاصخيلي جي بلڪل صحيح رُخ کان ڇنڊ ڇاڻ ڪري حقيقي ۽ جامع انداز ۾ تاريخ سهيڙڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو ۽ تاريخ سهيڙڻ ۾ وسيع تحقيق ۽ قبيلي جي پنهنجي تاريخي پسمنظر کي ڪتابي صورت ۾ محفوظ ڪيو ۽ مڪمل طرح سان تاريخ ڏئي ڪري اسان تي هڪ وڏو احسان ڪيو .تاريخ خاصخيلي ڪتاب ساهه ۾ سانڍڻ جهڙو ثابت ٿيو. ۽ قبيلي جا ماڻهون ڪيس کي سڪ ۽ عقيدت جي اظهار ۾ هر وقت ياد ڪندا رهن ٿا. " تاريخ خاصخيلي " تحقيقي لحاظ کان وڏي اهميت وارو ڪتاب آهي چو تہ تحقيقي ذوق رکندڙ علم دوست صاحبن جي دلچسپي لاءِ هڪ معياري مواد وارو ڪتاب ثابت ٿيو آهي.

حڪيم نور محمد خاصخيلي هڪ انتهائي ساڃاهه وند ۽ ڏاهي قسم جو عظيم انسان هو ، هي اهو دور هو جڏهن با اثر

ماڻهون بغير ڪنهن تاريخ جي حوالن سان خاصخيلي قبيلي کي گمنام رکندا پئي آيا ۽ مختلف نالن سان کين پُڪاريندا هئا، جيڪا ڳالهہ حڪيم نور محمد صاحب کي پسند نہ آئي ۽ کيس خاصخيلي قبيلي جي حقيقي حسب نسب جي حقيقي معنيٰ ۾ تحقيق ڪرڻ جو دل ۾ خيال پيدا ٿيو تہ جيئن ڪو شڪ ۽ گُمان نہ رهي ، غالبن ان دور ۾ پاڻ ڪيترين ئي ڏکوئيندڙ ڳالهيون ٻڌيون ۽ ڏٺيون هونديون.

حقيقت ۾ خاصخيلي قبيلو نج سماٽ خاندان سان تعلق رکي ٿو ، سنڌ جا قديم حڪمران خاصخيلي قبيلي کي وڏي عزت ، وفادار ۽ اعتماد واري نظر سان ڏسي کين کي خاص ذميواريون پڻ ڏيندا هئا. اڄ جڏهن اسان پنهنجن انهن ٻنهي محترم شخصيتن جنهن ۾ مرحوم رحيمداد خان مولائي شيدائي ۽ مرحوم حڪيم نور محمد خاصخيلي جي ڪيل هيڏي وڏي علمي ڪم تي نظر وجهي فخر محسوس ڪندي انهن تي ناز ڪريون ٿا ۽ سندس کي عقيدت ڀرين احساسن ۽ جذبن سان ميجتا ڏيندي سُنہرن لفظن ۾ ياد ڪري رهيا آهيون، ڇو تہ اهو سندن گهڻ پاسائين شخصيتن ۽ چڱن ڪمن جي ياد جو نتيجو آهي. مان اُميد ٿو ڪريان تہ آئيندهہ پڻ اسان جا اهل قلم وابستہ اديب ۽ دانشور سنڌ جي مختلف قبيلن تي صحيح رُخ ڪان تحقيق ڪري پڙهندڙن تائين ڄاڻ پهچائڻ ۾ پنهنجو بنيادي فرض ادا ڪندا. ساٿ سلامت. (20-02-2018)

سرائي نياز حسين خاصخيلي (خيرپور ميرس)

# جامع انداز ۾ تحقيقي ڪم "تاريخ خاصخيلي"

اُها حقيقت آهي تہ سنڌ جي تاريخ هجي يا بلوچستان جي تاريخ هجي ان علمي ڪم جي تحقيق تي جيترو ڪم اسان جي محسن ۽ عظيم انسان رحيمداد خان مولائي شيدائي ڪيو آهي شايدئي ٻئي ڪنهن محقق ايترو ڪم ڪيو هجي.!! ۽ اهڙي طرح سنڌ جي چپي چپي جي جهڙي طرح هن تاريخدان تاريخ سهيڙي علمي ميدان ۾ جيڪا مثالي خدمت سرانجام ڏني آهي اُها سندن ڌرتي سان محبت جو لازوال مثال آهي. تاريخي ڪتابن تي نظر وجهنداسين تہ اڪثر ڪتاب انهن قبيلن جي تاريخ تي لکيا ويا آهن جنهن جو ڪنهن نہ ڪنهن دور ۾ حڪمراني جو دور رهندو آيو آهي. مولائي شيدائي جو تعلق جيتوڻيڪ هڪ بلوچ قبيلي سان آهي پر پاڻ جهڙيءَ طرح ڏکين مرحلن مان گذري وسيع تحقيق ڪري "تاريخ خاصخيلي" سهيڙي جامع انداز ۾ قلمبند ڪيو آهي اُها سندن ان سچائي ڪي تاريخ سان دلچسپي رکندڙ ادب نواز ، اهل قلم ۽ روح پرور شخصيتون وڏي قدر جي نگاهہ سان ڏسن ٿيون. پاڻ تاريخ جو مڪمل احاطو ڪيو اٿن ۽ سندن تحقيقي ڪم مان اڄ جو نوجوان ڀرپور ڄاڻ حاصل ڪري رهيو آهي ۽ آئيندهہ جي محققن ۽ پڙهندڙ جي لاءِ هڪ وڏي ڄاڻ جي راهہ هموار ڪري ڇڏي آهي.

مولائي شيدائي صاحب هڪ بيباڪ ۽ پُروقار شخصيت جو مالڪ هو، سنڌ جي تاريخ جي هن عاشق ڪي تحقيقي ڪم تي هر

پڙهندڙ ڪيس سُنن لفظن ۾ ياد ڪندو رهي ٿو ۽ سنڌ جي نسل در نسل جو مٿس هر وقت سلام ۽ عقيدت اظهار رهندو اچي ٿو . ٻئي طرف اسان مرحوم حڪيم نور محمد خاصخيلي جهڙن اهل شعور شخصيتن تي بہ فخر ڪريون ٿا جن خاصخيلي قبيلي جي تاريخ سهيڙڻ جي ضرورت ڪي محسوس ڪيو ۽ پنهنجي قبيلي جي ماضي جي تاريخ جي حقيقت معلوم ڪرڻ لاءِ سنڌ جي ناليواري تاريخدان رحيمداد خان مولائي شيدائي جي نالي جي چونڊ ڪئي ۽ ساڻس مسلسل رابطي ۾ رهندي قبيلي جي تاريخ لکرائي ڪتابي صورت ۾ ڇپائي قبيلي جي وجود کي حقيقي روپ ۾ اُجاگر ڪري پڙهندڙ جي سامهون آڻي پنهنجي فرض جو پورائو ڪري وڏو مانُ ۽ رُتبو حاصل ڪيو. اگر حڪيم صاحب اهڙو علمي قدم نہ کڻي ها تہ هن وقت خاصخيلي لفظ جو نالو نشان نہ هجي ها. شيدائي صاحب جون تحقيقي مرڪزن ۾ ڪيل علمي ۽ ادبي خدمتون هميشہ ياد رهنديون. محترم خالق خاصخيلي جي سهڪار ۽ واڌاري سان هن ڪتاب کي ڇپائي منظر عام تي آندو آهي.

ياسر عبدالغني خاصخيلي
اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان
سکر

30 مارچ 1961 **خط** (1)

# رئيس المؤرخين فخر سنڌ ماياناز مورخ اقوام عالم علامہ مير رحيمداد خان صاحب مولائي شيدائي

عرض تہ هت سڀ خير آهي الله پاڪ خير ڪندو آمين!

قبلہ ساءِ ارادو هو تہ جملي رقم ڪني موڪلي ڏيان مگر قدرتاً زر و زيان زماني کان مجبور ٿي مبلغ **٥٠** رپيہ ارسال خدمت آهن جي مليا هوندءِ باقي رقم قوي اميد تہ انشاءَ الله تعالیٰ **١٥** اپريل **١٩٦١** اندر پهچي ويندا. جنهن لاءِ توهان صاحب پيو ڪجھ بہ ويچار نہ فرمائيندا. اطمينان قلب ۽ زور قلم سان محو حيرت تصنيف فرمائي اقوامِ عالم جي غلط خيالي لا سجده سهو ثابت ٿيندا انشاءَ الله العزيز غريب نواز باقي رقم لاءِ وڌيڪ ڪو بہ خيال نہ فرمائيندا. قبلا سائين هزار مبارڪن جا مستحق آهيو اسان جي ساري ذات وٽ واجب العزت آهيو اجا بہ تاريخ شايع ٿيڻ بعد سائين جن لاءِ قوم وٽ ڪافي عزت رهندي هن خاڪ سار جو بہ اِهو ئي خيال آهي تہ جن قومن کي پنهنجي قوميت جي ابتدائي حالتن جي ڪا بہ خبر نہ آهي اوهان جهڙن بزرگن کان پنهنجو صحيح تاريخون ٺهرائي مستقبل روشن بنايون انشاءَ الله پنهنجو هلندڙ ڪم مڪمل ٿئي تہ پوءِ بہ اخبارن ۽ رسالن ۾ پين ذاتين کي بہ پنهنجي قومي

تاريخن ڏانهن متوجہ ڪبو انهن فنون ۽ لطيفا تي توهان صاحبن ڪان وڌيڪ پيو ڪونہ ٿو سجهي.

(نوٽ) سنڌ جا بلوچ خاصخيلين کي پنهنجا ٻانها ڪيئن بنائيندا رهيا ۽ غلام شرعي لاءِ تبصرو فرمائيندا.

ٿر ۾ بجير ذات آهي جنهن ۾ مسلمان بہ آهن هندو بہ انهن کي خاصخيلي چوندا آهن ان لاءِ سمجهاڻي هجي تہ بهتر آهي. قبلا معاف فرمائيندا. آءُ وقتن سائين جن کي پريشان ڪن معلومات لاءِ عرض ڪندو آهيان. قبلا ڪوئي فڪر نہ ڪندا اسان غريب قبيلي جي پارت اٿو. اهڙي محقق ۽ شاندار تاريخ تصنيف فرمائيندا جو هڪ عمده مثال ٿي رهي ۽ اميد تہ اردو ۽ فارسي زبانن ۾ ترجمو ڪري ڪتاب عام ڪيو ويندو انشاءَ اللّٰه.

غريب النواز تاريخ تمندن سنڌ خريد ڪريان ها مگر هاڻي تہ انتظار تبرق آهي البعد.

دعاگو دراز عمر حڪيم نور محمد خاصخيلي مستند منج الطب ڪاليج لڪنئو انڊيا.

27 فيبروري 1961 **خط** (2)

# قبلا محترم رئيس المؤرخين غريب النواز جناب مير رحميداد خان مولائي شيدائي

عرض تہ خيرت طرفين نيڪ مطلوب قبلا ڪجھ عرصي کان آءُ ٺيڪ نہ هيس ۽ قبلا والد صاحب بہ ڪافي عرصہ ضعيف هئا ۽ هن وقت حضرت والده صاحبہ جي اکين جي آپريشن لاءِ ڪجھ وقت کان ميرپور خاص ترسيل آهيون ۽ ٻيو سڀ خير آهي اڄ ڪلھ جي مشڪلاتن کان بہ هر هڪ انسان پريشان آهي قبيلي جي بي حسي ۽ احساس ڪمتري لاءِ زياده ارمان بہ آهي اسان جي ذات جي اڪثريت غريب آهي ٻئي طرف وڏن زميندارن وٽ مظلوم آهي اسان جي قوم جي چند سرمائيدارن ۽ احساس ڪمتري ۽ جهالت کان مرعوب ٿي ڪري پنهنجي اباڻي قديم ذات خاصخيلي کي گڏيا. گولا ۽ غلام تصور ڪرائي بدلائي ذات مومن سڏائڻ لڳا ورنہ اهي سرمائيدار معمولي رقم هڪ ئي ادا ڪري سگهياٿي شڪر الحمد الله اوهان بزرگن جي دعا ۽ بزرگ استادن جي نيڪ تعليم ۽ هندستان رياست ڀوپال ۽ لکنئو جهڙي علمي مرڪزن جي تعليمي زندگي ۽ ڪجھ ديني ڪتابن جي ذوق مطالعي مان اها توفيق عطا فرمائي جو انهن سرمائيدارن جي زات مٽائڻ واري غلط تحريڪ جي بانين سان مون هڪڙي ئي پنهنجي ڪم لياقتي سان مقابلو شروع ڪيو. تہ ذات مٽائڻ شرعن حرام آهي حضورﷺ جن

فرمائن ٿا تہ ذات مٽائيندڙ منهنجو امتي نہ آهي ۽ ذات مٽائيندڙ تي جنت حرام آهي ۽ ذات مٽائيندڙ جا فرض ۽ نفل بہ قبول نہ آهن ۽ لفظ مومن ذات ۽ قومي تعارف لاءِ بلڪل غلط آهي قومي سڃاڻپ لفظ مومن سان نہ ٿيندي آهي صرف مُشرڪ ۽ ملحد کان امتياز ۽ سڃاڻپ ٿيندي ان کان سواءِ صوبا بهار جي ڇوٽا ناڪ پور ڏويزن جي ڪورين ۽ پڇارين پنهنجي ذات مٽائي پنهنجي مومن ذات رکي هئي جا ذات بہ گهٽ ذات سڏي وڃي ٿي هاڻي هندستان جي هڪ نهيل ذات مومن يعني پڇارين جي ذات بہ گڏجڻ اهو ئي بروفعل ۽ ناجائز آهي اتفاقًا منهنجي خط و ڪتابت توهان جهڙن نيڪ بزرگن سان ٿي شڪر الحمد الله اوهان صاحبن جي تاريخي سمجهاڻين ۽ پيغمبرانا هدايتن سان وڏيڪ محبت ۽ توفيق حاصل ٿي. توهان بزرگن از خود اسان جي گمنام ذات جي اصلي حقيقت کي صحيح معلوم ڪيو ۽ هن قبيلي جي عظيم اصلي تاريخ جون مختصر سمجهاڻيون رسالي ڳوٺ سڌار ۽ اخبار مهراڻ ۾ اچڻ لڳيون. ڪنهن نقط چيني نہ ڪئي هي ناچيز نهايت خوش ٿيو ۽ توهان صاحبن کي ڪيئي دفعا پريشان ڪندو رهيس ۽ آخرڪار توهان صاحبن بہ هڪ غريب جو عرض قبول فرمائي ارشاد فرمايو جو مون غريب قبول ڪيو ۽ توهان صاحبن سان بہ واعدو ڪيو ويو هو. الحمد الله! همٿ مردان مدد خدا رکي ڪم شروع ٿا ڪريون خدا ڄاڻي غريب النواز حياتي ڪيتري آسپ کان زياده اسان کي سائين جن جي قيمتي حياتي مبارڪ جي قدر ڪرڻي آهي ۽ تمنا آ تہ هن

خادم جي زندگي ۾ اسان جي قبيلي جي صحيح تاريخ توهان جهڙي مايا ناز محقق هستي کان مکمل ٿي ڪري اقوام عالم ۾ هي بہ هڪ تاريخي قبيلو هو ۽ توهان صاحبن جو هميشہ دنيا ۾ نيڪ نالو قائم ۽ روشن رهي آمين! توهان بزرگن جي راءِ هوندي تہ ائين تاريخ ڪي سهڻي نمونہ اردو ۾ بہ ترجمو ڪيو وڃي، هي بہ عرض آهي تہ سائين جن جي مقبول عام ۽ پسنديده تاريخ جنت السنڌ جي آئينده ايڊيشن ۾ بہ ذات خاصخيلي جو بہ قومن سان ذڪر ڪندا آئينده تاريخون انشاءَ الله جنت السنڌ جا بہ حوالا ضرور ڏينديون. قبلا اڄ تاريخ ۳ فيبروري ۱۹۶۱ مبلغ ۲۰۰ روپيہ بذريعہ موڪليان ٿو باقي ۳۰۰ روپيہ بہ انشاءَ الله جلد ملندا. اميد تہ آءُ پاڻ بہ حاضر خدمت ٿيندس توهان صاحب ڪوئي فڪر نہ ڪندا وڏي دل ڪري توڪل الله ڪم شروع فرمائيندا اپري ذات آهيون مگر ڳڻتي نہ رکندا ٻئي بہ ڪنهن خاصخيلي ذات جي توهان صاحبن ڪي تاريخ لکڻ لاءِ عرض ڪيو هو يا نہ يا صرف منهنجي طرفان سائين جن کي تڪليف ڏني وئي.

خاصخيلي جي وجہ تسليمہ جنهن موقعي تي لقب بہ مليا ان جا ڪهڙا سبب هيا ۽ ڪهڙن بادشاهن جي زماني ۾ ڪنهن حال ۾ رهيا چند هستين جا نالا ۽ عهدا ۽ ڪن علائقن ۾ ڪين جاگيرون مليون ۽ جنگيون ٿيون ۽ محمد بن قاسم جي وقت ۽ فوجين سان تہ ڪو واسطو نہ هو ۽ سنڌ ۾ ڪيئن ۽ ڪهڙي دؤر ۾ آيا، حڪومت ۾ آيا ۽ سنڌ جي هر هڪ بلوچ قومن ڪيئن ٻانها چوڻ شروع ڪيو

۽ اهو هڪ عام پختو نالو پئجي ويو، گڏي ۽ گولي جو الڳ باب هئڻ گهرجي جنهن ۾ سندن وجهه تسميه ۽ اصلي تاريخي حالات هجن ۽ اهي ٻئي ذاتيون غلام هيون يا نه جنهن صورت ۾ ذات خاصخيلي جي ذات مٽائڻ فتنو هو جا مون جان جوکي ۾ رکي جهيڙا ڪيا ۽ توهان بزرگن کي عرصه دراز کان بذريعي خط و ڪتابت با الفت تڪليفون ڏيندو رهيس تان جو توهان صاحب اسان جي قبيلي جي مڪمل تاريخ لکڻ لاءِ تيار ٿي ڪري هڪ مرده قبيلي لاءِ وسيلا ثابت ٿيا تنهن ڪري معدبانا عرض آهي ته ائين مايناز تاريخ جي ديپاچي ۾ هن قومي درد رکندڙ ۽ توهان پيرسن بزرگن کي تڪليف ڏيندڙ جو به مختصر نمونا تعارف ۽ تذڪره فرمايو ته هن خادم دعاگو جي به دل خوش ٿئي ۽ ذات مٽائيندڙ منهنجا قومي ڀاءُ به هن ناچيز کي پنهنجو ئي خيرخواهه سمجهن ٻئي به جيڪا اوهان بزرگن کي وٽي سا حقيقت وڏيڪ چوندا ته به لکي ويندي ۽ توهان صاحب جو به تعارف پوري طرح لکندا ۽ پنهنجي تصنيف به سپ ڏيڪاريندا، قبلا هاٽي توهان صاحبن کي پارت آهي پنهنجي محبت ۽ صداقت ۽ خداد علمي خزانن سان هڪ قديم قومي تاريخ لکڻ جي تڪليف گوارا فرمائي رهيا آهيو انقلابي دؤر ۾ انقلابي تاريخ ڪان قومون انگشت بدندان هونديون ۽ تا قيامت يادگار رهندي ائين فيصلا ۽ فتوائي جو سحرو سائين جن جي پير مبارڪ تي آهي دعا آهي رب سائين اوهان بزرگن کي

سلامت رکي ۽ پنهنجي نيڪ ارادن ۾ بخوبي ڪامياب فرمائين آمين رب العٰلمين.

رقم باقي جو ڪوئي فڪر نہ فرمائيندا اسان جا مائٽ ۽ ڪرم فرما بزرگ آهيو. قبلا هي وڏو مضمون آهي جو سائين جن کي ضرور پڙهڻ سان پريشان ڪندو مگر قبلا پر پٽ تبادلہ خيال آهي.

البعد خادم المرضاء حڪيم نور محمد بن محمد هاشم خاصخيلي پوسٽ ڏينگاڻ پر ڳڙي وايہ ميرپور خاص ضلع ٿرپارڪر سنڌ.

12 جون 1961 **خط** (3)

## قبلا محترم غريب النواز رئيس المؤرخين فخر سنڌ علامہ حضرت مير رحيمداد خان مولائي شيدائي

خيريت طرفين مطلوب و مقصود قبلا سائين نامہ مبارڪ ٩ جولاءِ ١٩٦١ تي مليو خيريت معلوم ٿي خوش ٿياسين ١٢٥ روپيہ ٢ جون ١٩٦١ بذريعہ مينارا روڊ روانا ڪري ڇڏيا هيم جي ملي ويا هوندا ١١ جون تائين مون وٽ رسيد بہ ڪانہ ملي آهي قبلا قبيلي جي چند فردن ڪجهہ تعاون ڪيو ۽ باقي مون بعد شڪر ۽ مسرت نذر خدمت ڪئي ۽ نزاڪت وقت باعث تاخير رهي تہ هر حال قبلا اِهو توهان بزرگن جوئي حسن اخلاق احسان ۽ نذر قدر شناس هر وقت ۾ دعاگو سان شامل حال آهي جنهن ڪري اِها رعايت تاخير بہ گوارا فرمائي وئي هئي جزاڪ الله خيرالجزا. قبلا توهان صاحبن جي درازي عمر لاءِ هميشہ دعاگو آهيون اپري ذات جي بهترين خدمت ۽ تا قيامت پنهنجي سهڻي يادگار جي ڪاميابي لاءِ هر وقت منتظر آهيون. قبلا هوا بدلائي بخيريت واپس اچڻ بعد دعاگو خبر ڪندا تہ حاضر خدمت ٿيان اميد تہ گهڻو ڪم بہ ٿي چڪو هوندو اميد تہ حوالن، دليلن ۽ واقعن سان مستند تاريخ هوندي جا بين قومن لاءِ بہ باعث تعجب ۽ عبرت هوندي توهان صاحب پيلا آهستہ آهستہ اطمينان قلب ۽ سڪون سان ڪار خير ۾ مصروف

رهندا گرم موسم آهي لهٰذا پنهنجي صحت ۽ تندرستي جو ضرور قدر فرمائيندا رهندا. قبلا توهان بزرگن جي شفاء خانہ محبت پري دعوت جي هن دعاگو کي قدر آهي خاصخيلي شرعن غلام نہ هئا ان مسئلي تي روشني وجهندا جيڪا عام غلطي درجہ حقيقت کي پهتل هئي قبلا حضرت قِراني صاحب ۽ قبلا مولانا مولوي محمد صادق صاحب ڪڏهه وارن جون بہ فتوائون هيون تہ خاصخيلي غلام ڪونہ ها مگر ٻنهي بزرگن جون فتوائون غائب آهن. زياده خير والسلام.

دعاگو حڪيم نور محمد
ڊينگاڻ پر ڳڙي ضلع ٿرپارڪر

5 سيپٽمبر 1963 **خط** (4)

# مبلغ العلوم و الفنون قبلا حضرت علامہ مير رحيمداد خان مولائي شيدائي صاحب،

خيريت طرفين نيڪ مطلوب، قبلا سائين ڪافي عرصو ٿيو تہ سائين جن جو مسرت آميز نوازش نامو مليو خيريت جي خبر سان بيحد خوشي ٿي دعا آهي تہ رب سائين سڀ شڪايتن کي بہ پنهنجي فضل و ڪرم سان معاف فرمائيندو. آمين!

قبلا غريب النواز توهان صاحبن جو مسرت نامو پڙهي بيحد خوش ٿيس جو سائين جن هن عرضدار جي گذارش کي حسن اخلاق سان بخوبي قبول فرمايو اها ئي تمنا مونکي ۾ پين گهڻن کي هئي تہ خاصخيلي ذات جو نسب جنهن لاءِ عرب ۾ عمان جي ڪنهن قبيلي مان شجرو يا نسلي سلسلا نہ سمجهايو ويو هو اها چون چران رهندي هئي اميد تہ هاڻي نسبي ۾ نسلي اصليت واضع ڪري پنهنجي قومي تاريخ جي مختصر ڪتاب کي مڪمل بڻائي لا ڪما حقہ ڪوشش فرمائيندا، جيئن توهان جهڙي جنهن مورخ سنڌ جي تصنيف هميشہ لاءِ هر هڪ صاحب علم و فهم وٽ قابل محبت ۾ حوالا رهنديون ۾ قوم عظيم دعا پئي ڪندي. يلوح الخط في القرطاس دهراً بہ و ڪاتبہ رميم في التراب.

نميري جو مختصر احوال ۽ منصور جو مختصر احوال بہ ضروري آهي نميري منصور جي اولاد مان ڪهڙي قبيلي جو خاصخيلي اولاد آهن ۽ نسل. جنهن جا خاصخيلي قبيلي جي نسب ۾ ٢٧ قبيلا ڄاڻايل آهن. محمد بن هارون خاصخيلي جو فوجي سردار جو يا خاصخيلي قبيلي جو جد امجد هو. محمد بن هارون کي بہ خاصخيلي سڏجي يا نہ خاصخيلي نالو عرب ۾ سڏبو هو يا نہ، اميد تہ نسلي سلسلي کي قبيلي جي شاخ پنهنجي خدا داد علمي نعمت جي جي طفيلي تصنيف فرمائي ثابت ڪري هميشہ پنهنجي تاريخي يادگار کي مقبول بنائي ويندا قبلا اسان جي قوم وٽ اصل ۽ نسل ڏيکاري ۽ قومي شرافت لاءِ قابل عمل اها ئي تاريخ خاصخيلي هوندي لهٰذا جنهن بہ مضمون کي خصوصن قومي اصل ۽ بنياد کي جيتري واضع ۽ محقق ڪجي. بهتر آهي تہ شجرو ۽ نسب نامہ ۾ لکيل هجي تہ پڙهڻ سان عام ماڻهو سولو سمجهي سگهندا توهان صاحبن ارشاد فرمايو هو تہ توهان وٽ شجرو هجي تہ موڪليندا قبلا شجرو ڪونہ آهي تڏهن تہ سائين جن کي تڪليفون پيا ڏيو. توهان صاحبن جي تاريخي واقعات کي ملايون ٿا تہ برادر خاصخيلي ذات جيئن فرمايو اٿو اهڙي درجات تي هئي جيئن تہ ميرن جي حڪومت وقت اسان جي وڏن جو احوال آهي تنهن کان مٿي خبر ناهي تہ انقلاب عالم ۾ ڪٿان آيا هئا يا هتي جا ئي هئا مگر زبردست بدن ۽ باڊين وارا پهلوان هئا مون پنهنجو ڏاڏو مرحوم حاجي مجنون خاصخيلي ڏٺو هو. جنهن جا

تمام ٺلها هڏ ۽ ڪشاده باڊي وڏي ۽ سفيد ڏاڙهي مبارڪ هئي ٻه حج ڪيائين رئيس غلام محمد خان پرڳڙي جو پيءُ ولي محمد خان مرحوم ۽ ٻيا پرڳڙي ڪيس چاچو ۽ مامو ڪوٺيندا هئا. پرڳڙين جون تڪراري سڱاوتون به ڏاڏو حل ڪندو هو. خاصخيلي قبيلو ايماندار خيرخواهه ۽ وفادار هو مگر توهان صاحبن جي خاصخيلين جي لڪيل تاريخ موجب حالات برابر ڏسجن ٿا توهان صاحبن کي قبلا مون شجري بابت آگسٽ ٦٣ جي اول تاريخن ۾ لفافا ارسال خدمت ڪيو هو هر وقت انتظار ڪندو هوس مگر دير رهي جنهن ۾ گمان رهيو ته ممڪن آهي ته شايد منهنجو خط لڪيل نه مليو هجي جنهن ڪري هي دوباره شجري بابت حڪم جي تعميل جو خط رجسٽري ارسال خدمت آهي آئينده ايڊيشن ۾ سائين جن جو فوٽو به شامل ڪيو ويندو جيڪي نئين زندگي ۽ الوحيد آزاد نمبر ۾ آهن. شجرن لاءِ پارٽ اٿو.

دعاگو حڪيم نور محمد خاصخيلي
ٿرپارڪر

بسم الله الرحمن الرحيم

6آڪٽوبر 2002 **خط** (5)

**بخدمت فيض درجات قابل احترام خالق ڏنو خاصخيلي**

السلام عليڪم و رحمت الله وبرڪاتهٗ ما بعد استدعا ته توهان صاحبن کي هڪ ڪاپي خاصخيلي قبيلي متعلق موڪلجي ٿي جيڪا خاصخيلي ذات لاءِ باعث فخر آهي، نوازش فرمائي هي دستاويزي ڪاپي فوٽو اسٽيٽ ڪرائي پنهنجي قبيلي جي تاريخ کان واقف ڪندا اصل ڪاپي پنهنجي نسل لاءِ سنڀالي رکندا. الله تعالیٰ توهان کي عمر خضري فرمائي ليڪن هلندڙ توڙي ايندڙ نسل لاءِ رڪارڊ قائم رهي التجا ته اسان جي تاريخي ڄاڻ نه هئڻ سبب تنگ نظريئي جي مورخن اسان جي قبيلي جو مزاق اڏايو آهي ۽ پنهنجي قلم جي زيب ڏيڻ خاطر خاصخيلي ذات لاءِ افسانا ڪڙا ڪيا آهن تحقيق مان ظاهر ٿيو آهي ته خاصخيلي قبيلو هڪ بهادر ۽ جنگجو قبيلو پوري دنيا جي حصن ۾ پکڙيل آهي ۽ عزت جي لحاظ کان راڻا، سردار ۽ خاصخيلي ساڳئي ڳالهه آهي (۱) تاريخ اسعاف العيان في النساب اهل عمان (۲) ٻيو ڪتاب تاريخ صبح اعشیٰ جزء الاول موجب خاص هڪ عرب جو قبيلو آهي جيڪو هودؑ سان ملي ٿو حضرت هودؑ جو زمانو حضرت ابراهيمؑ کان اڳ جو زمانو آهي خاص قبيلي جو ذڪر ماقبل تاريخن ۾ به ڪيو ويو آهي ۽ الخيلي يعني سلطان جي لشڪر جي اڳواٽي ڪندڙ به ذڪر

ڪتابن ۾ آيو آهي حضرتؐ جي فوج جيش في سبيل الله جي اڳواٽي ڪندڙ سلمان بن ربيع جي لقب الخيلي مليو جنهن ڪي امير غريب الخيلي بہ چيو ويندو هو ڏسو عرب جي مشهور لغات تاج العروص جلد اول ص ۷۴۷ وغيره آهي اڳتي هلي خاص ۽ خيلي جو سفر گڏ شروع ٿيو عرض تہ خاص ۽ خيلي جي ذڪر لاءِ پروف لاءِ عرب جي تاريخن جا فوٽو اسٽيٽ ڏئي توهان جي خدمت اقدس ۾ دستاويزي چارٽ موڪلجي ٿو جيڪو انشاءَ الله تعالیٰ دنيا جون اکيون کولي ڇڏيندو ۽ معتصب مورخن جي منهن تي چماٽ هڻي انصاف وند اديبن جي راهہ هموار ڪندو ساٿ سلامت شال محفلون متل رهن الله نگهبان.

الخيلي متشڪرم
ملڪ محسن علي محسن خاصخيلي
ڪوٽ غلام محمد ضلع ميرپور خاص

# حڪيم نور محمد خاصخيلي پاران

جيئن تہ مونکي ننڍپڻ علم طب يوناني جو شوق پيدا ٿيو ان دؤر ۾ سنڌ ۾ هڪ بہ يوناني جو ڪاليج نہ هو ١٩٢٧ ۾ بغير اطلاع ۽ اجازت جي والدين جي اڪيلي سر "نصر من الله چئي رياست ڀوپال ڏانهن روانو ٿي ويس مدرسہ طبيہ آسفيہ شعبہ عربي زبان ۾ داخل ٿيس اول سال جو امتحان پاس ڪري پوءِ لکنئو شهر ۾ منبع الطب ڪاليج رجسٽر گورنمينٽ آف انڊيا ۾ ٻئي سال ۾ داخل ورتم ١٩٣١ ۾ امتحان سرٽيفڪيٽ وٺي واپس وطن پهتس پهرين استاد مولانا محمد عثمان قراني صاحب ڪان مدرسي مان ٿي والدين ۽ عزيزن دوستن ڪي زنده ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي پنهنجي شهر ڊينگاڻ پير ڳوٺ ۾ طب شروع ڪيم عزيزن مان شادي ٿي بِحمد الله رب سائين اولاد صالح عطا ڪيو فرزند محمد سليمان ديني تعليم ۽ انگريزي ميٽرڪ پاس ڪري پرائمري استاد ٿيو ۽ سندس وڏو پٽ شوڪت علي تعليم وٺي رهيو آهي شڪر الحمد الله سندن وقت سٺو گذري رهيو آهي آءُ بہ وٽن خوش آهيان.

افسوس ١٩٤٨ ۾ حاجي عبدالله خاصخيلي ۽ پٽ حاجي غلام رسول مومن ۽ جناب قاضي سلطان مومن ڪنري ڪثير التعداد ۾ قديم تاريخي قبيلي خاصخيلي جي قومي نالي کي بچڙو لفظ چئي جيمس آباد، حيدر آباد، ڪراچي ۽ سڄي سنڌ ۾

تحريڪ هلائي ۱۹۴۸ ۾ ذات مثائي مومن ذات جو بنياد وڌو هو جو هڪ شرعً عقلً ۽ تاريخن غلط ۽ فتنہ في القوم بنيو. جنهنڪي مون ساڻن مناظره ڪري غلط ثابت ڪيو ۽ هميشہ لاءِ وڏندڙ ذات بدل پرچار ختم ڪري پنهنجي قبيلي خاصخيلي جي مائٽاڻي نالي ڪي هميشہ لاءِ قائم ۽ زنده رکيو مون ڪي ذات خاصخيلي جي اعلىٰ تعليم جي برتري جو گهڻو خيال رهندو آهي مگر افسوس آهي جو مذڪوره بالا آخري وقت تائين مومن سڏائيندا رهيا. ماشاءَ الله حاجي غلام رسول مومن اجا تائين مومن لکڻ ۽ خاصخيلي سڏائڻ ڪي فخر ڻو سمجهي. افسوس خاصخيلي ذات اعلىٰ دماغ قومي مدبر ۽ زنده لاجواب ڪي سربلند بنائڻ لاءِ قابل قيادت ڪان بلڪل خالي آهي مونڪي پنهنجي پياري ذات خاصخيلي جي برتري ۽ سربلندي ۽ اعلىٰ لياقت جو هر وقت گهڻو خيال رهندو آهي مونڪي ذات خاصخيلي جي اعلىٰ تعليم ۽ تربيت، هر ادنىٰ ڪان اعمال عمده ۽ صنعت، هنر ۽ احساس برتري جو گهڻو خيال رهندو هو لهٰذا خاصخيلي قبيلي ڪي دنيا ۾ هڪ شريف، بهادر قبيلو ثابت ڪرڻ لاءِ مون پنهنجي مشهورن سان مولائي شيدائي مرحوم ڪي شامل ڪري سندن نالي سان هڪ ڪتاب تاريخ خاصخيلي ۲۱ اپريل ۱۹٦۲ ۾ پنهنجي خرچ سان ڇپائي پڌرو ڪيو آهُ پنهنجي قوم لاءِ اهو ئي هڪ فخر ڻو سمجهان. الحمد الله ذات خاصخيلي در حقيقت اڳ ۾ بہ زنده دل هئي خوشي سان مونڪي ڪتابن جي آرڊرن سان گڏ مبارڪباد جا پيغام پهتا.

حتاڪِ ببمئي، دهلي، جئہ پور ۽ روشن خيال سنڌين ۽ هندن ۾ ڪتاب گھرايا الحمد الله پنهنجي ذات اصليت ڪي سچاتو گڏا، گولا، غلام، غليظ الزامن ڪان پاڻ ڪي صاف ڪيو اچا ٻہ حياتي رهي تہ ٻيو ايڊيشن ڪافي اضافن ۽ خوبين سان صحي اخلاقي حدن اندر ۽ غلط خيالن ڪان پاڪ ڪتاب شايع ڪندس.

خدا ان قوم جي تقدير نٿو بدلائي جا پنهنجي سر ڪوشش نٿي ڪري.

١٩٨٥ع

# عرض حال

گھڻي عرصي کان محترمي و مڪرمي مولانا حڪيم نور محمد صاحب خاصخيلي قوم متعلق مون سان خط و ڪتابت ڪندو رھيو پر ڪم فرستي سبب توڙيجو وقت بوقت ڪيس معقول جواب موڪليندو رھيس تاھم سنس تشنہ ڪامي مٽجي ڪونہ سگھي. تنھن ڪان پوءِ ڪپري ڪان ڪن خاصخيلي دوستن ٽائيپ ڪيل خط روانا ڪيا تہ جيڪڏھن ”توھين تاخير ڪندا تہ اسين پاڻ ڪي خاصخيلي سڏائڻ بدران مومن سڏائيندااسين“ اھڙن خطن پھچڻ ڪان پوءِ منھنجو پيمانہ صبر بہ ڇلڪڻ لڳو. ھڪڙو مضمون رسالي ”ڳوٺ سڌار“ ڪي لکي روانو ڪيم جو بروقت مسٽر محمد يعقوب چانگ ۽ مسٽر شعبان بخت رسالي جي ڪارپردازن شايع ڪيو. ھي پھرين آزمائش ھئي، جنھن نہ صرف انھن شعبده بازن جي قلعي کولي جيڪي خاصخيلي جھڙي تاريخي قوم تي دائمي غلامي جي مھر ھڻڻ جي ڪوشش ۾ رڌل ھئا پر خاصخيلي قبيلي ڪي پھريون دفعو بيدار ڪيو. خاصخيلين جي ڪراچي واري رجسٽرڊ جماعت وٽان مٿين خدمت جي عيوض مبارڪبادي جو پيغام مون وٽ پھتو ۽ حڪيم نور محمد صاحب بہ زور ڀريو تہ پوءِ چٽڪلو لکان ھي خاصخيلي قبيلي جي مختصر تاريخ آھي جا درحقيقت تاريخ ھند ۽ سنڌ جو خاص حصو آھي جن

مان پڙهندڙن کي خاصخيلي قبيلي کان علاوه انهن ٻين قومن جي بہ خبر پئجي سگهندي جن کي شعبده بازن دائمي غلامي جي زمره ۾ شمار ڪرڻ لاءِ ڪات ڪهاڙا تيار ڪيا آهن. حقيقت هن طرح آهي تہ سنڌ ۾ ٽن سون کان بہ وڌيڪ ذاتيون رهن ٿيون جن جو بيان عام تاريخن ۾ قطعي ڇڏيو ڏنل آهي. جيڪڏهن هر هڪ ذات جي ڌار ڌار تاريخ لکبي تہ ڪيترا جلد تيار ٿي سگهندا. خاصخيلن جي تاريخ بہ مختصر آهي پر مختصر هوندي بہ اجمالي بيان ڏنل آهي خاصيلين جي رسالي ۾ بيان شايع ٿيڻ کان پوءِ گهڻين قومن پاران مون وٽ خط پهچڻ لڳا تہ سندن بيان ڏنو وڃي ليڪن افسوس جو عدم فرصت ڪري خدمت کان قاصر آهيان، ارادو اٿم تہ ذاتين جي ڌار تاريخ لکان جيڪڏهن زندگي وفا ڪئي. سمورا ڪم الله تعالىٰ جي وس آهن عاجز انسان آهيان. دوستن جي دعا شامل حال رهي تہ ٻيڙو انشاءَ الله تعالىٰ وچي سلامتي سان ٻني لڳندو.

هيچمدان

میر رحيمداد خان مولائي شيدائي
سابق فيلو آف سنڌ يونيورسٽي
ڪنگس هيل سکر مغربي پاڪستان
١٩٦٢ع

بسم الله الرحمٰن الرحيم

بيحد مهربان نهايت ٻاجهاري الله جي نالي سان شروع

باب پهريون

# بني نوح انسان سان نا انصافي

**الحمد الله رب العالمين والصلاة على**
**رسوله محمد و آله و اصحابه اجمين**

ڪره ارض جي طبقن تي رب العالمين جيڪي انسان خلقيا آهن، تن سڀني جي بدني ساخت هڪ جهڙي آهي پوءِ ڪٿي ايشيائي هجن، آفريڪي يا آمريڪن سڀئي پروردگار عالم جا خلقيل ۽ هڪڙي ڪٽنب جا ڀاتي آهن ۽ آدم جو اولاد آهن رنگ ۽ بوءِ ڪي اهڙيون امتيازي شيون ڪونه آهن، جن جي سبب ڪري ڪٽنب جا ڀاتي هڪٻئي کان ڌار ٿي ڇڄي سگهن. ليڪن تاريخ جي ماهرن جي تحقيقات ڪيل آهي تہ جڏهن بني آدم ۾ شعور اجاگر ٿيو ۽ هن هٿيارن سان واقفيت حاصل ڪئي تڏهن جابر قومون زمين جي حصن تي ڇانئجي ويون ۽ پنهنجن هٿيارن جي زور تي غالب ٿيل

قومن کي پنهنجو غلام بنائي مٿن ظلم ڪرڻ لڳا. ١٩ صدي ۾ هٿيارن جي ڊڪ ۽ ڊوڙ ۾ جڏهن مغربي قومون گوءِ کٽي ويون ۽ ايشيا ۽ آفريڪا جي زرخيز حصن تي قابض ٿي ويون تڏهن پنهنجي فوقيت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هي ڍونگ ڪڙو ڪيو ته هنن انسان ذات مخلوق خدا کي چئن فرقن ۾ ورهايو. ١. سفيد فام يعني يورپي سفيد چمڙي وارا ٢. سياه فام يعني ايشيا، آفريڪا ۽ آسٽريليا جا ڪاري چمڙي وارا ٣. زرد فام يعني چينيائي، مليائي، سيامي، برمي ۽ جپاني ٤. سرخ فام يعني اتر قطب جا برفاني لوڪ. حقيقت ۾ اهو نسورو ظلم هو جو اڄ تائين جاري آهي انگريزي اسڪولن ۾ تعليم جو بنيادي مسئلو آهي جنهن جو نالو آهي علم الاجسام آهي ان ۾ شڪ ناهي ته آفريڪا جي حبشين جو رنگ ڪارو، چپ ٿلها ۽ وار ڳنڍيدار آهن يا يورپ جي تثليس پرست رنگ جا گورا ۽ ڀورن وارن وارا آهن چينيائي ۽ جپاني پيلي رنگ جا آهن ۽ اکيون چپٽريون ۽ نڪ ننڍا اٿن ۽ قد جا بندرا آهن. اتر قطب جا رهاڪو به ساڳئي نسل مان آهن برفاني حصي ۾ رهڻ ڪري سندس رنگ ٽامي وانگي ڳاڙهو آهي ليڪن بدن ساخت سيني جي هڪ جهڙي آهي. پوءِ آب ۽ هوائن جي فرق ڪري بدني رنگت ۾ جيڪڏهن فرق آهي ته اها وڏي ڳالهه ڪانهي جو اسين انسان ٿي ڪري هڪٻئي کي نفرت ۽ حقارت جي اکين سان ڏسون. قدرت ڪاملہ جو انهيءَ ۾ وڏو راز رکيل آهي، مثال لاءِ جيڪڏهن ڪنهن باغ ۾ هڪڙي رنگ ۽ هڪڙي قسم جا گل هوندا ته اهو

ايترو وڻندڙ نظر نہ ٿي سگهندو مگر جنهن باغ ۾ قسمين قسيمن رنگن جا گل ۽ ٻوٽا هوندا تہ اهو وڏيک رؤنقدار نظر ايندو. ڪٿي گلاب ڪٿي موتيو ۽ ڪٿي چنبيلي ۽ سوسن ۽ نرگس وغيره مگر اهي سمورن جا رنگ جدا جدا ۽ خوشبو بہ ڌار ڌار آهي، آهن تہ سمورا گل ۽ ٻوٽا عالم شجرات جا ڀاتي، انهي طرح عالم حشرات تي جيڪي فڪر غور ڪنداسون تہ اسان کي سوين جيت، نانگ بلائون ويندي قسمين قسمين پوپٽ ۽ پروانا نظر ايندا مگر سمورا آهن هڪڙي ڪٽنب جون شاخون، انهيءَ طرح جيڪڏهن دنيا ۾ سمورا انسان هڪڙي رنگ ۽ روپ جا هجن ها تہ اها رؤنق انهي باغ جي وانگر ٿئي ها، جنهن جا گل هڪڙي رنگ و بوءِ جا بيان ڪري آيا آهيون، دنيا لاءِ وڻندڙ نظر ڪونہ ثابت ٿئي ها. ليڪن آهن سمورا بني آدم يعني آدم جو اولاد! انسان بہ هڪ جاندار جانور آهي پر قدرت هن کي علم، ادراڪ ڪري ”اشرف المخلوقات“ جي لقب سان تعبير ڪيو آهي بلڪ خداوندا تعالیٰ فرشتن کي حڪم ڏنو آهي تہ آدم کي سجدو ڪيو. شيطان انڪار ڪيو ۽ ملعون سڏجڻ لڳو پر يورپ جي ملحدن مٿين مسئلي کان انڪار ڪيو، چناچہ چارلس ڊارون هي نظريو پيش ڪيو تہ انسان اصل باندر جي نسل مان ترقي ڪري هلندڙ ارتقائي منزل کي پهتو آهي. اسان جي نسلن کي جڏهن ان قسم جي مڪتبن ۾ تعليم ڏني ويجي ٿي تہ ان جو اهو اثر نڪري ٿو جو تفرقي جو ٻج سندن معصوم دلين ۾ ڇٽيو وڃي ٿو جو اڳتي هلي وڏي وڻ ٿيو وڃي. هاڻي جڏهن نونهالن کي

مڪتبن ۾ اِها تعليم ڏني وڃي ته انسان آدم جو اولاد ڪونه آهن بلڪ باندرن کان ترقي ڪري هلندڙ دور ڪي پهتا آهن اهي اخوت يا (عالمگير برادري) واري اصول ڪي ڪيئن سمجهي سگهندا ۽ ڪيئن ڪاربند رهي سگهندا؟ مغرب جي اهڙي ملحدانه تعليم ۽ تفرقي واري طلسم جي پردي ڪي جن لفظن چاڪ ڪيو آهي تنهن لاءِ حڪيم مشرق ڊاڪٽر محمد اقبالؒ فرمائي ٿو:

نه افغانيم و نے ترک و نه تتاريم
چمن زاديم و از يک شاخساريم
تميز رنگ و بو برما حرام است
که ما پرورده يک نو بهاريم

## اسلام کان اڳ تهذيب يافته قومن جا غلامن تي ظلم

غلامي جو ناروا دور دنيا ۾ تهذيب يافته قومن کان شروع ٿيو جڏهن انهن شخصي راڄ قائم ڪري قومن کي غلام بنائي مٿن ظلم شروع ڪيا. اهي ايترو انسان سوز هُئا جن کي بيان ڪرڻ کان قلم جو ڪنڌ به جهڪي وڃي ٿو. تاريخ دهرائي ٿي ته انساني تهذيب تاج جن قومن جي مٿن تي چٽو يا روشن آهي. اهي فرات ۽ دجلا ۽ نيل ماٿري جون رهندڙ قومون هيون جنهن انسان ذات اشرف المخوق جي پنهنجن زوري قانونن موجب مٿي پليت ڪئي سندن

ظلمن کي تاريخون دهرائن ٿيون مٿين قومن کان يونان، فنيقيا، رومن، ايرانين روشني ورتي هئي هند ۽ چين ۾ بہ محکوم قومن جا ساڳيا ظلم ٿيا. مغربي ماڻهن جن صدين لاکر ربع مسکون تي حکومت کئي جن جا استاد يوناني ۽ رومن هئا انهن بہ محکوم قومن سان ناروا سلوڪ کيو. سندن ڪار گذارين جو مختصر خاڪو هن صحبت ۾ پيش ڪريون ٿا.

**اسيريا ۽ بابل**: آشورين ۽ بابيل کي انسان ذات لاءِ دل ۾ زرو بہ رحم ڪونہ هو. چناچہ اسور بانيپال محکوم قومن سان جيڪي ظلم ڪيا، سي دل ڏاريندڙ آهن. هو پنهنجي زباني سان چئي ٿو تہ "مون کين تختگاهہ ننيوىٰ اڳيان قتل ڪرائي سندن کوپرين جا مينار تعمير ڪرايا ڪن جون کلون لهرايون، ڪن کي جيئري پورائي ڇڏيو، ڪن جون ڇپون ڪپرايون ۽ ڪن جا عضوا وڍرايا اهڙي منظر کي ڏسي مونکي خوشي ٿيندي هئي جيئن ديوتائون خوش رهن".

**مصر**: مصر جي فرعون خدائي دعوىٰ ڪئي، اتي جا محکوم قبطي کين سجدو ڪندا هئا، انهن مظلومن کي کائڻ لاءِ ٽکر ملندو هو ۽ پهرڻ لاءِ ڪپڙو مشڪل سان فقط انگ ڍڪڻ لاءِ ملندو هو. فرعون کائن حيوانن کان وڌيڪ محنت ورتي هئي، اهڙو ثبوت قديم مصري خط "هيرو غليفىٰ" ڄاڻايل آهي. مصر جا اهرام جيڪي دنيا ۾ عجائبات شمار ٿين ٿا ۽ صدين گذرڻ بعد اڄ

۽ سياحن لاءِ دلچسپي جو باعث آهن. اهي عظيم الشان پٿر جا مينار ۽ قبطي غلامن جا تيار ڪيل آهن اوهان ڪي پڙهي حيرت ٿيندي تہ ”چپوپد“ (Cheops) جو اهرام بلندي ۾ ۴۸۰ فوٽ آهي جنهن ۾ ۹۶۰۰۰۰ نو لک سٺ هزار چورس پٿر لڳل آهن انهي طرح لڪسر جا مندر، ٿنپيا ۽ ايوان ڏسو جن ڪي ڏسڻ سان انسان ڪي حيرت وٺي وڃي اهي سموريون بلند ۽ بالا عمارتون اتي جي غلام رهاڪن پنهنجي جڙتو ۽ خود ساختہ خدائن لاءِ تعمير ڪيون، جيڪي ظلم ۽ شخصي زبردستي جون ڪليل نشانيون آهن انهن لاءِ جيڪي پنهنجن خانداني امتياز تي فخر ڪن ٿا حضرت جاميؒ اهڙي موقعي تي چيو تہ:

بنده عشق شدی ترک نسب کن جامی

کاندرین راه فلان ابن فلان چیزے نعست

**فنيقي**: فنيقيا وارا دنيا جي پهرين جهازران قوم هئي جا هاڻوڪين يورپين قومن وانگر تجارت جي لحاظ سان سمنڊن پار واپار جون ڪوٺيون وجهي انسان ڪي غلام بنائي دور ۽ دراز ملڪن ۾ ٻانهين جو واپار ڪندا هئا. انهن فلسطينين جي ڪناري تي صيدا ۽ صور جا شهر تعمير ڪرايا هوا پڻ تيونس جي پر ۾ قرطنجہ (ڪارٿيج) واري شهنشاهت جو بنياد وڌو هو. قرآن مجيد دنيا جي قومن جي عبرت وٺڻ لاءِ هن انسان سوز قوم ڪي سندن انجام ڪي مثالي طور پيش ڪيو آهي سندن ذڪر ڪندي فرمائي

ٿو. ١* **ڪارٿيج** کي رومن برباد ڪيو ۽ لڪين فنيقي قتل ٿي ويا! اڄ سندن تعمير جا آثار ۽ دنيا وارن جي لاءِ عبرت لاءِ موجود آهن.

**يونان**: يونان جي قوم جن دنيا کي فلسفہ، طب جو سبق سيکاريو ۽ اڄ تائين هومر، سقراط، بقراط، فيشاغورث، افلاطون ۽ ارسطو جا نالا مثال طور ڪتب اچن ٿا ۽ نام نهاد جمهوريت جا باني شمار ٿين ٿا مگر اسپارٽا ۽ اٿينز اتي جي ٻين رياستن ۾ حڪمران ۽ محڪوم طبقن ۾ مساوات جو نالو ۽ نشان ڪونہ هو. ماتحت قومن جو ڪم هو حڪمران قوم لاءِ غلامي ۽ نوڪري ڪرڻ جيئن حڪمران طبقو عيش ۽ آرام سان زندگي بسر ڪري، اسپارٽا حڪمران قوم جو تعداد فقط ٩٠٠٠ نو هزار هو ۽ ماتحت غلام قومن مان پريڪوئي جو تعداد ٣٠٠٠٠ ٽيهہ هزار ۽ هيلات جو تعداد ٢٠٠٠٠٠ ٻہ لک هو، مٿيان ٢٣٠٠٠٠ ٻہ لک ٽيهہ هزار انسان سپارٽا وارن جا غلام هئا جيڪي زراعت پيشہ ورا هئا يا ڪاريگر هئا ۽ سپاهي پيدا ڪرڻ انهن بدنصيبن لاءِ حڪمران قوم هڪ خاص پوشاڪ پهرڻ لاءِ حڪم ڏنو هو جيئن اهي غلام سڃاڻڻ ۾ اچن ۽ وري غضب اهو هو تہ جيڪو ٻار ڄڻيندا هئا تنهن کي حڪومت چڪاسيندي هئي ۽

---

١* "الم ترکيف فعل ربک بعادارم ذات اليماد التي لم يخلق مثلهافي البلاد". ترجمو: نہ ڏٺو تو تہ تنهنجي رب عاد قوم سان ڇا ڪيو؟ جيڪي وڏن وڏن عمارتن جا باني هئا جن جو نظير دنيا ۾ ٻيو ڪونہ هو.

ڏيرن معصومن کي جهنگ ۾ اڇلائيندا هئا يعني اهي فوج لاءِ صحيح ڪونه هئا.

**رومن**: رومن شهنشاهت ايشيا، يورپ ۽ آفريڪا تي پکڙيل هئي ڪانئن يورپ وارن روشني ورتي، هن نام نهاد تهذيب يافته قوم غلام قومن تي فتح جي نشي ۾ جيڪي ظلم ڪيا سي انسانيت جي دامن تي نه مٽندڙ داڳ آهن. هر هڪ رومن اميرن وٽ هزارن جي تعدادن ۾ غلام هئا جن کي رات جو لوهه جي زنجيرن ۾ سو گهو ڪندا هئا ۽ ڏينهن جو انهن کي جانورن ڪان وڌيڪ محنت ڪرائيندا هئا، اتر آفريڪا جا بربري رومن اميرن جا ڌڻ جبل اطلس جي دامن ۾ چاريندا هئا، رومن دل وندرائڻ لاءِ روم جي تخت گاهه شهر هڪڙو ٿئيٽر (تماشگاهه) تعمير ڪرايو هيو جنهن ۾ هڪ لک تماشبين غلام جي بيڪسي جو تماشو ڏسندا هئا. جتي غلامن کي بکايل شينهن سان ويڙهائيندا هئا، بدقسمتي سان ڪٽي ڪو بچندو هو ته ان کي مارائي ڇڏيندا هئا.٢★

**ايران**: ايران فردوسي شاهنامي ۾ ايراني فاتحن جي تعريف ڪندي ڄاڻائي ٿو ته اهي ديون ۽ جنن سان لڙيا هئا، ان ۾ شڪ ناهي ته ايرانين کي حڪومت هلائڻ جو ڍنگ ياد هو ليڪن هنن زبردست غلامن سان جيڪا هلت ڪئي سان قابل نفرت آهي، انهن کي

---

٢★ هن ٿيٽر جو نالو ڪاليز يوم هو جنهن جا ڊٺل آثار اڄ به جهوني روم جي شهر ۾ سياحن لاءِ عبرت گاهه آهن.

انساني جان لاءِ ڪو احترام ڪونہ هو نہ وري اخلاق ۽ غير اخلاق ۾ فرق محسوس ڪندا هئا . سوال آهي تہ جيڪڏهن انسانن جي جان لاءِ ڪائي قيمت نہ هجي نہ انسان ڪي انسانيت لاءِ احترام هجي پوءِ مان پڇان ٿو تہ حفاظت ڪان بعير ڪيئن چار ماڻهو گڏجي گذر ڪري سگهندا ۽ ڪيئن دنيوي ڪاروبار هلي سگهندو؟ نفرت ۽ انتشار واري ماحول ۾ انسان ڪيئن پر اُمن زندگي بسر ڪري سگهندو؟ قرآن ۾ جابجا احترام نفس جي مختلف نمونن ۾ تعليم ڏيئي دلنشي ڪرائڻ لاءِ ڪوشش ڪيل آهي. ٣* الله تعالىٰ انساني جان ڪي محترم قرار ڏنو آهي ليڪن ايرانين اجتماعي فتنہ جي ڪا پرواهہ نہ ڪئي ۽ حق جي راهہ ڪان هٽي پاڻ تباهہ ٿي صفحئہ هستي ڪان مٽجي ويا! جيتوڻيڪ ايران ۽ روم ۾ سياسي اختلاف ڪان مذهبي اختلاف بہ هو. قباد جي زماني ۾ (٥٠١ ڪان ٥٣١ تائين) حيره جي حاڪم منذر شام تي ڪاهي انطاڪيہ مان ٤٠٠ راهبات ڪي قيد ڪري عذىٰ بيت اڳياناق پيت چاڙهيو. خسرو پرويز ٦١٥ع ۾ بيت المقدس تي ڪاهي ديولن ڪي لٽي ٩٠٠٠٠ نوي هزار عيسائين ڪي

---

٣* سورة مائده ۾ آدم جي ٻن پٽن جو قصو ياد ڏياري ٿو جن مان هڪڙي ٻئي تي ظلم ڪري هن ڪي قتل ڪيو هو انهي طرح بني اسراعيل ڪي خطاب ڪري ٿو تہ هڪڙي انسان ڪي قتل ڪرڻ معنىٰ سڀي انسانيت جو خون!

غلام بنائي پوءِ قتل ڪرائي ڇڏيو. ۴ * رومن وانگي ايراني به شهوت راني لاءِ خوبصورت دوشيزون ۽ غلام هٿ ڪرڻ لاءِ جنگيون ڪندا هئا ايراني نسل جي گهمنڊ ڪري ايرانين کي مال غنيمت تصور ڪندا هئا. وٽن اخلاقي پابندي نه هئي، نوشيروان جهڙي عادل خانداني گهمنڊ ۾ به ۵۷۲ع شام تي ڪاهي شهرن ۽ ڳوٺن کي ڦري ۲۹۲۰۰۰ به لک پيانوي هزار شامين کي وٺي آيو. جيئن بخت نصر بابلي بني اسرائيل جي قبيلن کي قيد ڪري جلاوطن ڪيو هو! نوشيروان غلامن مان چونڊ خوبصورت ڪنواريون ڇوڪريون ترڪن جي حاڪم ايلخان ڏانهن تحفن طور روانيون ڪيون هيون شاهپور ذوالا ڪتاف جو وحشت انگيز قصو اوهان پڙهو هوندو جنهن عرب جي قبائلي سردارن کي قيد ڪري سندن ڪلهن ۾ سوراخ ڪرائي رسن سان ٻڌو هو. خانداني گهمنڊ نه صرف عوام کي تباهه ڪيو پر شهنشاهن کي به ذليل ۽ خوار ڪيو شاهپور، روم جي قيصر والي ريان کي قيد ڪري زنجيرن سان ٻڌرائي جيڏانهن به ويو ان کي ساڻ ڪٽندو هو ۽ سندن ڪلهي تي پير رکي گهوڙي تي چڙهندو هو.

---

۴* ايڊورڊ گبن: تاريخ زوال روم جي ۾ توهان کي پڙهي تعجب ٿيندو ته خسرو پرويز جي شاهي محلات ۾ ٻارنهن هزار چونڊ دنيا جون حسين عورتون قيدي طور پاڻهيون هُيون!. فرمان ۾ پڻ پاڻ خدا وند بزرگ لکندو هو.

**عرب**: اسلام کان اڳ عرب قبائل کي پنهنجن خاندانن تي ايترو غرور هو جو شاعرن کي خوش ڪري پنهنجن مخالفن کي ذليل ڪرڻ لاءِ قصيدا لکرائيندا هئا. اهڙي ذلالت کان بچڻ لاءِ ڪيترن قبيلن پنهنجا اصلي نالا بدلائي ڇڏيا هئا! اهي ڳالهيون ايام جاهليت جي شاعري مان صاف معلوم ٿي سگهن ٿيون. جاهليت جي قومي سيرت جي تصوير اسين شاعري ۾ ڏسي سگهون ٿا. تحلاق اللهم جي جنگ ۾ طرفہ قبيلي جي فتح ٿي. عمرو بن ڪلثوم چوي ٿو.

**يوم تبدى البيض عن آسوقها**

**و تلف الخيل افواج النعم**

ترجمو: ”اهو ڏينهن جڏهن ترارين پنيون ڪوليون هيون ۽ سوار اٺن جا ڳلا گڏ ڪرڻ لڳا هئا“ آل ربيعہ تي فتح حاصل ڪرڻ وقت زهير واقعات کي ڄاڻائي ٿو.

**وسبينامن تغلب كل بيضا**

**ء رقود الضحىٰ بر ودالرضاب**

ترجمو: ”اسين تغلب جون گوريون گوريون ڇوڪريون لٽي آياسين جيڪي سج چڙهڻ تائين ننڊ ڪن ٿيون جن جي دهن جي لعاب چوسڻ سان ٿڌائي پهچي ٿي!“ مٿين چند شعرن ۾ قبائلي

وڏائي جي جذبي ۽ بزرگي بهادري جي جهلڪ نظر اچي ٿي اسين ان تفاخر کي پيش ڪريون ٿا غرض لاقانوني مال غنيمت اهم محرڪ جزبو هو جو عربي خصوصيت لاءِ فطرتي هو.جيتري قدر عربن مهمان نوازي ۽ شرافت جو ڏاڪو چاڙهيو هو ايتري قدر سندن باهمي دشمني جي ڪري سندن شعر اخلاق کان ڪريل ۽ فحش نظر اچن ٿا. هو هڪڙي ڏاڏي جو اولاد ۽ هڪڙي نالي سان بني سام (سيما سبقي) سڏبا هئا، پر قبائلي دشمني ڪري عربي ملت جا عضوا وڍيل هئا. جيتوڻيڪ يوم مسحلان ۾ جڏهن بني شيبان وارن بني ڪلب تي فتح پاتي ان موقعہ متعلق هڪڙو شيباني شاعر هن طرح تاثرات کي پيش ڪري ٿو.

عشيتہً ولی جمعهم نتتا بعوا

فصار الينا تهبيہ و عوانسہ

ترجمو: ”ان رات سندن جميعت پڃندي رهي پوءِ سندن مال اسباب ۽ سندن قداور ڇوڪريون اسان جي هٿ چڙهي ويون.“

مال غنيمت جنهن ۾ عنبر ريز دهن لعاب واريون دوشيزائون قداور ڊيل رفتار جوان نينگريون بہ سندن جنسي آتشبازي لاءِ بگل جو سينگار هيون، ان سبب جي ڪري هڪڙو قبيلو ڪنهن تي ڪاهہ ڪندو هو تہ ٻيا بہ لٽ مار قتل ۽ غارتگري ڪرڻ لاءِ ۽ ڪنوارين جي لُعاب چوسڻ لاءِ حملہ آور سان ڀاڱي ڀائيوار ٿي ويندا هئا. انباري شاعر حلزہ نعمان بن منذر جي چڙهي جو بيان ڪري ٿو.

**فنادت لہ قراضبت من**

**كل جى كانهم آلقاء**

ترجمو: ”هن منظر جي مدد لاءِ كيترا بكيا لٿيرا گڏ ٿيا ڇڻ عقاب هوا!“

**ثم ملنا على تميم فاحرمنا**

**وفيها بنات حراماء**

ترجمو: ”پوءِ اسين بني تميم تي ماه حرام ۾ ٽٽي پياسين ۽ سندن ڌيئرن كي ٻانهيون بڻايوسين!“ هن دشمني جي شرمناڪ ۽ بيدردي جي ڪٿا انگيز ڊرامي كي عمرو بن كلثوم جي شعر سان ختم ڪريون ٿا ضرورت پئي تہ هڪ اڌ شعر تي باقي ڪفايت كنداسون. عمرو كلثوم كان جڏهن پڇيو ويو تہ ”جنگ جي ميدان ۾ بي جگري سان وڙهين ٿو“ جواب ۾ چيائين اسان پنهنجي زالن كي پٺيان ڇڏي آيا آهيون جن جي بي حرمتي جو خطرو دماغ تي چڙهيل رهي ٿو. هيٺيون شعر پڙهيائين.

**على آثار نا بيض حسان**

**فخاذ ران تقسم او تهونا**

ترجمو: ”اسان كي پٺيان گوريون خوبصورت زالون آهن، جن جي تقسيم ٿيڻ جو خوف طاري رهي ٿو!“ جوش انتقام جي حدن اورانگهڻ جا چارا اوهان ڏٺا تہ هڪ كي فنا كرڻ لاءِ وٽن رت جي قيمت هڪ ڪوڏي جيتري بہ نہ هئي جنگ خيف الريح ۾ شاعر

عامل بن طفيل دشمن جي نسل کي مٽائڻ لاءِ ڄاڻايو آهي. ”اسان جوش مان سندن حامله عورتن جي شڪمن کي چاڪ ڪيو......“ فرعون اسرائيل جي ننڍڙن ٻارن کي قتل برابر ڪرايو هو پر زالن جا پيٽ ڪونه ڦاڙيا هئا.

**آريا**: آريا لفظ جي معنیٰ آهي ”شريف“ هاڻي هن ١٥٠٠ ق م سنڌو ماٿري تي ڪاهي هتي جي ڪثيرالتعداد سڌريل ۽ دولتمند دراڙي قوم تي ”دسيو“ ۽ سندن عورتن تي ”داسي“ نالا رکيا. هنن جو سنگين جرم هو سندن ڪوٽ ۽ قلعا، باغ، محلات، مال ۽ مڏيون اڪيچار! پيو سندن ناڪافي ڏوهه هو سندن ڪاري چمڙي، ڊيل ڊول ٿورو سزائن جو اندازو به ڪندا. فاتح قوم مفتوح کي اڇڻ شرط ٻانهن ۽ ٻانهين جو خطاب ڪيو. ويدن ۾ غلامن جون سزائون هن طرح ڄاڻايل آهن. جيئرن جون کلون لهرائڻ، ڪيس پوٺيون ڪرڻ، جيئرو باهه ۾ ساڙڻ، عضون کي بيڪار ڪرڻ، معصوم ٻارن کي قتل ڪرڻ، جهنگلي درندن کان ڦاڙائڻ اهي متوجہ منتر ڏنل آهن. بني نوح انسان مجموعي صلاح ۽ فلاح ۽ امن، سڪون لاءِ خواهشمند آهي، ليڪن منوء مهراج جو جنگي قانون فتح، تسخير، پاڙيسري، پيائرن کي طاقت جي زور تي جهڪائڻ. ملڪ گيري ۽ جهانگيري جي تلقين ڪرڻ گويا اعتدال جي حد اندر رهڻ بدران، خونريزي کي دعوت ڏيئي، محڪومن تي هيجان طاري ڪرڻ. يعني شرير ۽ مدسد غنڊن جو غلبو ۽ تسلط دائمي مڙهڻ ۽ انسانن جي مادي، روحاني ۽ اخلاقي زندگي کي طاقت جي زور تي

هٿن سان تباه ڪرڻ، قومن جي اجتماعي قوت کي پاره پاره ڪرڻ، منوشاستر انسانيت کي چئن ورنن ۾ ورڇي تقسيم ڪيو ١. برهمڻ ٢. ڪتري ٣. ويش شودر (دسيو) جن کي بلذات نجس، نا پاڪ ۽ ڪميڻو شمار ڪيو ويو، ڪيس خدائي فوجدار حڪم ڏنو تہ معاشرت جي لحاظ مطابق شريف آرين کان سختي سان پرهيز ڪن! اڄ ڀارت ۾ مسلمانن سان جيڪو سلوڪ آريائي مهاسڀائي ۽ جن سنگهي روا رکي رهيا آهن، سو ساڳي قانون جي عڪاسي ڪري ٿو.

باب ڇهون

# اسلامي قانون اُخوت

*حسن یوسف دم، عیسیٰ ید، بیضا داری*

*آنچہ خوبان ھمہ دارند تو تنھا داری*

اسلام پنهنجي ظهور جي پهرين ڏينهن خانداني ۽ نسلي وڏائي تي جيڪا ضرب هنئين سا آهي ”حبل الله“ خدا جي مضبوط رسي، يعني مسلمان جو مال، آل ۽ جانيون سموريون دولتون الله ڪاڻ آهن ايمان وارن کي خدا جي مضبوط رسي کي سوگهو جهلڻ، هن ضابطہ ۽ قانون مسلمانن ۾ اجتماعي قوت پيدا ڪئي طب موجب اجتماعي قوت جي معنىٰ آهي حيات (زندگي) حضور پاڪ ﷺ پنهنجي امت بلڪ دنيا جي قومن کي عالمگير برادري جي اجتماعي قوت جي روحاني، مادي ۽ اخلاقي دعوت ڏني تہ سمورا انسان هڪ جهڙا آهن. منجهن وڏ ۽ ننڍائي جو ڪو فرق ڪونهي اسلام اوهان کي زندگي پيش ڪري ٿو، ڇا ڪاڻ تہ انتشار قومن کي پهريان ڪمزور ڪري ڪين صفحہ هستي تان مٽايو ڇڏي سندن انتها آهي ”موت“.

**حجتہ الوداع**: تڪميل انساني جي منزل تي وڏي رڪاوٽ امتياز ۽ مراتب هئا جن کي دنيا جي قومن ۽ سمورن مذهب مختلف صورتن ۾ قائم رکي شڪست ڪاڏل قومن تي انساني سوز ظلم

ڪڙا ڪيا هئا. مثلاً انسانن کي جيئرو جلائڻ، ڪل لهرائڻ، عضوا وڍائڻ ايتري قدر جو محلاتن جي ڪاروبار ڪرڻ لاءِ آقائن غلامن کي خصي ڪيو ويو هو. اها رسم ايشيا، يورپ ۽ آفريڪا ۾ صدين تائين رائج رهي آرين جي راڄ ۾ جيڪڏهن ڪو شودر (نيچ) ويدن جو منتر اچاريندو هو تہ برهمڻ هن جي زبان وڍائيندا هئا. وري قضا سان ڪو شودر ويدن جو منتر ٻڌندو هو تہ ان جي ڪن ۾ شيهو پگهاري وجهندا هئا. رومن هولناڪ فاتح غلامن کي هٿيار ڏئي ڪين پاڻ ۾ ويڙهائي تماشو ڏسندا هئا، مغلوبن کي درندن سان ويڙهائي مزو ڏسڻ تفريح لاءِ سامان هو! وقت جا بادشاهہ تہ پاڻ کي يزداني سايو تصور ڪندا هئا ڪنهن کي مجال نہ هئي جو مذهبي مسائل تي بحث يا گفتگو ڪري سگهي. عرب جي قبيلن تي ڪوهن، چشمن ۽ چراگاهن تي پنهنجي نالن جو ٺپو هڻي ڇڏيو هو. ڏارئي قبيلي کي مجال نہ هئي جو ٺپي لڳل کوهہ تائين پاڻي پي سگهي يا ٺپو لڳل چراگاهہ ۾ ٻڪريون ۽ رڍون چاري سگهي اهڙن کي مجال نہ هئي جو ڪنهن نخلستان مان ڪو پن چري سگهن! شريف پاڻ کي ذليلن کان بالاتر مخلوق تصور ڪندا هئا. غلام کي مجال نہ هئي جو آقا سان همسري ڪري، ليڪن هادي برحق حجتہ الوداع جي موقعي تي سمورن تفرقن، امتيازن جي حد بندين کي ٽوڙي ڇڏيو.

| | |
|---|---|
| **ايهاالناس! الاان ربکم واحد و ان اباکم واح** | ماڻهو! هان بيشڪ توهان جو رب هڪڙو آهي ۽ بيشڪ |

| | |
|---|---|
| **الاالافضل لعربى علىٰ لعجمى، ولاالعجمى علىٰ عربى، ولاالاحمر علىٰ اسود ولا اسود علىٰ حمر الا۔ بالتقوىٰ۔ 5 ★** | توهان جو پيءُ هڪڙو آهي. هان عربي کي عجمي تي عجمي کي عربي تي، ڳاڙهي چمڙي واري کي ڪاري چمڙي تي ۽ ڪاري کي ڳاڙهي تي ڪابہ فوقيت ناهي مگر تقوىٰ جي سبب سان. |

اهو پهريون ڏينهن هو جو داعي اسلام رحمت اللّٰہ اللعالمين جاهليت جي بيهوده مراسم کي مٽائي ڇڏيو. حضور ﷺ جن فرمايو.

| | |
|---|---|
| **الاكل شىءِ من امر الجاهليته تحت قدمى موضوع 6 ★ ان كل مسلم اخوالمسلم وان المسلمين اخوة۔** | هان جاهليت جو دستور منهنجي ٻنهي پيرن هيٺان آهي. مسلمان مسلمان جو ڀاءُ آهي. ۽ اهي هڪ ٻئي جا ڀائر آهن. |

**۵★** مسند احمد (سيرت نبوي ازشبلي نعماني جلد **۲** ص **۱۵۳**)

**۶★** صحيح مسلم ۽ ابو دائود حضرت ابوبڪر صديقؓ بيت المال مان غلامن لاءِ مسلمانن جيترا وظيفا مقرر ڪيا. (ابودائود ڪتاب الخراج)

| | |
|---|---|
| **ارقاء ل، ارقاء كم اطعموهم معا تا كلون واكسوهم مما معا تلبسون 7 ★** | توهان جا غلام! توهان جا غلام! جيڪي اوهين کائو انهن کي کارايو جيڪي لباس پايو ٿا اهڙو کين پهرايو. |
| **اليوم اكملت لكم دينكم واتممت عليكم نعمتى ورهنيت لكم الاسلام دينا۔** | اڄ مون توهان لاءِ دين کي مڪمل ڪيو ۽ پنهنجي نعمت کي پورو ڪيو توهان لاءِ اسلام مذهب انتخاب ڪيو ويو. ٨★ |

**اسلام ۾ غلامن جو قدر**: اجتماعي زندگي، اجتماعي شرافت ۽ اجتماعي زندگي جي بلند معيار کي ڪن ٿورن جاچي ڏٺو. مادي شين متعلق گهٽوئي ڳالهائي سگهن ٿا ليڪن اجتماعي فرائض ۽ انسانيت جي وسيع تخيل لاءِ سندن دماغ تنگ ٿيو وڃن ۽ اجتماعي فرائض کي قوميت يا وطنيت جي محدود دائري ۾ آڻي قوم پرستي يا وطن پرستي کي بنيادي تصور ڪن ٿا. اها قوم پرستي

---

٧★ ابن سعد حضرت عمر فاروقؓ غلامن کي بيت المال مان وظيفا ڏياريا ڏسو ڪتاب فتوح البلدان بلاذري.

٨★ سيرت النبوي جلد ٢ ص ١٥٧ حضرت عثمانؓ حڪم ڏنو ته ٻانهين ۽ صغير غلامن کي عمده طعام کارائي (موطائي امام مالڪ)

جيئن پوءِ آساني سان قومي ۽ وطني دشمني جي صورت اختيار ڪري ٿي ۽ انسان تنگ نظر بنجيو پوي. حقيقت ۾ اها تنگ نظري انسانيت کي غير طبعي طور ورهائي ڇڏيو آهي. اهڙا تنگ نظر انسان هڪ نسل يا هڪ قوم ۽ هڪ زبان رکندڙ پنهنجن ڀين مسلمانن ڀائرن کي انسانيت جي دائري کان خارج سمجهن ٿا، انهن جي حقن کي سمجهڻ ۽ ادا ڪرڻ ۽ درڪنار انهن کي پئمال ڪرڻ ۾ اخلاقي اشراڪي طرح ڪو شرم محسوس نٿا ڪن. قرآن مجيد ۾ پنهنجي ”اخرجت اللناس“ جي ارشاد سان حقيقت ۾ انسانيت جي غير طبعي ورهاڱي کي منسوخ ڪيو آهي ۽ اجتماعي شرافت جي بلند معيار کي پيش ڪري انساني عالمگير خدمت ۽ هن اعلیٰ نسب العين طرف مسلمانن جي رهنمائي ڪئي آهي. جا هر قسم جي امتيازات کان بالاتر آهي ۽ چوي ٿو هڪڙي حقپرست قوم جي فرض شناسي لاءِ قوميت جو ميدان گهٽو تنگ آهي انسان کي هڪ نسل، هڪ ملڪ ۽ هڪ زبان جي قيد ۾ رکي نٿو سگهجي. هن جي دوربين نظر اڳيان خشڪي، تري جي حق بندي ۽ سندن جي تقسيم توڙي مشرق ۽ مغرب امتياز فرض جي ادائگي ڪرڻ ۾ حائل آهن. سندن نظر ۾ آدم جي زالين، مڙسين سمورا هڪ جهڙا آهن ۽ سڀني کي نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ بدي برائي کان بچڻ پنهنجو فرض جاڻي ٿو قرآن پاڪ تنگ خيالي جي طلسم کي ٽوڙي فرض شناسي جي هڪ وسيع عالم لاءِ رستا کولي ڇڏيا آهن.

هن اعلیٰ تعليم کي مختلف ۽ موثر پيراين ۾ بيان ڪيو ويو، جيئن هڪ ارشاد آهي.

| | |
|---|---|
| **وڪذالک جعلنا ڪم امته وسططا لتڪونوا شهداء علیٰ الناس ويڪون الرسول عليڪم شهيدا۔** | ان طرح اسان توهان کي هڪ بهتر امت بنايو تہ توهين دنيا وارن تي نگران رهو ۽ رسول توهان تي نگران رهي. |

اسلام ۾ غلامي جو رواج هو غلامن کي خريد بہ ڪبو هو جيڪي جنگين ۾ قيد ٿي بطور مال غنيمت تقسيم ڪبا هئا. عرب ۾ دستور هو، غلامن کي ”عبدي“ يعني منهنجو بندو ۽ ٻانهيءَ کي ”امتي“ يعني منهنجي ”باندي“ مٿين نالن سان سڏبا هئا. مالڪ غلامن کي حڪم ڪيو هو تہ ڪين رب جي لقب سان سڏين. حضور پاڪ اهڙن نالن کان منع فرمائي ۽ فرمايائون تہ غلام کي منهنجو پٽ ۽ ٻانهي کي منهنجي ڌي ڪري سڏيو ۽ اهي اوهان کي سيدي مولائي خطاب ڪن، سرور عالم مزيد فرمايو. تہ غلامن کي پاڻ سان گڏ دسترخوان تي ويهاري کارايو. مقصد هي هو تہ غلامن کي عزت ۽ آرام سان رکو ۽ ڪين خانداني ڀاتي جي حيثيت سان پيش اچو. ٩*.

---

٩* ابوداٿود ڪتاب الادب باب في حق المملوڪ، خلفاء راشدين غلامن ۽ ٻانهين جي عزت ۽ آبرو جي ايتري حفاظت ڪندا هئا جيترو آزاد مردن ۽ زالن جي. هڪڙي دفعي هڪڙي غلام هڪڙي ٻانهي جي عزت تي حملو ڪيو حضرت عمرؓ ان غلام کي جلاوطن ڪيو. (فتوح البلدان بلاذري).

اسلامي قانونن غلامن کي وسيع حق ڏياريا ايتري قدر جو اهي آزاد بنجي ويا. فوجداري قانون سندن حفاظت ڪئي، غلامن جي چوري ڪندڙ، قاتل، آبرو ريزي ڪندڙ، جسماني نقصان پهچائيندڙ کي اوتري سزا ڏني ويندي هئي جيتري ڪنهن آزاد ماڻهو سان ڪيو ويندو هو. پوءِ ڪٿي مجرم غلام هجي يا آزاد، انهي طرح ديواني قانون غلامن کي سندن ملڪيتن کي خرچ ڪرڻ جي اجازت ڏئي سندن مالڪاڻي حقن کي تسليم ڪيو. قانون ڪين وسيع حق ۽ اختياريون ڏئي برابري جي برادرانہ اصول کي قائم رکيو، آقائن کي ڪا اختياري ڪانہ هئي جو غلام جي ملڪيت تي قبضو ڄمائي يا سندن مرضي خلاف خرچ ڪري نہ وري ڪين ڪا جسماني اذيت پهچائي يا غلامن جي ڌيئرن ۽ نهن سان ناجائز تعلق رکي ١٠*. اسلامي سوسائٽي غلامن کي جيڪو برابري جو درجو ڏنو، اهو آزادن کان گهٽ ڪونهي. محمود ۽ اياز هڪ صف ۾ بيٺل نظر آيا. علم، سياست، مذهب ۽ معاشرت توڙي زندگي جي هر هڪ شعبي ترقي جون راهون هنن لاءِ مساويانہ طور کليل هيون.

---

١٠* اڳ ج جڏهن ڪو غلام پنهنجي ڌي اڻاريندو هو تہ ان ڇوڪري کي پهرين رات آقا جي بستري تي گذارڻي پوندي هئي اهڙي شرمناڪ ظلم ڪرڻ کان عيسائين جا وڏا راهب پادري بہ بچل ڪو نہ هئا ڏسو ڪتاب "اسپرٽ آف اسلام" رائيٽر سيد امير علي شاهہ.

## مساوات جا حيات آفرين نظارا:

حضور ﷺ پنهنجي پٽي جي ڌيءَ زينبؓ (جنهن کي بعد ۾ ام المومنين جو شرف حاصل ٿيو) جي شادي آزاد ڪيل غلام زيد بن حارثؓ سان ڪرائي هئي. امام حسينؓ جو نڪاح بہ ايران جي هڪ شهزادي سان ٿيو جا جنگ ۾ قيد ٿي آئي. امام زين العابدينؒ انهي ٻانهي جي پيٽ مان پيدا ٿيو جنهن جي اشراف اولاد کي سڀني کان بلند درجو آهي. سالم بن عبدالله ۽ قاسمؒ بن محمد بن ابي بڪر، جيڪي فقها اولين تابعين جي صف ۾ ممتاز نظر اچن ٿا. ٻانهين جي پيٽ مان هئا. امام حسن بصري جو آئمہ تابعين جو سرخيل ۽ صوفياءِ ڪرام جو پيشوا آهي غلام جو فرزند هو. امام ابو حنيفہؒ جو ڪروڙين مسلمانن جو اڳواڻ آهي، جنهن کي اسلام ”امام اعظم“ جو لقب ڏنو آهي اهي بہ غلام هئا. مشهور محدث محمد بن سيرين جنهن جو شمار وڏن تابعين ۾ آهي غلام جو فرزند هو.١١★. حضرت بلالؓ ڪارو غلام حبشي هو مگر مسجد نبوي جو بانگو هو. فضل ۽ ڪمال ڪري اصحاب سڀورا کيس ”سيدي“ جي لقب سان سڏيندا هئا. امام دارالهجرت مالڪؒ جو استاد نافع، عبدالله بن عمر جو غلام هو. عبدالرحمان عبدالله بن

---

١١★ محمد بن سيرين جي ماءُ صفيہ ٻانهي هئي جنهن کي ٽن امهات المؤمنين سينگاريو هو. سندس نڪاح سيرين سان ابي بن ڪعب جهڙي جليل القدر صحابي پڙهيو هو.

مبارڪ جو شمار وڏن مجتهدين ۾ هو. مبارڪ غلام هو آئمہ مفسرين مان عڪرمہ غلام هو. مشهور سيرت نويس محمد بن اسحاق، مڪہ معظم جو امام المحدثين عطاء بن رباح يمن جو امام طائوس بن ڪيسان، مصر جو، امام يزيد بن حبيب، شام جو امام مڪحول الجزيره جو، امام ميمون بن مهران، خراسان جو امام ضحاڪ، ڪوفي جو امام ابراهيم نخعي سومرا غلام هئا. حضرت سلمان فارسيؓ جنهن کي بارگاهہ نبوت مان ”الخير“ جو لقب مليو. حضرت عليؓ سندن باري ۾ فرمايو هو ”سلمان منا اهل البيت“ يعني سلمان تون اسان جي اهل البيت مان آهين. صهيب روميؓ غلام هو. ١٢★. حضرت سالمؓ ابو حذيفہ جا غلام هئا سندن متعلق حضرت عمرؓ فرمائيندا هئا تہ جيڪڏهن سالم هجي ها تہ مان مرڻ مهل ڪيس خلافت تي ويهاريان ها. حضرت زيد بن حارثؓ غلام هو پر اسلام جي صدقي وڏي رتبہ تي پهتا. جيتوڻيڪ تہ سن ٨هہ ۾ موتہ جي جنگ وقت حضور ﷺ سرور عالم اسلام جو جهنڊو. زيد جي حوالي ڪري سپهہ سالار ڪري روانو ڪيو. حالانڪ اسلامي لشڪر ۾ حضرت جعفر طيارؓ، حضرت عبدالله بن رواحہ ۽ حضرت خالد سيف الله جهڙا جليل القدر صحابہ لشڪر ۾ موجود هئا.

---

١٢★ حضرت عمرؓ پنهنجي پاران مسلمانن جي امامت ڪرڻ لاءِ صهيب روميؓ کي بيهاريندا هئا.

**وہ عشق جس کے نشے سے سرور کائنات ہے،**
**وہ عشق جس کے نور سے فروغ شش جہات ہے،**
**وہ عشق جس نے آدمی کو آدمی بنا دیا،**
**وہ عشق جس نے زندگی کو زندگی بنا دیا،**
**وہ عشق جس نے جاہلوں کو ہوشمند کر دیا،**
**خدا کا نام بتکدوں میں بھی بلند کر دیا،**
**وہ عشق جس سے دل کو ایک لذت سکون ملی،**
**سکون کے ساتھ اک عجیب نعمت جنون ملی،**
**وہ عشق جس نے ناتوان کو زور حیدری دیا،**
**وہ عشق جس نے بے نواں کو تاج قیصری دیا،**
**وہ عشق جس نے زندگی کو کیا سے کیا بنا دیا،**
**گدا کو شاہ، شاہ کو وہی گدا بنا دیا،**
**وہ کس کا عشق ہے حبیب کبریا کا عشق ہے،**
**وہ شاہ دوسرا کا عشق مصطفیٰ عشق ہے،**
**یہ عاشقان مصطفیٰ بھی کیا عجیب لوگ ہیں،**
**یہ بندگان رب کعبہ خوش نصیب لوگ ہیں۔**

**غلام سلاطين**: مٿيون ڳالهيون قرون اولیٰ جون آهن بعد جڏهن خلافت اعظمیٰ شخصي راڄ ۾ بدلجي وئي تڏهن غلامن وڏيڪ

عروج حاصل ڪيو جيتوڻيڪ ايشيا جو مشهور فاتح سلطان محمود غزنوي ترڪي غلام نسل مان هو. قطب الدين ايبڪ لک بخش شمس الدين ايلتمش، غياث الدين بلبن ۽ سلطانہ رضيہ جن ڏيڍ سو سان دهلي جي تخت تي ويهي حڪومت ڪئي غلام هئا. مصر تي صدين کان غلامن حڪومت ڪئي ٽالپرن جو سپهہ سالار طاهر خدمتگار غلام هو. انهن کي ڪير غلام چوندو؟ ڇا آزادن کي ڪائن وڏيڪ عزت ۽ اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ موقعا ڪونہ هئا؟ اهڙن غلامن کي سندن غلامي سندن اجتماعي زندگي ۾ اعلىٰ مدارج تائين پهچڻ ۾ روڪي سگهي؟ جيڪڏهن غلامي اهڙي شئي جو نالو آهي جيڪڏهن اهڙي هجي ها تہ آزادي جو نالو غلامي رکڻ ۾ ڪهڙو حرج آهي.

**تیرے غلام ہو گئے سارے جہان کے شہریار،**

**سرور کائنات تو اور وہ زمیں کے تاجدار۔**

نوٽ: حضرت زين العابدين عليہ السلام پنهنجي صاحبزاديءَ جو نڪاح هڪڙي آزاد ڪيل غلام (مولىٰ) عجمي سان ڪيو هو ۽ پنهنجي آزاد ڪيل عجمي ٻانهيءَ سان پاڻ نڪاح ڪيو. (ڏسو مناظر احسن گيلاني حضرت امام ابو حنيفہؒ جي سياسي زندگي ص ١٧٧ ڪراچي).

مير اسماعيل ڪتاب بلوغ المرام جي شرح ۾ نجم الوهاج تان هڪ فهرست نقل ڪئي آهي جنهن ۾ ڏيکاريل آهي تہ صحابہ ڪرام ٢٩٢٣٧ اٺتيهہ هزار ٻہ سو ستٽيهہ غلام آزاد ڪيا.

حضرت عائشہؓ ٦٧، حضرت حڪيم بن حزامؓ ١٠٠، حضرت عبدالله بن عمرؓ ١٠٠٠، حضرت عباسؓ ٧٠، حضرت عبدالرحمان بن عوف ٣٠٠٠٠، ذوالڪلاع حميري ٨٠٠٠، غلام مسلمان هجن يا غير مسلمان خلفاء سندن تعليم جو پورو بندوبست ڪرڻ فرمائيندا هئا. حضرت حڪيم بن حزام حج جي موقعي تي عرفہ جي ڏينهن ١٠٠ غلامن ڪي شان ۽ شوقت سان آزاد ڪيو هو. هر هڪ غلام جي ڳچيءَ ۾ چانديءَ جو طوق پيل هو. (ڏسو اسوه صحابہ)

باب ٽيون

# غلط فهمين جو ازالو

**سنڌ جي حالت**: سنڌ ۾ ذات پات جي وبا تہ اسلام کان اڳ ١٥ سو قبل مسيح آرين پاڻ سان آندي. جڏهن هو قديم اڻ آرين رهاڪن کي نيچ نالا ڏسي ۽ راڪش ڏئي مٿن ظلم ۽ سفاڪي سان حڪومت ڪرڻ لڳا مگر جيئن جيئن وقت گذرندو ويو تيئن هي بيماري وئي پڪڙجندي جڏهن ٩ سو قبل مسيح منو مهراج وارن آشرم جو طلسم ڪڙو ڪري برهمڻ، ڪتري، ويش ۽ شودر چار ذاتيون ڪڙيون ڪري اجتماعي قوت بدران انتشار جي باهہ ڪڙي ڪئي برهمڻ ۽ ڪترين جي اقتدار کي جين ۽ ٻڌمت ٥ صديون قبل مسيح ڪاپاري ڌڪ هنيو. آرين جي سنسڪرت زبان قديم دراوڙي نالن سان ٽڪرجي پراڪرت زبانين ۾ ورهائجي وئي. برهمڻ جيڪي منوءَ جي شاشتر موجب برهما جي مک مان ڄاول هئا سندن اهڙي دعوا ۽ فوقيت جون ڌڄيون اڏامي ويون. شودر جن کان سماج نفرت ڪئي تن جو رت برهمڻ ۽ ڪترين جي رڳن ۾ گڏجي ويو مگر چند صدين گذرڻ بعد جڏهن ٻڌ جا تارڪ الدنيا

پڪشو مال مڏيون ميڙڻ ڪي لڳي ويا تڏهن برهمڻ جيڪي موقعي جي تاڙ ۾ هئا تن وچايل اقتدار پيهر هٿ ڪيو. راءِ گهراڻي جي پڇاڙي ڪان پوءِ ٦٢٢ع ڌاري چچ برهمڻ حڪومت تي قبضو ڪري ٻڌ ڌرم رعايا تي ظلم ڪرڻ لڳو مثلن هن حڪم ڏنو ته ٻڌ جا پوڄاري گهوڙي تي زين رکي سواري نه ڪن، ريشمي ڪپڙا نه پائن، حڪومت سان وفاداري سان پيش اچن مظلومن ڌارين راجائن ڪان مدد گهري پر چچ جي خوف ڪان ڪنهن به هنڌان ڪين مدد نه ملي سگهي. حڪومت سندن فسادن ڪي دٻائڻ ۾ ڪامياب ٿي. جاٽ ۽ ميد فسادين ڪي برهمڻ حڪومت اهو به حڪم ڏنو هو ته مٿي تي پٽڪو به نه ٻڌن ۽ پاڻ سان ڪتو ڪٽن آخر عرب فاتحن هي ملڪ فتح ڪيو ۽ زير دستن ڪي آزادي ملي سنڌ جي گهڻن قومن اسلام قبول ڪيو پر جيڪي رسومات صدين ڪان سنڌي قومن ڪي برهمڻ ڪان ورثي مليون سي ستت مٽجي ڪونه سگهيون. مثلاً سومرا حاڪم زير دستن جي ڪلهن تي ڏنڀ ڏياريندا هئا جيئن حڪمران ۽ زيردست قومن ۾ فرق نمايان رهي. پاڻ مسلمان هئا پر رايا ڪي حڪم هو ته پٽڪي پائڻ بدران رومال ٻڌن پنهنجي قوم ڪان سواءِ ڌارين سان سڱابندي ڪونه ڪندا هئا سندن زال ٻار ڄٽيندي هئي ته وري ان سان همبستري ڪونه ڪندا هئا. پنهنجي وڏائي ڏيکارڻ جي ثبوت لاءِ پنهنجن هٿن جي آڱرين جا نهن پاڙون پٽائي ڪڍائيندا هئا. هندن وانگر شراب پيئندا هئا يعني ته اسلام

قبول ڪرڻ کان پوءِ بہ غير اسلامي رسم ۽ رواج مٿجي ڪونہ سگھيا. ھڪڙي دسترخوان ڪي گڏجي کاڌو ڪونہ کائيندا ھئا. نجومين ۽ جوتشين جي اوھام پرستي جا قائل ھئا سندن نالا بہ ھندڪي نموني جھڙا ھئا. جيئن اڄ ڪلھہ ٺر جي مسلمانن جا بہ نالا آھن مسلمان ڪو ۽ ٻيو ھندڪو اھي احوال ھئا مردن جا. زالن کي پنھنجي ستيا جي ثبوت لاءِ چِتا مان لنگھڻو پوندو ھو ۽ مرد جي مئي کان پوءِ لاش سان ھن کي جيئرو جلڻو پوندو ھو.١٣* زالن جا نالا بہ ھندو آھن تاري ٻائي، ھمو ٻائي، گنگا، ماروئي، ليلان، ڪونرو، چمني ٻائي وغيره وري جڏھن سنڌ جي حڪمران قومن حڪومت ۽ اقتدار وڃائڻ کانپوءِ پيٽ گذران لاءِ ڏنڌا اختيار ڪيا تہ دستور موجب ذات پات ۽ ڇوت ۽ ڇات جون ڪفرانہ نفرتون مسلمانن جي دلين ۾ جاڳيون ۽ ملت جا فرد اسلامي اخوت ۽ عالمگير برادري جي خير انديش اصول کي بالائي طاق رکي ھڪٻي کي جاھليت جي دور وانگي پاڻ کان گھٽ درجي تي تصور ڪرڻ لڳا ۽ اھو انتشار انگيز رويو اڃا سوڌو جاري آھي حالانڪہ اھي افراد جيڪي پاڻ کي خانداني طور برک سمجھي ٻين کي گھٽ سمجھن ٿا اھي سندن سمجھن جو قصو ۽ بي خبري ڪري سندن

---

١٣* سنڌ جي تاريخن توڙي شاھہ جي رسالي مان مٿين قسم جي ”ھندڪي مسلم“ گڏيل تھذيب جو ثبوت ملي ٿو. ڪجھہ رسمون ۽ عوام پرستي جون ڳالھيون اڄ سوڌو چالو آھن.

ايجاد ڪيل فتنو آهي. گويہ اسلام سان بغاوت ڪن ٿا اهڙن شيخي ڪندڙ انسانن جو مثال ان اجايل هرڻ وانگي آهي جيڪي رڃ ڪي پاڻي سمجهي ڊوڙون پائن ٿا. وري جڏهن ڪين هٿ پلئہ ڪجهہ بہ نصيب نٿو ٿئي تڏهن حيران رهجيون وڃن اهڙي انتشار کي مٽائڻ بدران علماءِ دين ڪنهن جي مطلب ڪاڻ الٽو هوا ڏين ٿا.

# قبيلن متعلق غلط رايا

مثلاً سومرا برمار شاهي خاندان مان حڪمران نو مسلم قبيلو آهي. انهن جون ۱۴ حڪومتون هيون سنڌ تي انهن ٽن صدين کان وڌيڪ حڪومت ڪئي پوءِ شرابنوشي جي جرم ڪري سمن هٿان حڪومت وڃائڻ ڪري واڍڪو، نيروٽي، ڪورڪو، کٽي ۽ رنگريزي جي ڌنڌن ڪي لڳي ويا ۽ انهن ڌنڌن جي ڪري عربي نسل وارا ڪين گهٽ ذات وارا تصور ڪن ٿا. ۱۴* سمہ بہ سومرن وانگي نو مسلم هندو آهن عربن فاتحن سندن زميندارين ۽ دولت ڪي ڏسي "المرزوق" معنیٰ رزق وارا نالو ڏنو هو اهي سمات قومون غير مسلم جيڪي سورج ونسي ۽ چندر ونسي هندن جي اوتارن جي شاهي نسل مان آهن. محمود غزنوي جي ڪاھ وقت سيوهڻ ۽ ٻيا ڳ ناڙي ۾ چنن جون حڪومتون هيون حڪومت وڃائڻ کان پوءِ وري پنهنجي اباڻي ڪرت زميندارين ڪي لڳي ويا روپاھ ۾ ڪوريجن سمن جي رياست هئي دربيلو ۽ سهتن رانوڙن جي رياست هئي.

سولنگي قبيلو بہ هڪ حڪمران قبيلو آهي جن مالوه،

---

۱۴* اڄ ڪلھ ڪجھ مشينن واري دنيا ۾ ڪورين جو واقعي قدر گهٽجي ويو آهي ڇو تہ اڄ سنڌ جي اقتصاديات ۾ سندن وڏو حصو هو. ڳوناٽا توڙي شهري نير ٻڌل ڪپڙا پائيندا هئا حضرت مخدوم نوحؒ نير ٻڌل ڪپڙا پائيندا هئا ان باري ۾ ملفوظات غوث الحق ۾ مخدوم صاحب ڄاڻايو آهي تہ فرشتن جي پوشاڪ بہ نيري آهي.

گجرات ۽ ڪوڪن تي صدين تائين حڪومتون ڪيون سنڌ ۾ ماٽڪ تارا سندن رياست هئي. گجرات ۽ ڪوڪن ٻئي سمنڊ جي ڪناري تي واقع آهن. تنهن سبب ڪري سولنگي مڇي جي ماهيگري فن جا ماهر هئا. حڪومت وڃائڻ ڪان پوءِ جيڪڏهن هن حڪمران قبيلي مڇي جو شڪار جو ڌنڌو اختيار ڪيو تہ ان جي اها معنىٰ ناهي تہ گهٽ ذات وارا آهن اڄ بہ سنڌ ڪڇي توڙي مڪران ۾ مهاڻن جو تعداد وڏي انداز ۾ آهي. اهي شڪار ڪن ٿا سولنگي ڌنڌي واري ذات آهي انهي ڪري منگي جيڪي بني تميم قريش جي شاخ مان آهن فن جراحي ۽ حجامت ڪن ٿا، گهٽ ذات وارا ڪونہ آهن پنهور بني حارث جو اولاد آهن ڪلهوڙن ڪان اڳ سنڌ ۾ وڏا زميندار هئا انهن جي تاريخ عرب ڪان شروع ڪجي تہ دفتر بنجي ويندو.

مٿين قومن ڪان علاوه خاصخيلي، ملڪ، گولا ۽ گڊا جن کي ذات پات جا سوداگر غلام يا ٻانها تصور ڪن ٿا سندس رويي مان شخصي ظلم جي بدبو اچي ٿي وقت جي حاڪمن کي خوش ڪرڻ لاءِ شاعرن بہ مداحي قصده جوڙيا هئا، جن کي پڙهي ڏسو تہ شاعرن زمين ۽ آسمانن جي قلابن کي ملائڻ جي ڪا ڪسر ڪانہ ڇڏي آهي، اڄ ڪلهہ چڙهندڙ سج جي هر ڪو سلامي ڪري ٿو مثلاً اسماعيلي خواجہ جيڪي هن وقت پنهنجي واپار ڪري دولتمند آهن سي لوهاڻا ۽ ڀاٽيا هندو آهن. بوهرا بہ واپار ڪري دولتمند

آهن. بوهرا لفظ جي معنىٰ آهي وڻجارا. جيڪڏهن اڄ خاصخيلي، منگي، سولنگي، ملڪ، گولا يا گدا دولتمند هجن ها ته شايد ڪو به ڪين غلام يا ٻانهو گهٽ ذات ڪونه سڏي ها پر سبب ته هو دلتمند ڪونه آهن هونءَ به پهاڪو آهي ته ”مفلسي سڀ بهارون ڪوهيو ڇڏي“.

**کسی کا کب کوئی روز سیہ میں ساتھ دیتا ہے،**

**کہ تاریکھی میں سایہ بھی جدا رہتا ہے انسان سے۔**

# خاصخيلي قبيلي جو نسب

خاصخيلين کي غلام ڪوٺڻ سراسر غلطي آهي ضرورت آهي ان جي ته بندوبست ڪيو وڃي ۽ ملت کي ڪاوڙيل دماغن کان باز رکيو وڃي جيڪي مسلمانن جي عضون کي وڌي اخوت اسلام کي پامال ڪري انتشار جي وبا پکيڙڻ ۾ سرگرم آهن خاصخيلي اصل ۾ عرب آهن جيڪي عمان کان نڪري ڦهريون مڪران ۽ پوءِ لس ٻيلي ۾ رهائش پذير ٿيا. سندن سردار محمد بن هارون نميري قبيلي جو سردار هو. سندن شمار عرب المستعربه نمبرا (ٻاهرين

نمبرا: ٻاهريان عرب يعني حضرت ابراهيمؑ جو نسل، ٻاهريان ان ڪري چاٽايل آهي ته جو حضرت ابراهيم جو وطن بابل هو جو عراق ۾ آهي، اتان نڪري عربستان ۾ پکڙجي ويا قريش جو قبيلو قيدار حضرت اسماعيلؑ جو ٻيو نمبر پٽ جي نسل مان آهن. قيدار جي نسل مان عدنان جي شاخ مان محمد رسول الله ﷺ پيدا ٿيا.

عرب مان هو) ۾ سندن ڏاڏو حضرت ابراهيم عليہ السلام جنهن جو نسل عرب ۾ پکڙجي ويو نميري منصور جو اولاد آهن جنهن جي اولاد مان هيٺيان قبيلا شمار ڪيا وڃن ٿا (۱) بنو حرام (۲) بنو خفاف (۳) بنو سمان (۴) بنو رعل (۵) بنو ذڪوان (٦) بنو مطر (بنو قنفذ (۹) بنو رفاعہ (۱۰) بنو شريد (۱۱) بنو قبتہ (۱۲) سلامان (۱۳) بنو هوازن (۱۴) مازن (۱۵) بنو سعد (۱٦) بنو نصر (۱۷) بنو مره (۱۸) نميري (۱۹) بنو هلال (۲۰) بنو مجد (۲۱) بنو البڪا (۲۲) بنو معاويہ (۲۳) بنو جعفر (۲۴) بنو ودان (۲۵) بنو عجلان (۲٦) بنو ضميره (۲۷) بنو ثقيف. انهن سڀني قبيلن ۾ سندن شاخن جو جيڪڏهن بيان ڏبو تہ ان کي شايع ڪرائڻ لاءِ ناٽي جي ضرورت آهي.

**خاصخيلي جي لغوي معنيٰ**: خاصخيلي نالو ٻن لفظن جو مرڪب آهي (۱) خاص معنيٰ نج يا ذاتي (۲) خيل معنيٰ فوج يا جماعت ٻئي لفظ عربي آهن. جيتوڻيڪ خاصخيلين هر دور ۾ جهاد في سبيل الله ۾ حصو وٺندا رهيا. تنهن ڪري هن مجاهد قبيلي تي اهو نالو پيو جيڪڏهن غير عرب هجن ها تہ عربي نالي سان ڪونہ سڏجن ها ان ۾ شڪ ڪونهي تہ اسلام جن غير عرب ذاتين کي پنهنجي آغوش ۾ هنڌ ڏنو تن کي عزت ڏيڻ لاءِ بلند تي لقب ڏنا مثلاً غير عرب قومن کي ”شيخ“ جو خطاب ڏنو جنهن جي معنيٰ آهي بزرگ يا سردار يا وڏي عمر جو ماڻهو يا جنهن جي عمر ۵۰ ورهين کان مٿي هجي ليڪن سنڌ ۾ شيخ گهٽ ذات واري کي

تصور ڪن ٿا مگر خاص خيل نالو جنگي قوت سان تعلق رکي ٿو يعني چونڊ سپاهي خيل لفظ اڪثر بلوچستان، افغانستان ۽ اتر پنجاب ۾ اڄ بہ سڏجي ٿو. مثلاً بلوچستان ۾ سردارن جي جماعت کي سردار خيل چون ٿا ، سليمان خيل معنيٰ سليمان جي جماعت، دائود خيل معنيٰ دائود جي جماعت يعني خاص خيل نالي مان ظاهر آهي تہ هي ذات عربي نسل مان آهي.

**فوج خاصہءَ جو پس منظر**: خاص خيل معنيٰ ”فوج خاصہءَ“ اها خاص فوج جيڪا بارگاهہ سلطاني ۾ حاضر رهندي ۽ سفر ۽ حضر ۾ بادشاهن سان هم رڪاب رهندي هئي. انهن کي اڄ ڪلهہ باڊي گارڊ چئجي ٿو. انهي فوج ۾ اهڙا سپاهي چونڊبا هئا جيڪي قد ۽ بت، شڪل، صورت، قوت ۽ جسارت ۾ خاص طور اعليٰ هجن انهن جون ورديون خوبصورت هيون ۽ هٿيارن سان مسلح هئا. سندن هٿيارن تي سون ۽ چاندي جو ڪم ڪيل هو. خاص خيل فوج جو رواج ساساني حاڪمن وڌو.

١. جيتوڻيڪ پوئين ساساني شهنشاهہ جي ارد گرد خاص خيل فوج جو تعدا ۴۰۰۰ چار هزار هو ۽ اهي ديلم جا جوان هئا. قدسيہ جي لڙائي ۾ ايرانين جي شڪست کائڻ کان پوءِ انهن اسلام قبول ڪيو ۽ اسلامي لشڪر جي سپهہ سالار حضرت سعد بن ابي وقاص انهن کي ڪوفي جي ڇانوڻي ۾ رکيو. خاص خيل فوج جا شروعاتي حالات هتان شروع ٿين ٿا ، مسلمان بادشاهن

جي بہ هنن ساڳئي طريقي تي محافظ فوجين جا دستا مقرر ڪيا هئا جيتوڻيڪ سلجوقي شهنشاهن خاص خيل تي فوجي اصطلاح ۾ ”مفردان“ نالو رکيو ۽ هر هڪ سپاهي جو نالو رجسٽر ۾ داخل ڪيو جن وٽ نقريءَ ڍالون سون سان مڙهيل ۽ نقريءَ نيزا هئا جن تي طلائي جو ڪم ڪيل هو انهن مان هر ۵۰ سپاهين مٿان هڪڙو عملدار مقرر هو جو ڪم ڪين ورهائي ڏيندو هو. پيادن خاص خيل جو تعدا ۴۰۰۰ چار هزار هو. هر هزار دستي ۾ الڳ ذات جا سپاهي هئا.

مولانا عبدالرزاق ڪانپوري: نظام الملڪ طوسي ص ۲۴۷_۲۴۸ ڪراچي.

نوٽ: خاصۀ اها صفت جا ڪنهن ماڻهو لاءِ خاص هجي.

۲. شخصي حڪومت هجي جمهوري، گڏيل حڪومت هجي يا سامراجي، محافظ فوج جو وجود هر هنڌ نظر اچي ٿو ساساني شهنشاهيت ۾ چوڏاري آخري شهنشاهہ جي حفاظت لاءِ ۳۰۰ ٽي سئو پهلوان مقرر هئا جن مٿان ”سياه“ ڪمانڊر هو. اهي چوندڊ جوان هئا ارد گرد پنهنجي قابل اعتماد محافظ فوج ڪي پنهنجي بچاءُ لاءِ روانو ڪيو پر عربن جي فتح ڪي ڏسي هنن خوشي سان اسلام قبول ڪيو.

مقريزي: ج ۱ ص ۱۶۶ مصر.

٣. نادر شاھ جي محافظ فوج جو تعداد ٦٠٠٠ ڇهه هزار هو احمد شاھ ابدالي هن فوج مٿان سپهہ سالار هو هي تاريخي مثال هتي ان ڪري ڏنا ويا جيئن پڙهندڙ ڪي فوج جي اهميت ۽ محافظ فوج جي اصليت ۽ ڪيفيت ۽ ڪردار جو پتو پئجي سگهي.

احمد شاھ ابدالي نادري محافظ فوج لاءِ ڏسو ڊاڪٽر هري رام گپتا جي ”پنجاب ۾ آخري مغليہ حڪومت ١٧٠٧ع کان ١٨٩٣ع ص ١٨٥ لاهور ١٩٤٤ع.

٤. تاتاري سردارن جڏهن چنگيز خان ڪي خاني جو لقب ڏنو هو تڏهن پنهنجي حفاظت لاءِ تاتاري لشڪر مان بهادر نوجوان سپاهين مان قابل اعتماد نوجوان چونڊي هڪڙي محافظ فوج يعني ”ڪبشڪ“ تيار ڪئي هئي هڪڙي لشڪر جو نالو ”چن گر“ هو يعني ساڄي پاسي واري فوج ٻئي لشڪر جو نالو هو ”برن گر“ يعني کاٻي پاسي واري فوج. چنگيز خان جو فوجي نظام مضبوط هو ڏهن ڏهن سوارن، سؤ سؤ سوارن جا دستا جن مٿان سالار مقرر هئا. انهي طرح هڪ هزاري پنج هزاري ڏهہ هزاري ويهہ هزاري جرنل عهدن تي مقرر هئا هي بيان ان ڪري ڏيون ٿا جيئن ”خاص خيل“ فوجي دستن جي صورت نمايان ٿئي.

مرتضیٰ احمد خان: تاريخ اقوام عالم ص ٤١٨ علمي پرنٽنگ پريس لاهور.

**فوجي خدمات فتوحات سنڌ**: مڪران هڪ جابلو علائقو آهي هتي جا رهاڪو اڪثر فساد ڪندا هئا ٢٠ صدي تائين مڪراني بلوچ انگريزن خلاف فساد ڪندا رهيا ان ڪان سواءِ حجاج بن يوسف جي ڏينهن ۾ علافي پائرن فساد ڪري عمان ڪان ڀڄي مڪران ۾ پناهه ورتي. فسادين کي روڪڻ لاءِ حجاج محمد بن هارون کي مڪران جو عامل مقرر ڪيو، جنهن پنهنجي جماعت جنهن ۾ خاص خيل شامل هئا، علافين کي قيد ڪيو هو. باقي جيڪي بچيا هئا تن سنڌ ۾ راجا ڏاهر وٽ اچي پناهه ورتي هئي. محمد بن قاسم جي لشڪر ۾ شامي ۽ عراقي سپاهي هئا. محمد بن قاسم جڏهن شيراز ڪان مڪران پهتو تڏهن محمد بن هارون ٣٠٠٠ ٽي هزار لشڪر سان ساڻس همراهه ٿي هليو جنهن ۾ اڪثر مڪران ۾ رهندڙ عرب مجاهد هئا جن جي بازن جي قوت سان لس ٻيلو فتح ٿيو محمد بن هارون هتي وفات ڪئي سندن مزار لس ٻيلي ۾ زيارت گاهه آهي اڄ تائين لس ٻيلي ۾ خاصخيلي رهن ٿا وري جيڪي غازي محمد بن قاسم سان سنڌ ۾ داخل ٿيا تن ديبل، نيرن ڪوٽ، سيوستان، برهمڻ آباد، الور ۽ ملتان تائين جهاد ۾ حصو ورتو ۽ سنڌ ۾ ٽڙي پکڙي جي ويا. ١٥* اهي اڄ بہ صديقي، فاروقي، بنو حارث، بنو تميم، انصار، بنو مغيره ۽ خاص خيل وغيره سڏجن ٿا. ١٦*

---

١٥* محمد بن هارون نميري لاءِ ڏسو چچنامو. تحفتہ الڪرام ۽ ٻيون سنڌ جون تاريخون. تحفتہ الڪرام ۾ غلطي سان محمد بن هارون کي امير همزه جو اولاد لکيو آهي پر هو نميري هو.

١٦* وليد بن عبدالملڪ ڪان پوءِ سندس ڀاءُ سليمان بن عبدالملڪ دمش جي تخت تي وينو تنهن عربي لشڪر کي سنڌ ۾ رهڻ لاءِ حڪم ڏنو. انهن مجاهدن سنڌ جي هندو عورتن کي اسلام جي دائري ۾ آڻي ساڻس شاديون ڪيون. سنڌ جي ڄاموٽ ۽ عربي نسل وارين ذاتين کي سندن نالن مان سڃاڻي سگهون ٿا.

**محمود غزنوي جو دور**: ١٠٢٦ع سلطان محمود سومنات فتح ڪرڻ ڪان پوءِ موٽندي منصوره جو عربي رياست جو خاتمو ڪيو. سنڌ ۾ جيڪي بہ عرب سردار يا جاگيردار هئا تن ڪي سنڌ مان لڏائي ڇڏيو، فقط اهي عرب قومون سنڌ ۾ رهڻ ڏنائين جنهن مان مقابلي جو خطرو ڪونہ هو جهڙاڪ قاضي، مڪتبن جا آخوند، هنرمند، ڪاريگر ۽ ڪاشتڪار جي گهر ٻار ڪري ويهي رهيا هئا انهن ۾ خاصخيلي جن ۾ فوجي اسپرٽ هئو سلطاني فوجين ۾ داخل ٿيا ڇا ڪاڻ تہ مال غنيمت مان حڪمرانن ڪي پنجون حصو ملندو هو. باقي سپاهين ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا. ★١٧. انهيءَ مال غنيمت ڪري سلطان محمود جي لشڪر ۾ ڀانت ڀانت جون قومون شامل هيون. مثلاً ترڪ، تاجڪ، توراني، افغان، ايراني، بلوچي، پنجاپي، ملتاني، سنڌي ۽ هندو شامل هئا. فوجي عهدا سڀني لاءِ هڪجهڙا رکيل هئا. خاصخيلي هڪ سپاهي ذات هئي جنهن جي زندگي جو وڏو عرصو جنگين جي ميدانن ۾ لڙائي ڪندي گذريو ان ڪري ضروري آهي تہ مختلف اسلامي حڪومتن جي فوجي

---

★١٧ جن عرب مجاهدن سنڌ جي جنگين ۾ بهادري جا جوهر ڏيکاريا هئا تن ڪي بنا ڊل زمين جا ٽڪرا مليا مگر حضرت عمر بن عبدالعزيزؓ ٩٨ هجري ۾ حڪم ڪيو تہ ڪو بہ سپاهي ڪاشتگيري يا ڪنهن ڌنڌي ۾ مشغول نہ ٿئي ان ڪري خاصخيلين ڪي بہ زمينون موٽائي ڏيڻيون پيون. اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن غزنوي لشڪر ۾ ڀرتي ڪونہ ٿين ها تہ سنڌ مان نڪرڻو پوي ها، مال غنيمت مان ۴ ڀاڱي پنجون حصو انهن سپاهين ۾ ورهائبو هو. جيڪي بنا پگهار فوجي سپاهي ٿيندا هئا. (تاريخ سنڌ جلد ٣).

نظام تي روشني وجهون جيئن مجاهدن جي سپاهيانہ معيار ۽ ڪردار پڙهندڙ اڳيان روشن ٿين.

**"تاڪس نه گويد بعد ازين من ديگرم تو ديگري"**

**محمود غزنوي جو فوجي نظام**: سلطان محمود جي ڏينهن ۾ اسلامي لشڪر ۾ ترڪن کي فوقيت حاصل هئي ليڪن هر ڪنهن نسل جي سپاهين کي برابري جا حق مليل هئا اوهان کي خاصخيلين لاءِ شڪايت آهي مگر سلطان محمود غنوي جي هندو لشڪر جو سپہ سالار تلڪ حجام جو پٽ! سموري غزنوي فوج هيٺين عهدن ۾ ورهايل هئي.

(۱) بادشاهہ ۽ شهزادن کان پوءِ وڏو فوجو عملدار "صاحب ديوان عرض" يا "عارض" سڏبو هو، جو فوجي معاملن ۾ بادشاهہ جو خاص مشير هو. جهڙوڪ هن دور ۾ وزير جنگ جيتري حيثيت رکندو هو. سندن عهدو وڏي وزير کان ٿورو گهٽ هو. جنگين جي وقت سپاهين جي راشن وهڻن جي گاهہ پاٽي جو انتظام ڪرڻ، فتح کان پوءِ سپاهين ۾ مالڪ غنيمت ورهائڻ، فوجين جي نقل و حمل جو انتظام سندن نگراني هيٺ هو.

(۲) نائب عارض، جو پگهاردار سپاهين کي پگهار گهٽ ڏيندو هو هر هڪ صوبي مٿان نائب عارض مقرر هئا ۽ سمورا ديوان عرض جي ماتحت هئا. غلامن خلجين ۽ تغلقن جي ڏينهن تائين عارض جو عهدو قائم رهيو.

(٣) سلاطين دهلي جي ڏينهن ۾ ”ديوان عرض“ کي **”ملڪ“** جو خطاب مليو سپهه سالار بادشاهه مقرر ڪندا هئا ملڪ سموري ڪاروبار مٿان مالڪ هو پر بادشاهن کان حڪم وٺي پوءِ ڪاروبار ڪندو هي معزز عهدو هو هن عهدي تي معزز امير مقرر ڪيا هئا. غياث الدين تغلق ديوان عرض نالي کي بدلائي ”راوت عرض“ نالو ڏنو. عهد فيروز شاهي ۾ اهو لقب ڦري ”عماد الملڪ“ ٿيو مغليه دور هي لقب ڦري ”بخشي ممالڪ“ ٿيو. ١٨★.

(٤) سپهه سالار، غزنوي دور ۾ عارض کان پوءِ وڏو فوجي عهدو هو. هر هڪ صوبي مٿان ڏار ڏار سپهه سالار مقرر هئا سپهه سالار کان پوءِ حاجب جو عهدو هو. سپہ سالاري عهدا گهٽي ڀاڳي شاهي خاندان وارن لاءِ مخصوص هئا حاجب جي ماتحت فقط ٥٠٠ سپاهي رهندا هئا.

(٥) قائد حاجب کان پوءِ قائد جو عهدو جنهن وٽ ١٠٠ سپاهي رهندا هئا.

(٦) خاص خيل، جن کي ”خيل تاش“ جي لقب سان سڏبو هو خيل جي معنىٰ پڙهي چڪا آهيو يعني فوجي دستو يا جماعت ”تاش“ فارسي لفظ آهي جنهن جي معنىٰ دوست، صاحب يا

---

★١٨ آئين اڪبري جلد ١ دفتر ٢. بخشي ممالڪ شاهي محلات لاءِ محافظ مقرر ڪندو هو. اهڙي محافظ دستي کي اهل ”ڪبشڪ“ سڏيندا هئا. سلطنت جي وڪيل کان پوءِ بخشي وڏو عهدو هو.

شريڪ! جيئن ايران ۾ امراءُ جو هڪڙو طبقو ”ڪوڪلتاش“ سڏبو هو شاهه بيگ ارغون سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ بکر مٿان فاضل ڪوڪلتاش کي پنهنجي پاران گورنر مقرر ڪيو هو. في خاص خيل ماتحت ڏهه سوار رهندا هئا.هنجو ٽيون لقب سرخيل هيو يعني اها قوم جا سلطان محمود جي ڏينهن ۾ اسلامي فوج ۾ شامل ٿي ۽ سلاطين دهلي جي زماني ۾ ترقي ڪري ”تاش“ ۽ ”سرخيل“ جي لقبن سان سنڌين جي فوجي قابليت جو دهلي دربار کان خراج وصول ڪيو. اهڙن مجاهدن ۽ جانبازن کي نظر حقارت سان ڏسڻ سنڌي پنهنجي بي عزتي پاڻ ڪرڻ جي قابل آهي حالانڪ سنڌين کي فخر ڪرڻ گهرجي.

(ے) ڏهه خاص خيل هڪڙي سپهه سالار جي ماتحت هوا. ڏهن سپهه سالارن کان وڏي فوج عملدار جو لقب ”امير“ هو ۽ ڏهن اميرن مٿان ”خان“ سرداري ڪندو هو. جنهن جي ماتحت هڪ لک سوار هئا. فوج جو ورهاڱو عهدن مطابق هن طرح هو خان ماتحت هڪ لک سوار. ملڪ هيٺيان ڏهه هزار سوار. امير ماتحت هڪ هزار سوار. سپهه سالار هيٺان هڪ سو سوار. خاص خيل جي ماتحت ڏهه هزار. ★١٩. سپهه سالار جو درجو اڄيئن کان گهٽيل هو. وڏو ڪمانڊر ان چيف خان ڪوٺبو هو هن کي ”ميرلشڪر“ بہ چوندا هئا. خان ترڪي لقب ق آ ن جو

---

★١٩ ضياء الدين برني تاريخ فيروز شاهي ص ٣٦٦.

مخفف آهي. جنهن جو مونث خاتون آهي. ★٢٠.

(٨) قربيگ شاهي لشڪر جا علمبردار جيڪي فوجين کي پاسن کان جهنڊا ڪٽي هلندا هئا. شاهي جهنڊو ڪٽندڙ بہ وڏو عهدو هو. ★٢١. غلام سلاطين جي جهنڊي جو رنگ ڳاڙهو هو جنهن تي ازدها جي تصوير نڪتل هئي ڪن جهنڊن تي هلال کان علاوه مڇي جي تصوير ڏنل هئي جنهن کي ”ماهي مراتب“ چوندا هئا.

(٩) امير اخور جنهن کي اخربڪ بہ چوندا هئا شاهي اصطبل مٿان وڏي عملدار کي ”امير اخور“ چوندا هئا هن عهدي تي گهٽو ڪري امير يا خان مقرر ڪندا هئا. ★٢٢.

(١٠) لشڪر جي هاٿين جي نگراني ڪندڙ عملدار کي ”شحنہ پيل“ ۽ جنگي هٿيارن جي نگران کي ”شحنہ نفر“ ۽ سرسلاحدار سڏيندا هئا. بکر ۽ سيوهڻ سنڌ ۾ وڏيون ڇانوڻيون هيون جن ۾ لشڪر لاءِ سپاهي ڀرتي ڪندا هئا.

---

★٢٠ ١٢٢٦ع ۾ سلطان غياث الدين بلبلن تخت تي ويٺو. پنهنجي پٽ سلطان محمود ق آن کي سنڌ جو حاڪم مقرر ڪيائين. جنهن جو تخت گاهہ ملتان هو.

★٢١ برني ص ٣٣١ فوج جا بہ قسم هئا (١) وجهي باقائده فوج (٢) غير وجهي باقائده فوج.

★٢٢ غياث الدين تغلق دهلي جي تخت تي ويٺو سيوهڻ جي فوجي ڪڙهہ ۾ سئيس مقرر ٿيو ۽ پوءِ هو ترقي ڪري سپهہ سالار ۽ اميري جي عهدن تي پهتو. سئيس بادشاهي کي پهتو، ان لاءِ ڪو اعتراض نٿو ڪري باقي خاصخيلي باعث اعتراض ڇو آهن.

# خاصخيلي سپاهين جي پگھار ۽ فوجي لباس

سلاطين دھلي جي زماني ۾ خان جي سالانہ پگھار ھڪ لک ٽڪا، امير کي ٣٠ يا ٤٠ ھزار ٽڪا ملڪ کي ٥٠ ھزار ٽڪا ۽ في سوار کي ٢٣٤ ٽڪا ھئا. اوھين چوندا تہ اھو پگھار ٿورو آھي پر اھو سستائي جو دؤر ھو خاص طرو تي علاء الدين خلجي جو جپ خوشحالي جو دور تاريخ ۾ يادگار آھي. راشن سسٽم جو رواج پھريون علاء الدين خلجي رائج ڪيو ھو. اھڙو دور وري سنڌين کي آسودگي جي لحاظ سان وري اھڙو نصيب ڪونہ ٿيو. ھن صحبت ۾ علائي عھدا جنھن شين جا نرخ پيش ڪجن ٿا. (١) ڪڻڪ في مڻ سادا ٧ پئسا، مڻ جو وزن ٢٨ سير (١) جو ۾ ٤ جيتل في مڻ (٣) ساري ٥ جيتل في مڻ (٤) داليون ٥ جيتل في مڻ (٥) اڇي کنڊ ١٠٠ جيتل في مڻ (٦) ڳاڙھي کنڊ ٦٠ جيتل في مڻ (٧) رڍن ۽ ٻڪرين جو گوشت ١٠ جيتل في مڻ (٨) گيھہ ١٦ جيتل في مڻ.

فيروز شاھي نرخ: (١) ڪڻڪ ٨ جيتل في مڻ (٢) جو ٤ جيتل في مڻ (٣) ساريون ١٤ جيتل في مڻ (٤) داليون ٤ جيتل في مڻ (٥) ڳاڙھي کنڊ ١٢٠ جيتل في مڻ (٦) گيھہ ١٠٠ جيتل في مڻ مٿيان نرخ کاڌ ۽ خوراڪ جي شين جا آھن.

ڪپڙن جا (١) ململ ٧ ٽڪا في ٿان (٢) ريشمي اعلىٰ قسم جو ٢ ٽڪا في ٿان (٣) اوني ڪپڙو ٣ ٽڪا في ٿان (٤) اعلىٰ قسم جو پشمي ڪمبل ٣٥ جيتل (٥) اوني ڪمبل ٦ جيتل (٦) اعلىٰ درجي جو

سوٽي ڪپڙو هڪ ٽڪو ۲۰ گز (۷) اوني ۽ سوٽي گڏيل ڪپڙو هڪ ٽڪو ۴۰ گز (۸) اعلیٰ چادر ۱۰ جيتل (۹) غلام ۽ ٻانهيون في داڻو ۸ ٽڪا (۱۰) خوبصورت ٻانهي ۱۲۰ ٽڪا. ابن بطوطا جيڪي اگهه ڏيکاري ٿو في چوزو هڪ جيتل ۱۵ ڪبوتر ۸ جيتل في رڍ ۱٦ جيتل چانور ۸ جيتل في مڻ، ٻڪري ۳ ٽڪا، اڇي کنڊ هڪ ٽڪو في مڻ، غلام ۸ ٽڪا. همايون جڏهن سنڌ ۾ آيو ۱۵۴۱ع ان وقت امر ڪوٽ ۾ في ٽڪي جون ۴ ٻڪريون وڪامنديون هيون. ۳۲*. ڪاريگرن کي روزانه هن طرح مغليه دور ۾ روز ملندو هو جو دام جي نرخ سان هو في رپيه ۾ ۴۰ دام هئا (۱) رازو ۸ دام (۲) واڍو ۷ دام (۳) سرون ٺاهيندڙ ساڍا ۳ دام (۴) بيلدار ساڍا ۳ دام (۵) بخالي ۳ دام (٦) عام مزور ۲ دام.

محمد تغلق بادشاه هو في سوار جي ساليانی پگهار ۵۰۰ ٽڪا مقرر ڪيو راشن ۽ وردي گهوڙي لاءِ داڻو به سرڪاري ملندو هو خاصخيلين جي فوجي ڊريس جو معائنو ڪيو ته جيئن نڪته چينين جي دلين تي ارمان نه رهي! خاصخيلي فوج سپاهي بادشاهن جا باڊي گارڊ هئڻ کان سواءِ ”ڪيفيت نويسي“ جو ڪم به سندن وسيلي هلندو هو. جيئن اڄ ڪلهه حڪومتن وٽ خوفيه پوليس جو کاتو آهي يعني ته هر هڪ فوجي دستي سان فوجي نقل ۽ حرڪت معلوم ڪرڻ لاءِ هڪ ڪيفيت نويس رهندو هو جو بادشاهه کي فوجي سپاهين جي ڪارڪردگي جون صحي خبرون پهچائيندو هو.

**لباس**: فوجي عملدارن کي چوڪنداريون ڊگهيون ٽوپيون پاتل هيون، بدن تي ڊگها چوغا جن جي ڳچين ٻانهن ۽ زرد وزي جو ڪم ڪيل هو فوجي عملدار ڊگهن وارن کي ڪلهن تي لڙڪائيندا هئا فوجين ۾ افغان، توراني، ايراني، تاجڪ، روسي، چينائي ۽ سنڌي سپاهي هئا. تيرڪمان، ٻڙڇيون، نيزا، تراريون، ڪهاڙيون، گرز مختلف قسمن جون ڍالون، زرهون مکيه هٿيار هئا.

## سنڌ ۽ برصغير جي حالت

غلام، خلجين ۽ تغلقن جي ڏينهن ۾ سنڌ توڙي برصغير ۾ جابجا هندو راجائن جون رياستون هيون مسلمانن جو تعداد هر هنڌ ٿورو هو شهرن ۽ ڳوٺن ۾ سلاطين کي اسلامي ادارن ۽ مسلمانن جي حفاظت لاءِ فوجي دستا رکڻا پوندا هئا. هندو راجائون موقعي سر بغاوت ڪندا هئا ۽ لکن جي تعداد ۾ لشڪرن سان مقابلو ڪندا هئا ڪجهه واپاري ڪافلن کي لٽيندا هئا. سرحدين جي تاتارين جي حملن کان خطرو هو. چغتائي بلوچستان فتح ڪيو هو ڪنهن ڪنهن مهل مغلن جو سيلاب لاهور ۽ ملتان تائين پهچندو هو. اهڙن اندروني ۽ بيروني خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ هر وقت ملڪ ۽ صوبن ۾ هنگامي حالتون نافذ هيون. گورنرن کي فوجي ۽ سول اختياريون مليل هيون. علاءُ الدين خلجي جي زماني ۾ سيوهڻ جو راجا سهلديو تاتارين جي اشارن تي بغاوت ڪڙي ڪئي هئي مگر هو قيد ٿي پابجولان دهلي ڏانهن روانو ڪيو ويو سيوهڻ ۽ بکر جا

قلعا وڏيون فوجي ڇانوڻيون هيون سنڌ جو گورنر نصرت خان برجستو حاڪم هيو جنهن سنڌ جي شهرن ۾ امين ۽ قاضي مقرر ڪري سرڪاري آفيسن ۾ ٽپال جو پورو نظام رکيو.*٢٣.

## خاصخيلين جا فوجي ڪارناما

٦٩٧هجري يعني ١٢٩٨ع ۾ گجرات جي راجا راءِ ڪرن واگهيلي جي پنهنجي وزير ماڌو راءِ سان اٽت بٽت ٿي پئي وزير سلطان علاءُ الدين کان مدد گهري. الغ خان ۽ نصرت خان ويهه هزار لشڪر سان جن ۾ بلوچ ۽ خاصخيلي شامل هئا. گجرات تي ڪاهه ڪئي. راءِ ڪرن شڪست کائي دکن ڀڄي ويو. الغ خان بيشمار مال غنيمت سان موٽيو. *٢٤. سيوهڻ جي راجا سهلديو جي شڪست جي انتقام وٺڻ لاءِ مغلن قتلق خواجه جا هيلمد کان ٻن لکن سوارن سان پنجاب تي ڪاهه ڪئي. سلطان علاء الدين ٽي لک فوجين ۽ ٻن هزار هاٿين سان مقابلو ڪيو. هن جنگ ۾ ديپالپور ڇانوڻي جي فوجين جن ۾ خاصخيلي شامل هئا، مغلن هار کاڌي، سندن سپهه سالار ظفر خان مغلن هٿان مارجي ويو ٧٠٣ هجري مطابق ١٣٠٣ع ۾ مغلن ٻيو گهمرو طرغي خان جي اڳواڻي هيٺ

---

*٢٣ علاءُ الدين جو سالو سنجر (الپ خان) بادشاهه جو ڀاءُ الپ خان ظفر خان ۽ نصرت خان چارئي مشهو سپهه سالار هئا.

*٢٤ راءِ ڪرن جي راڻي ڪملاديوي سان علاءُ الدين شادي ڪئي ۽ سندس ڌيءَ ديوديويءَ سان شهزاده خضر سان شادي ڪئي.

ڪاهہ ڪئي. سنڌي لشڪر ٻہ حصو ورتو ۽ مغلن کي شڪست فاش ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيا. اٺ هزار مغلن جون سسيون وڍرائي سلطان هڪڙو برج ڪڙو ڪيو (فرشتہ جلد ص ١٧٩) ملڪ ڪافور جي اڳواٽي هيٺ خاصخيلي دکن تائين ديو گري پهتا. ديگري فتح ٿيڻ ڪانپوءِ ٢٤٠٠ پائونڊ سچا موتي ١٢٠ پائونڊ جواهرات ٦٠٠٠ پائونڊ چاندي ٤٠٠٠ ريشمي ڪپڙن جا ٿان اسلامي لشڪر کي مال غنيمت ۾ هٿ لڳا. ديپالپور ۽ ملتان چانوٽيون ۽ قلعا سنڌ جي بچاءَ لاءِ هئا. سنڌي سپاهي جيڪي چيلهہ سان رسا ٻڌي هڪٻئي کي سو گهو ڪري پوءِ دشمنن سان وڙهندا هئا اڄ اهي ساڳيا سنڌي فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ کان ڪيٻائن ٿا. بلڪہ فوجي ڪارنامن کان بي خبر آهن اڄ اهي پيٽ پيان فقير لڏي ويا جيڪي سنڌي سورمن جون پراڻيون تاريخي ڳالهيون ۽ نقل نظير ڪچهرين ۽ مجلسن ۾ ڳائيندا هئا. اڳ سنڌ جون ذاتيون پنهنجن بهادري جي ڪارنامن تي فخر ڪنديون هيون. غلامي جي دور نئين تعليم ۽ نئين تهذيب اڳيان جڏهن خانداني فخر جي پڳڙيون اڏامي ويون، ٻي واهہ نہ ڏسي، پنهنجن وڏن جون هڏيون وڪڻڻ لڳا. نواب زادن ۽ پير زادن سڀ ڪجهہ وڃائڻ کان پوءِ اقتدار ۽ تن آساني حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي ڍنگ ڪڙا ڪيا، انهن ۾ سڀني کان ڏکيو هٿيار خانداني فخر هو جنهن جي ذريعي هنن اخوت جي شيشي کي پرزا پرزا ڪري قوم کي انتشار جي وبا سان ڪمزور ڪري ڇڏيائون بقول علامہ اقبالؒ جي.

**فرد قائم ربطه ملت سے ہے تنها کچهه نهیں،**

**موج ہے دریا میں اور بیرون دریا کچهه نهیں۔**

# ٿرپارڪر جي بلوچن ۽ خاصخيلين جي اٿبٽت

فيروز شاهه تغلق ۽ ڄام بابينا جي وچ ۾ مخدوم جهانيا جهان گشتؒ صلح ڪرايو، سنڌ سمن جي صاحبي ۾ دهلي کان آزاد ٿي چا لاءِ تہ سمہ سلاطين اچ شريف جي بخاري سيدن جا مريد ٿيا. گجرات جا مظفريہ غير مسلم سلاطين بہ اچ شريف جي سيدن جا معتقد هئا. سنڌ ۽ گجرات جي سرحدن جي حفاظت لاءِ جيڪي سنڌي فوجون مقرر هيون تن ۾ خاصخيلين جا جٿا بہ هئا اتي بلوچن ۽ خاصخيلين جي ڪن ڳالهين تان پاڻ ۾ باهمي تڪرار شروع ٿيا. ٻهريون سبب هن طرح هو جو ان دور ۾ سنڌ جون مسلمان قومون مثلاً سما، سومرا ۽ ڪلهوڙا هندو زالن سان شاديون ڪندا هئا انهن کي اسلام جي ڪا بہ خبر ڪانہ هئي. ★۲۵. بلوچ رافضي هئا. ”دابستان مذاهب“ ۾ ڄاڻايل آهي تہ هندستان ۾ بہ سنڌ جهڙي حالت هئي ڪجهہ مسلمان بيراگي هئا ۽ وشنو جي پرتش ڪندا هئا. ★۲٦. ڪشمير ۾ پنپر جا مسلمان هندن سان پنهنجو ڏيئرون

---

★۲۵ ڪتاب ڪئمبرج تاريخ هندستان ج ۲ ص ۳۰٦، ۱۹۲۸ع.

★۲٦ محمد اڪرام شيخ ڪتاب رود ڪوثر ص ۲٦۲ آفسٽ پريس ڪراچي، سنڌ ۾ واما مرگي فرڪي جا هندو گوشت ڪندا هئا ۽ مسلمانن کي ورغلائيندا هئا. حضرت مخدوم نوحؒ مسلمانن کي خبردار ڪيو تہ واما مرگين کان پري رهن. تاريخن ۾ واما مرگين کي اباحيان نالو ڏنل آهي.

شادي ڪرائيندا هئا. بدقسمتي سان ڪا مسلمان زال هندو مرد جي گهر ۾ مرندي هئي تہ هندو هن کي ساڙيندا هئا پنجاب جي گجرات ضلعي ۾ اها رسم جاري هئي هندو مسلمان زالن کي گهرن ۾ رکندا هئا. اهڙيون غير شرعي رسمون افغانستان تائين پکڙيل هيون اهي عجيب و غريب رسمون شاهجهان جي دور تائين جاري رهيون پيو سبب سياسي هو، سمن جي صاحبي جي زماني ۾ گجرات جي ٻن مکيہ شهر مصطفىٰ آباد ۽ آحمد آباد کان مال سان ڀريل قافلا رحڪمي بازار رستي ٺٽي ڏانهن ويندا هئا جن کي سوڍا سومرا ڪلهوڙا ۽ بلوچ ڦري مال ٿر جي پٽن ۾ لڪائي رکندا هئا بعد ۾ ڪڇ جي جاڙيجن ۽ واگهيلن کي نيڪال ڪري انهن کان هٿيار خريد ڪندا هئا. ڄام نظام الدين جي ڏينهن ۾ ١٤٧٢ع ڌاري ٤٠ هزار بلوچن گجرات جا قافلا لٽيا خاصخيلي ساڻن شريڪ ڪونہ ٿيا، جنهن ڪري ٿرپارڪر ۾ فساد پئجي ويا. گجرات جي بادشاهہ سلطان محمود بيگڙہ ڪڇ جو رڻ ٽپي ٿر تي ڪاهي، ڦورن کي قيد ڪيو ۽ مال پٽن مان هٿ ڪيو ڄام نظام الدين صلح ڪرڻ لاءِ تحفن سان گڏ پنهنجي نياڻي کي محمود بيگڙہ جي خدمت ۾ روانو ڪيو جنهن سمہ شهزادي جي خانديش جي افتخارالملڪ جي پوٽي قيصر خان سان شادي ڪرائي ۽ بلوچ رافضين کي دين حنيفت جي تعليم ڏيارڻ لاءِ پاڻ گجرات وٺي ويو. جتي حنفي علمائن انهن کي تعليم ڏيارن لڳا.★٢٧. وري جيڪي بلوچ گجرات ۾ رهڻ پسند ڪيو تن کي محمود شاهہ سورٺ "نمبر ١" ۾ زمينون ڏنيون بروچن ۽ سنڌين سان خاصخيلين جي جيڪا پهريون دفعو دشمني هن موقعي تي پيدا ٿي تنهن اڳتي هلي خوب رنگ ڄمايو.

★٢٧ ڪتاب ڪيمبري تاريخ هندستان جلد ٢ ص ٣٠٧ سلطان محمود بيگڙه پيڏيسر جي سوڍن کي شڪست ڏئي پنهنجي والده جي يادگار لاءِ اتي سنگ مرمر جي مسجد تعمير ڪرائي هئي جا هينئر ويران آهي. سلطان محمود بيگڙه جي ولده سمہ شاهي گهراڻي خاتون هئي. سنڌ آزاد ايڊيشن ۾ محمود بيگڙا "ٿرپارڪر جي آثار قديمہ" واري مضمون ۾ ٻهمني ڄاڻايل آهي، حقيقت ۾ هو مظريہ گهراڻو جو فاتح بادشاهہ مسٽر اي.ڪاڪس بمبئي ڪاتي جي تاريخ ۾ ڄاڻائي ٿو تہ ٿرپارڪر جا ڪي حصا سلطان موصوف گجرات سان لاڳو ڪيا هئا.

(نمبر ١) سورٺ ڪاٺياواڙ (گجرات) جي ان حصي کي چون ٿا جنهن ۾ جهوناڳڙ رياست آهي.

باب چوٿون

# خاصخيلين کي غلام سڏڻ جي تحريڪ

خاصخيلي فوجي ذات کي پهريون دفعو ٻروچن غلام سڏيو ڇا لاءِ تہ هنن ٿر جي ڏاڙن هٽڻ ۽ واپاري ڪافلن کي لٽڻ خلاف قانون ڄاٽي کو حصو کونہ ورتو هو توڙي جو ٿر جا سوڍا راٺا هن لٽ مار ۾ مسلمان ڏاڙيلن سان ڀائيوار هئا. پورچو گيزن جي سمنڊن تي قبضي هئڻ ڪري صورت جو بندرگاهہ حاجين لاءِ بند ٿي چڪو هو. هندستان جا حاجي ننگر پارڪر ننٿو ۽ مڪران جي خشڪي واري رستي کان حج ڏانهن ويندا هئا، حاجين کي ننگر پارڪر جا سوڍا ڦريندا هئا. خاصخيلين خلاف غلامي جي مهر لڳندڙ تحريڪ مغليہ دور ۾ زور ورتو. ان جا مکيہ سبب هن طرح آهن تہ دهلي جي مغل شهنشاهن جتي سنڌين تي ڊلون مڙهيون هيون سي دهلي جي غلام، خلجي ۽ تغلق سلاطين کان گهٽو ڳريون هيون مثلاً مغلن في کس ”سرشماري“ ٽيڪس نافذ ڪئي هئي. جنهن کان سيد، پناڻ ۽ ٻروچ آزاد هئا. پناڻ ۽ ٻروچ جنگ جون قومون هيون هر وقت فساد ڪرڻ ۽ رستن تي ڦر ڪرن هنن لاءِ آسان ڪم هو. سنڌ جي ڊيلٽا حص وارن هندو توڙي مسلمان زميندارن ۽ جاگيردارن ڏاڙيلن جي سرپرستي ڪندي پاٿاريون

قائم ڪيون هيون تن ڪن بلوچي قبيلن کي واپار جي قافلن جي حفاظت لاءِ زمينون ۽ وظيفا ملڻ لڳا. خاصخيلين کي فوجي ملازمت کان خارج ڪري پروچن پنهنجي جبلي عادت موجب فوجي صورت اختيار ڪئي. سنڌ جو ڏاکڻيون چاچڪان حصو بلڪ مهراڻ جو الهندو حصو اڪبري دور ۾ بلوچي جاگير بنجي ويو انهي طرح ملتان جي لانگاهه سلاطين بہ بلوچن کي فوج ۾ ڀرتي ڪيو هو جن ديره جات جي صوبي ۾ ڪوٽ اَدو، ڊيره غازي خان، علي پور، ڊيره اسماعيل خان، ليا ۽ ٻيا شهر تعمير ڪيا هئا. ڊيره جات جي راڻي بلوچن اڍائي سو ورهيہ ڊيره جات تي حڪومت ڪئي. مغلن کان پوءِ ڪلهوڙن جي لشڪر ۾ فوجي عهدا ٽالپرن هٿ ڪيا جن ١٧٨٢ع ۾ هالاڻي جي فيصلا ڪن جنگ ۾ ڪلهوڙن کي شڪست ڏئي سنڌ فتح ڪئي جنهن کي انگريزي لشڪر ١٨٤٣ع ۾ مياڻي ۽ دبي جي جنگين ۾ شڪست ڏئي سنڌ تي قبضو ڄمايو ٽالپري دور ۾ بلوچ جيڪي حڪمران هئا اهي غير بلوچي سيپني سنڌي قومن کي ”جدگال“ يعني ڄاموٽ يا سماٽ نالو ڏنو ۽ پاڻ کي فخر سان سڏائڻ لڳا.

## مغليہ، ڪلهوڙن، ٽالپرن ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڏينهن ۾ ٻانهن جو واپار ۽ غلامن جي قيمت ۽ قسم

شخصي حڪومتن جي دور اندر غلامي جا گهڻا ئي طريقا رائج ٿيا غلام سلاطين، خلجي ۽ تغلقن جي ڏينهن ۾ برصغير هند

۽ سنڌ کي خاص طور تي بيروني حملن کان خطرو هو جنهن جي ڪري ملڪ اندر فوجي راڄ ۽ هنگامي حالتون جاري رهنديون آهن پر ٻانهن ۽ ٻانهين جو واپار هر صورت ۾ قائم رهندو آيو. اهي ٻانها گهٽو ڪري وچ ايشيا کان واپاري آڻي هن ملڪ ۾ وڪڻندا هئا.

**ملا جي غلامي**: ٻي غلامي جو قسم هو علماءِ دين ملا ۽ صوفين سڳورن جون درگاهون ۽ پيري مريدي جون ڇانيل مسندون ملن جي حڪومت مسجدن جي ميمبر تي قائم هئي، جنهنجا اقوال ۽ اعمال تقليدي هئا. انهن بيروزگارن کي حڪومت زمينون ڏنيون هيون ان مراد سان تہ مسجدن اندر تعليم کي جاري رکن فقها ۽ عملدارن دين جو وڏو حصو اهڙن ماڻهن تي مشتمل هو. وري لطف اهو جو اهي هر وقت پاڻ ۾ دست گريبان رهندا هئا. سندن باهمي معمولي اختلافن ڪري ڪونہ ڪو نئون فرقو پيدا ٿيندو هو. ظاهري اهي پابندِ نيڪ نماز نظر ايندا هئا ليڪن ظاهري جامي هيٺان تزڪيہ ۽ بصيرت قلب نظر ڪونہ پئي آيا.

**"هر ڪہ آمد عمارت نوساخت"**

اڪبري دور جي ٻن عالمن مخدوم الملڪ ۽ ملا عبدالنبي صدر جو احوال تاريخن ۾ ڄاڻايل آهي مخدوم الملڪ ۽ ملا عبدالله سلطانپوري ۽ ملا عبدالنبي هميشہ پاڻ ۾ وڙهندا رهيا آخر وڙهندي وڙهندي جدا جدا ٿي ويا. دنيا جي عشق ۾ ايترو قائل هئا جو اهل الله ۽ امت جي صلحن خلاف ٻئي هڪدم موت جون فتوائون صادر

ڪندا هئا. پاڻ ۾ ٻين ڪي سزائون ڏيارڻ لاءِ متفق ٿي ويندا هئا پر ڪٿي ڪا دنيا جي سڙيل هڏي پيل ڏسندا هئا تہ چنبن ۽ چڪن سان پاڻ ڪي وحشي جانورن وانگي چيريندا ۽ ڦاڙيندا هئا. اوهان ڪي اوتارن ۾ پيار ۽ محبت جون ڳالهيون ٻڌجڻ ۾ ايندِيون ۽ الفت جا ترانہ بہ ٻڌي سگهبا هئا. ليڪن خدا جي مسجدن جي محراب هيٺ رهندڙ پيشوائن ۽ امامن ڪي پاڻ ۾ متفق ۽ متحد ڪونہ ڏسندو وڃون ۽ نانگن جهڙا زهرناڪ هڪڙي سوراخ ۾ گڏ رهي سگهندا پر دنيا پرستي جا عالم ڪڏهن بہ هڪڙي هنڌ گڏ ٿي رهي نہ سگهندي. مخالف خلاف فتوائون ڏيڻ هنن لاءِ آسان ڪم هو اخبارون پڙهي ڏسو حافظ سڳورن ۽ پيش امامن جي ڪڌن ڪرتوتن جي ڳالهہ نظر اهو ئي سبب آهي جو انقلابي خير انديش جمهوري حڪومت مسجدن ۽ درگاهن تي اوقاف ڪاتي اندر آڻڻ لاءِ ڪوشان آهن ۽ پيش امامن جي تعليم جو جائزو وٺي رهي آهي.

**صوفي جي غلامي**: ملن وانگي صوفين جو ٽولو بہ گهٽي عرصي کان موجود آهي ملن ڪي شاعر ڪرام شيخ جي لقب سان نوازيو آهي ۽ صوفي با صفا ڪي زاهد جي لقب سان ياد فرمائين ٿا اڳوٽا پيران طريقت ماڻهن ڪي ظاهر کان باطن ڏانهن متوجہ ۽ دين ڪي مرد مومن لاءِ ذاتي تجزيہ حيات تعمير ڪرڻ ۾ رڌل رهيا تان تہ ماڻهو پيروي ڪندي دين جي حقيقت ڪي تسليم نہ ڪن انهيءَ طرح بعد جي زماني ۾ جيڪي درگاهن جا سجاده نشين آيا سي ماڻهن جي اصلاح، نفس ۽ احياءِ دين بدران دڪاندارن وانگر هلائڻ

لاءِ دين کي دنياوي منافع ۽ ذاتي مفاد حاصل ڪرائڻ لاءِ ڏنڊو بنايائون، امربالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جهڙي اهم فرض کان غافل رهجي ويا پراڻا صوفي درويش اهل علم ۽ اهل دل هئا منجهن محبت جو جذبو موجزن هو، ايتري قدر جو وقت جي جابر شهنشاهن سان بہ ٽڪرجڻ کان ڪين ڊڄندا هئا جيڪو نذر ۽ نياز مريد کين پيش ڪندا هئا اهو غريبن ۽ مسڪينن کي ورهائي ڏيندا هئا ۽ پاڻ هميشہ عشق الاهي ۾ مگن رهندا هئا. پوئين پنهنجي فرقي لاءِ اسلام جي رب العالمين کي رب المسلمين ۽ جي پيغبر رحمت العالمين کي رحمت المسلمين بنائي ڇڏيو جيئن سندن مريد ساڻن هم خيال ۽ هم نوا رهن. انهي طرح نفرت ۽ تڪبر جي بازار گرم ٿئي. بزرگن جي عرسن جي موقعي تي آمدني کي وڌائڻ ملاکڙا، چوڏيل، ناٽڪ، سرگس ۽ چڪلا بہ ڪڙا ڪيائون ۽ سريتن کي بہ رکڻ شروع ڪيائون اڳي بزرگان دين جون اهي درگاهون هندن ۽ گبرن لاءِ ڪشش جو باعث هيون ۽ صوفين جي رواداري ۽ حسن سلوڪ کي ڏسي غير مسلم ڪثرت سان اسلام ۾ قبول ٿيندا ويا بعد ۾ گادي نشين سير وشڪار ۽ سريتن جي صحبت ۾ محو خواب رهيا. خانقاهن تي شعر و شاعري ۽ مولودن جون اڄ بہ محفلون ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون ليڪن اهڙن خوش نوائين جي تہ ۾ روحاني عشق جو جذبو اپري نٿو جو قلب کي گرمائي ۽ روح کي تڙپائي. غرض سجاده نشينن جي باطنيت فقط ”هو حق“ ۽ ڪرامات جو افسانو بنجي ويئي.

**رہا نہ حلقئہ صوفی میں سوز مشتاقی**

**فسانہ ہائے کرامات رہ گئی باقی**

**کریگی داور محشر کو شرمسار اک روز**

**کتاب صوفی و مُلا کی سادہ اوراقی**

دين جي حفاظت ۽ حق جي حمايت ۾ ترار کڻڻ جهاد جو فقط هڪڙو هنگامي پهلو آهي ليڪن حاميان دين لاءِ ڪو ميدان عمل باقي نہ رهيو انهن فقط ڳالهين جي معرڪي آرائي شروع ڪئي ۽ مختلف گروهن ڪي ويڙهائڻ ۽ مريدن ڪي غلام بڻائڻ ۽ ڪانئن نذر، نياز ۽ ڏن حاصل ڪرڻ جو جهاد شروع ڪيائون ۽ وقت جي نزاڪت ڪي فقط ايترو ڄاتائون تہ مريدن ڪي خادمن ڪان ووٽ حاصل ڪري قبرپرستي ڪي وڏيڪ چمڪائڻ لاءِ ڪائونسلن جي ڪرسي هٿ ڪيائون. ڪجهہ ڏينهن انهي داءُ ڪي بہ آزمايائون پر وقت ڪي سمجهي نہ سگهيا. آخر اها گهڙي بہ سندن سر تي اچي نوبت وڃائي جڏهن خير انديش حڪومت درگاهن ڪي اوقاف کاتي ۾ داخل ڪيو.

**گفتی کہ چہ شد قاعد مهر ہ محبت؟**

**رسم کہنے بود بعهد تو برا فتاد!**

# جاگير ۽ زميني داري نظام

شخصي راڄ اندر اڪثر ڏٺو ويندو تہ ملڪ جون سموريون زرخيز زمينون شاهي خاندان جي فردن ڪي حڪومت پاران مليل هيون سومرن، سمن، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي صاحبي اندر اهو رواج قائم رهندو آيو تہ هاري طبقو جو ملڪ جي رهاڪن لاءِ ڪرنگهي وانگر آهي جن محنت ۽ مشقت جي آڌار تي عوام ڪي خوراڪ جون شيون ميسر ٿين ٿيون تن جي محنت تي چند جاگيردار ۽ زميندار عيش جي زندگي ماڻيندا هئا جن وٽ ڪو، محلات ۽ چمڪندڙ موٽرون ۽ سريتون رکيل هيون ۽ اهي آرام جي زندگي بسر ڪندا هئا سرڪاري عملدارن ڪي خوش رکڻ سندن شيوو هيو باقي اسي سڪڙو عوام جن جو ڏنڌو آبادگاري هو اهي زرخريد غلامن وانگي ذليل زندگي بسر ڪندا هئا. سندن جام عزت جاگيردارن زميندارن جي رحم ۽ ڪرم تي منحصر هئي، جيڪي نيري آسمان جي ڇت هيٺان هنن لاءِ خدائي فوجداري جي حيثيت رکندا هئا، اهڙي روبڪار فقط سنڌين ۾ چالو ڪونہ هئي پر مصر، ايران ۽ عرب ۾ بہ ساڳيو حال هو. وري لطف اهو جو جڏهن ڪائونسلن جو سلسلو ملڪ ۾ انگريزن جمهوريت جي ڍونگ سان رائج ڪيو تہ اهي ساڳيا خدائي فوجدار هارين ۽ ڳوٺاڻن جي ووٽن تي ڪرسيون ماڻيندا هئا. هاري پيشاورن جو ساڳيو حال هو جهڙو صدين کان هلندو پئي آيو تنگ ۽ تاريڪ جڳهين ۾ رهڻ جن ۾ غلاظت جا ڍير ۽ هارين جي ٻچن لاءِ نہ تعليم جو ڪو انتظام نہ صحت جو

بندوبست نہ وري دانهن ڪوڪ ڪو ٻڌڻ وارو. ظاهري انسان ڪوٺبا هئا پر حقيقت ۾ زنده لاش هئا جن جو سرڪاري ڪامورا ۽ زميندار رت چوسيندا هئا اهي زميندارن جي حڪم جا بندا چيڙ ۽ بيگر ۾ رهڻ ڪي زميندارن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ جو باعث سمجهندا هئا. ڪنهن ڪي مجال نہ هئي جو چون چان ڪري. جن قومن سپاهيانہ زندگي ڪي ترڪ ڪري آبادڪاري ڏنڊا اختيار ڪيا سي غلام بنجي ويا خاصخيلين جي تاريخ اهڙي ثبوت لاءِ ضامن آهي جيسين سندن رڳن ۾ فوجي جوهر موجود هو اهي خاصخيلي ڪوٺبا هئا. وري جڏهن فوجين مان سندن عنصر نڪري ويو تہ اهي توڙي جي غلام ڪونہ هئا پر پنهنجي غفلت ڪري غلام بنجي ويا ڪو وقت هو جڏهن اهي پنهنجي ايمانداري ۽ اسلامي جوش جهاد ڪري خاص جماعت جي ذمره ۾ شامل هئا ۽ وقت جي حاڪمن ڪين محافظ دستن تي مامور ڪيو هو. وري جڏهن وقت پلٽو ڪاڏو تڏهن حريفن جي نظر ۾ غلام بنجي ويا ايتري قدر جو وڏن جو حاصل ڪيل لقب خاص خيل سڏائڻ کان گريز ڪرڻ لڳا بلڪ وڏن جي حاصل ڪيل امتياز ڪي مٽائڻ لاءِ پاڻ ڪي مومن سڏائڻ لاءِ پهہ پچائڻ لڳا حالانڪہ هر هڪ مسلمان جنهن جو خدا واحد ۽ خدا جي پيغمبر نبي آخر زمان، قرآن حڪيم تي اعتماد آهي نماز، روزو، حج ۽ زڪوات ۽ اسلامي اعمالن تي پابندي آهي اهو مومن آهي سمورا ڪلمي گو ايمان وارا مومن آهن. مسلمانن ۾ عزت ۽ احترام جي لائق اهو شخص آهي جو وڏيڪ متقي. سمورن عبادتن ۽

نيڪين جي پاڙ ايمان آهي جنهن ڪي ايمان نصيب ڪونهي تنهن جي اعمال صالحہ تي اعتبار نہ آهي پير زادن ۽ نواب زادن وانگر جاگيردارن ۽ زميندارن جي وقت جي تقاضائن ڪي ڪونہ ڄاتو نتيجي طور وقت هڪڙي لوڙ سان شاهن جي تاجن کي ٺوڪر هٽي ڪيرائي وڌو نہ رهيو نادر نہ نادري! شخصي راڄ جن جاگيرداري ۽ زمينداري ٿنڀن تي بيٺل هو. اهي زبردست ٿنڀا بہ طوفان جي سٽ نہ جهلي ڪڙڪات ڪندي ڪري پيا ۽ غلام هاري زمينن جا مالڪ بنجي ويا اڳ ارتقاء جون راهون چند ذاتين ۽ خاندانن لاءِ ڪليل هيون اڄ خدا جي وڇايل زمين سڀني لاءِ ڪليل آهي اقبال فرمائي ٿو ٿو.

اٹھو میرے دنیا کے غریبوں کو جگادو
کاخ امرا کی درو دیوار کو ہلادو

دنيا ڏٺو تہ اڄ اشتراڪيت ۽ سرمايہ داري جي سامراجيت دنيا کي ٻن طبقن ۾ وراهي ڇڏيو آهي. جنهن ڪري دنيا ۾ سرد جنگ جاري آهي. سائنس دنيا جي طبقن کي سوڙهو ڪيو آهي ممڪن آهي تہ هڪڙي چٽنگ مان ڪنهن بہ وقت ڀنيٺ ڀري پوي. امن لاءِ ڪانفرنسون هڪڙي طرف ٿي رهيون آهن تہ ٻئي طرف تباهہ ڪن هٿيار دنيا کي تباهي جي ڪنڌيءَ نيئي رهيا آهن. اسان جي انقلابي حڪومت بنيادي جمهوريت جو ان ڪري نئون نظام جاري ڪيو آهي جيئن سموري قوم ملڪ جي تعميري ڪمن ۾ منظم ٿي

پنهنجن صلاحيتن کي اجاگر ڪري. شهنشاهيت جو خاتمو ٿيو آهي صدين جا بيٺڪي راڄ ختم ٿي رهيا آهن ۽ صدين جون غلام قومون آزادي جي فتح تي نمودار ٿي رهيون آهن اهو بين المملڪتي انقلاب اسان لاءِ سبق آموز آهي ۽ وقت للڪاري رهيو آهي تہ غفلت جو دؤر ختم ٿي چڪو آهي ۽ پنهنجي مستقبل کي شاندار بڻائڻ لاءِ جدوجهد کي دل سان لڳي وڃو ۽ انهي ۾ اسان جي امن ۽ خوشحالي جو راز سمايل آهي.

**دگر گون ہے تاروں کی گردش تیز ہے ساقی!**

**دلِ ہر ذرہ میں غوغائی رستا خیز ہے ساقی!**

## غلامن جو واپار

حبشي غلامن جو واپار هر صدي هندوستان سان جاري رهيو. انهن پنهنجي ايمانداري ڪري وڏا عهدا ماڻيا ۽ حڪومتون قائم ڪيون. فوجي عهدن کان سواءِ بحري ملاح بہ هئا. جيتوڻيڪ جنجيرا جي حبشي حاڪم جو پيڙو مشهور هو مصر ۽ شام جا واپاري يمن جي بندر موخا کان جو حبش جي سامهون هو اهو حبشي غلام ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون خريد ڪري هندستان جي نوابن ۽ ۾مغل شهنشاهن کي سوکڙي طور پيش ڪري هندستان جو مال خريد ڪري آفريڪا ۽ الهندي ايشيا ۾ نيڪال ڪري ناڻو ڪمائيندا هئا. حبشي نسل جي لحاظ عرب آهن پر هندستان يا سنڌ ۾ غلام جي حيثيت سان وڪامجڻ ڪري غلام ڪوٺبا هئا.

حبش جي بادشاهہ بہ اورنگزيب وٽ پنهنجي سفير معرفت ٢٥ حبشي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون سوکڙي طور روانہ ڪيا هئا انهن ڏينهن ۾ موخا ۾ في نوجوان حبشي حبشڻ ٻانهي جي قيمت ٢٥ يا ٣٠ ڪرائون هئي. ★٢٨. دولت متحده آمريڪا جي بہ ڪپهہ جي ڦٽين جي چونڊ لاءِ آفريڪا جا حبشي غلام ڪري آمريڪا ڪٽي ويا ٦٥-١٨٦١ع ۾ آمريڪا ۾ جيڪا اندروني جنگ لڳي ان جو سبب شيدين جو واپار هو، جن جو نسل اڄ تائين آمريڪا ۾ موجود آهي جن کي نسلي امتياز ڪري سفيد فارم آمريڪين ڌڪار جي نظر سان ڏسن ٿا. ★٢٩. ١٩٦١ع ۾ ڏکڻ آفريڪا جي بيٺڪي حڪومت کي نسلي امتياز جي وجوهات ڪري دولت مشترڪہ کان ڪڍيو ويو.

## ڪلهوڙا

ايسٽ انڊيا ڪمپني جي راڄ ۾ بمبئي ۾ حبشي غلامن ۽ جارجيا جي خوبصورت ٻانهن جو واپار هلندڙ هو. ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جو ايجنٽ بمبئي ۾ ٻانهن ۽ ٻانهين جي خريداري لاءِ رهندو هو ميان صاحب جي صورت جي ايجنٽ علي نواز خان ٢٠٠٠ هزار روپيہ، ست گهڙيال، ڪي واچون جار جيا جا غلام ڪي حبشي

---

★٢٨ في ڪرائون سڪي جي انگريزي قيمت چار شيلنگ ڇهہ پينس هئي. ڏسو برنيئر جو سفرنالو ص ١٣٥ آرچيبالڊ ڪانسٽيبل ڪمپني ويسٽ منسٽر.

★٢٩ جي.ايف انسٽيڊ ۽ اي.جي آرٽيلر ريجنل جاگرافي ڪپهہ ص ٢١٤ لنڊن. ١٩١٦ع.

ٻانهيون هضم ڪري ويو هو. ايجنٽ جي ٻانهن ميان صاحب انگريزن کان گهري هئي پر انگريز ايجنٽ انڪار ڪيو هو، جنهن تي ميان صاحب اورنگا بندر تي انگريزن جي ڪن جهازن کي روڪيو هو.[٣٠] حيدرآباد جي قلعي تي ڪلهوڙن پاران شالمين حبشي قلعيدار هو.

## ٽالپر

ڪلهوڙن وانگي ٽالپرن جا ايجنٽ بہ غلام خريد ڪندا هئا. هوش محمد حبشي جو پهريان مير صوبدار خان جو خان جو نوڪر هو پوءِ ٽالپرن جي توبخاني مٿان عملدار هو سو ٽالپرن جو خريد ڪيل غلام هو. جنهن مياڻي ۽ دٻي جي جنگين ۾ بهادري ۽ وفاداري جو ثبوت ڏيندي وڙهندي وڙهندي دم ڏنو. مرزا خسرو بيگ ۽ همايون اصل جارجيا جي عيسائي حاڪم گرجين جا پٽ هئا. جنکي آخوند محمد اسماعيل ايران مان خريد ڪري سنڌ ڏانهن وٺي آيو هو. مرزا خسرو بيگ کي مير ڪرم علي خان پنهنجو گوديلو پٽ ڪري نپايو هو جو اڳتي هلي وزارت جي عهدي تي پهتو هو. سوداگرن ايران مان ٻيا بہ ٻہ ڇوڪرا فريدون بيگ ۽ قربان خريد ڪري ميرن وٽ پهچايا هئا. شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ جنهن سنڌي ادب جي خدمت ڪئي، سو مرزا فريدون بيگ جو پٽ هو.

---

[٣٠] ڪتاب جنت السنڌ ليکڪ مولائي شيدائي ص ٥٣٧ سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي ١٩٥٨ع.

باب پنجون

# ملڪ، گدا، گولا

**ملڪ**: خاصخيلين وانگي ملڪن کي بہ غلط فهمي ڪري سنڌ ۾ غلام تصور ڪن ٿا، خاصخيلي جيڪي فوجي زندگي اختيار ڪرڻ وقت سرخيل، خاص خيل ۽ سر سپاهہ سڏبا هئا سي فوجي زندگي ختم ڪرڻ ڪان پوءِ اوج ۽ اقبال وڃائڻ ڪان پوءِ غلام تصور ڪيا ويا تيئن ملڪ جي لغوي معنىٰ آهي ”فرشتو“ محمود غزنوي ڪان وٺي دهلي جي سلاطين ۱۳۹۸ع ۾ امير تيمور جي ڪاهہ تائين ملڪ وڏو فوجي عهدو هو، فقط امير جو عهدو ملڪ ڪان مٿي هو. خاصخيلين وانگر فوجي زندگي ڇڏڻ ڪانپوءِ سنڌ ۾ مٿن مفت غلامي جي مهر لڳي وئي جيتوڻيڪ اتر ۽ الهندي پنجاب وارا ملڪ اڄ بہ نواب ۽ امير دولتمند آهن. الله تعالىٰ قومن جي حالت تيسيتائين نٿو بدلائي جيسين قومون پنهنجي حالتن کي بدلائڻ ڏانهن رجوع نٿيون ٿين. سنڌ جي مرزائن ڏانهن غور ڪريو ايران ۾ ايرانين قاچارن ڪان شڪست ڪائڻ ڪانپوءِ ايران جي وڏن شهرن ۾ غلام ٿي وڪاڻا ۽ سنڌ ۾ بہ غلامي جي حالت ۾ پهتا پر علم پرائڻ ڪري ٽالپري توڙي انگريزي دور ۾ وڏن عهدن تي پهتا. اڄ اصلوڪي خانداني نالي تي سڏجن ٿا. تيئن پنجاب جا ملڪ نواب، دولتمند ۽ وڏن عهدن تي نظر اچن ٿا. ڇا لاءِ تہ وٽن علم ۽ دولت آهي ۽ سنڌ ۾ بدحالي ۽ بي علمي ڪري غلام سڏجن ٿا. غلاميءَ

جي مهر مٿن غفلت ڪري لڳل آهي. ٻي صوت ۾ مرزائن غلام ٿي وڪاڻا تن ڪي ڪو بہ غلام نٿو سڏي. سنڌ ۾ گهڻيون اهڙيون قومون آهن جيڪي پنجاب کان ظاهر ٿيون مثلاً ملڪ، سيال، ڪوکر، تنيا، اعواڻ وغيره.

**گڊا**: گڊا معنیٰ گڊوڊ يعني گڏيل. حبشين عورتن سان مڪرانين يا سنڌين قومن شاديون ڪيون تن جو اولاد ”گڊا“ سڏجڻ لڳو. جرمن ڊاڪٽر گليسر جو گڊن متعلق تحقياتي بيان آهي تہ گڊا اصل حبش کان ميد جهاز ران قوم معرفت مسقط کان پهريان مڪران پهچي وڪاڻا. سي حبشي آهن پر بيڪسي جي حالت ۾ مڪران پهتا ۽ انهن کي حڪمران قبيلن جي سردارن خريد ڪيو تڏهن خدمتگار پيشي ڪري مٿن غلامي جي مهر لڳي وئي مڪران جي درزادن ۽ نقيبن جو بہ ساڳيو حال آهي ڪي مزدوري ڪن ٿا ڪي هاري آهن ڪي موچڪو، ڪنڀارڪو، ڪي واڍڪو ۽ ڪورڪو ڌنڌو ڪن ٿا مگر انهن ساڳن درزادن مان جيڪي پڙهيل آهن سي مولوي ۽ قاضي سڏجن ٿا.

**گولا**: بلوچن ۾ جبلي عادت پيل آهي تہ سنڌي ذاتيون مثلاً لس ٻيلي جا ڄام، سومرا، سمہ وغيره جن صدين تائين حڪومت ڪئي ۽ اهي حڪمران قومون هيون تن کي هڪڙي نالي سان ”جدگال“ سڏين ٿا وري جنگين ۾ جيڪي بہ قومون وٽن قيد ٿي آيون تن کي خدمتگار ۽ پاڻ کي حاڪم سڏائڻ لڳا درزادن، نقيبن، ميدن، گڊن ۽ ٻين ماتحت قومن تي غلامي جي ڇاپ هنيائون ساڳئي

ويڏن گولن سان ڪيائون. جيتوٽيڪ گولا ڪنهن جا ٻه غلام ڪونہ هئا. گولا اصل راڄپوت آهن. گولا لفظ سنسڪرت لفظ ”گلا“ جي بگڙيل صورت آهي جنهن جي معنىٰ آهي ”ڪير“ يعني ڏوڏي سندن گذران چوپائي مال تي هو. گولا وڏي ذات آهي. جا يورپ تائين پکڙيل آهي. يورپ گال سندن شاخ آهي. فرانس جو صدر دي گال زنده مثال آهي. راڄپوت هئڻ ڪري فوجي طاقت رکندڙ هئا. جيڪي پنجاب ۾ رهندا هئا، محمود غزنوي جي ڏينهن ۾ اسلام اختيار ڪيو. سلطان قطب الدين اجمير فتح ڪري حفاظت جو ڪم گولن جي سپرد ڪيو رندن جڏهن سبي فتح ڪيو تہ گولن کي غلام سڏڻ لڳا ١٩ صدي جي آخر ۾ راڄپوتانا ۾ سخت ڏڪر پيو ايتري قدر جو مصيبت جا ماريل زالون ۽ ٻار وڪڻڻ لڳا جيئن ٿالپري دؤر ۾ ڪڇين سنڌ ۾ ٻار وڪيا هئا جن ماڻهن قحط زده زالون خريد ڪيون سي گوليون سڏجڻ لڳيون ۽ ٻار گولا جيتوٽيڪ منجهن ڪي ڪتري ۽ برهمڻ هئا.★٣١.

★٣١ ڪتاب تاريخ راجستان ليڪ ڪرنل جيمس ٽاڊ جلد ١ جاگرافي ڪلڪتو ١٨٩٤ع.

نوٽ: گدا، نقيب ۽ درزاده يورپي محققين جي نظر ۾ ايشيا جا بهترين حمال (مزور) آهن. مسلمانن جي نااتفاقي انهن تي غلامي جي مهر هڻي ڇڏي. نقيب هڪ وڏي قوم آهي تاريخ جي پسمنظر ڏسو انهن نقيبن جي تبليغ ڪري ابو مسلم خراساني بني اميہ وارن جو تخت اونڌو ڪري بني عباس جي سلطنت جو بنياد قائم ڪيو هو. انهي طرح قلات جي بروهي احمد زئي نوابن وٽ غلامن جو هڪڙو ٽولو خدمتگار هو جنهن کي خانزاده ڪوٺيندا هئا. مگر انهن کي خصي ڪيو ويو ان لاءِ تہ حرم جو ڪم ڪار ڪري سگهن.

# مغليہ دؤر ۾ خاصخيلين جا فوجي ڪارناما

خاصخيلين جي فوجي قوت ارغونن ۽ ترخانين جي دؤر ۾ قائم رهندي آئي جيئن مير علي شير قانع ٺٽوي پنهنجي شُهره آفاق تاريخ ۾ ڄاڻايو آهي تہ مرزا عيسىٰ خان ترخان جي وفات کان پوءِ پٽس مرزا محمد باقي سنڌ جي لاڙ صوبي جو حاڪم ٿيو. ترخاني سندس خلاف هٿيا تنهن ڪري هن خاصخيلي قبيلي کي فوج ۾ ڀرتي ڪيو. محمد باقي جي ننڍي ڀاءُ مرزا جان بابا سميجن مان شادي ڪئي هئي، تنهن ارغونن مان شاهہ قاسم ۽ علي شير جهڙا باقي بچيل ارغون جيڪي ٽڙي پکڙي ويا هئا، گڏ ڪري پروسي جهڙو لشڪر ٺاهي ٺٽي تي حملو ڪيائين. هوڏانهن محمد باقي سپاهين ۽ خاصخيلين کي چيو تہ ”ڏينهن اچوڪو آهي جي ڪٽيوسين تہ ملڪ اسان جي ملڪيت آهي نہ تہ ٻي صورت اڳيان ڏجها ڏنل آهن ۽ آرام سان گذارڻ لاءِ ٻي ڪا بہ جاءِ ڪانہ آهي.“ بس پوءِ مڪلي جي مقام ۽ ٺٽي شهر جي وچ تي زبردست خون ريز لڙائي لڳي. محمد باقي جي لشڪر خاصخيلين زبردست حملا ڪري مرزا جان بابا کي شڪست ڏني (ڏسو تاريخ تحفة الڪرام ص ١٥٧ کان ١٦٨ سنڌي ترجمو سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي) بيگلار نامي جي سنڌي ترجمي ۾ ڄاڻايل آهي تہ مٿين جنگ ماه بيگم (محمد باقي جي ماٽيلي ماءُ) جي رهنمائي هيٺ ٩٧٧ھ مڪلي تي لڳي. هئي هن جنگ ۾ مرزا جان بابا ۽ يادگار مسڪين ڪڪرالي ڏانهن ڀڄي ويا هئا ماه بيگم قيد ٿي وئي ۽ مرزا محمد باقي جي

فتح ٿي. جان بابا جي ظلم ۽ قتل جو واقعو تاريخ معصومي ۾ هن طرح بيان ٿيل آهي تہ مرزا جان بابا ۽ يادگار مسڪين خاصخيلين جي پهرين حملي ۾ ڪڪرالي ڏانهن نڪري ويا جو سمنڊ جي ڪنار تي ڄام ڏهيسر جي رهڻ جو هنڌ هو. مرزا باقي ٺٽي جي هڪڙي وڏي پير سيد علي شيرازي کي وچ ۾ آڻي مرزا جان بابا ۽ يادگار مسڪين کي صلح سان هٿ ڪري قتل ڪري ڇڏيو.

## قول فيصل

خاصخيلي پائرن کي منهنجي صلاح آهي تہ دور شاندار کي ياد رکن تہ ڪيئن سندن وڏن مجاهدانا زندگي اختيار ڪري پنهنجي مٿن سان ڪفن ٻڌي شوق جهاد في سبيل الله جي ارادي سان اسلامي لشڪر ۾ شامل ٿي سنڌ، پنجاب، گجرات، دهلي ۽ دکن تائين فتحون حاصل ڪري اوج ۽ اقبال جي منزلن تي پهتا ۽ پنهنجي ايمانداري جي ڪري وقت جي بادشاهن جي دلين ۾ هنڌ ڪري پنهنجي لاءِ خاص خيل جو معزز خطاب حاصل ڪيو ۽ جو سندن پوين تي هن وقت تائين چنبڙيل آهي يعني محافظ فوج جا جانباز سپاهي اوهي پنهنجي وڏن جي سونهري ڪارنامن جا يادگار آهيو. انهي رتبي سان صاف ظاهر آهي تہ اوهان جا وڏا عرب کان نڪرڻ کان پوءِ حڪومت وڃائيندي بہ ديني جوش عمل جي ڪري مغليہ دور تائين يعني ارغونن جي صاحبي جي زمانہ تائين بلند مقام حاصل ڪندا رهيا يعني تہ وٽن ديني علم هو جنهن جي ڪري

هو هر صدي ۾ معزز رهندا آيا. سندن پوين انهيءَ علم کي وساري ڇڏيو جنهن جي ڪري سندن زوال شروع ٿيو. اهو علم آهي قران حڪيم جي تعليم جو نور جو خزانو ۽ برڪتن جو چشمو آهي هن زماني ۾ تعليم مهانگي وڪامجي ٿي ۽ جيڪي دور جديد تعليم پرائي نڪري ٿو تنهن جي عمر عزيز جو اڌ حصو تعليم پرائڻ ۾ گذري ٿو وري لطف اهو جو فارغ التحصيل مغربي تهذيب جي ڍانچي ۾ پلٿجي نڪرن ٿا ڪين علم دينيات ڪان واسطو نٿو رهي اهڙي غلطين جي ڪري موجوده انقلابي حڪومت مدرسن ۾ علم دينيات کي رائج ڪرڻ جو محڪم ارادو ڪيو آهي. اوهان ڏٺو تہ اوهان جي بي علمي مان ناجائز فائدو وٺي ملن اوهان تي غلامي جي ليبل هڻڻ جي ڪوشش ڪئي. ڇا ڪاڻ تہ توهين پنهنجي تاريخ کان بي خبر هئا تنهن ڪري پاڻ کي خاصخيلي سڏائڻ بدران مومن سڏائڻ لاءِ آماده ٿيا. تاريخ قومن جي عروج ۽ زوال کي ڏسڻ سمجهڻ ۽ پروڙڻ لاءِ آئينہ اسڪندري ۽ جام، جمشيد جي مثال وانگي آهي اهڙي غلط فهمي کي مٽائڻ لاءِ مولانا حڪيم نور محمد خاصخيلي جي فرمائش موجب مون هي ڪتاب اوهان جي ذات ۽ ايندڙ نسلن جي رهنمائي لاءِ لکيو آهي جيئن اوهان جي عظيم تاريخي ذات سجاڳ رهي ۽ ڪرتب بازن فريبن جي طلسم سامري کان هميشہ لاءِ آزاد رهي خاصخيلين ڪان سواءِ ٺڳ بازن جي جن ٻين قومن کي غلامي جي طوق پهرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تن جي زنجيرن کي ٽوڙيو ويو آهي، جيئن آئينده جي لاءِ اهي بہ سجاڳ رهن.